
سنيها سپرين جا
(خط)
عيسيٰ ميمڻ
REMEMBER
to use the
POST CODE

# سنيها سپرين جا

(خط)

عيسيٰ ميمڻ

سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري
2018ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا عام ڪجن ٿا


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | سنيها سپرينِ جا (خط) |
| مرتب: | عيسيٰ ميمڻ |
| موضوع: | خط |
| ڇپائيءَ جو سال: | فئبروري 2018ع |
| ايڊيشن: | پهريون |
| تعداد: | 500 |
| ڪمپوزنگ: | عبدالمنان ميراڻي |
| ٽائيٽل: | مرتضيٰ ميمڻ (ڪاتب پريس لاڙڪاڻو) |
| ٽائيٽل تصوير: | هادي بخش ڪنڀر (پوسٽ مين - ڏوڪري) |
| ڇپائيندڙ: | سرسوتي ساهت گهر_ڏوڪري |
| قيمت : | =/208 رپيا |

(ڪتاب جي فرنٽ ٽائيٽل تي تصوير هادي بخش ڪنڀر جي آهي. جنهن ڏوڪريءَ ۾ 25 سال ٽپال ڪاتي ۾ رهي عوام جي خدمت ڪئي آهي.)



رابطي لاءِ:

عيسيٰ ميمڻ

03337555986

# ارپنا:

هيءُ
ڪتاب
ارپيان ٿو
پنهنجي امڙ عائشہ
کي
جنهن جي وجود
بنا
منهنجو وجود
ڪا معنيٰ نہ ٿو رکي.

- عيسيٰ ميمڻ

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”سنيها سپرين جا“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ليکڪ ۽ اديب **عيسيٰ ميمڻ** ڏانهن لکيل خطن جو مجموعو آهي.

”سنيها سپرين جا“ ، مختلف وقتن تي مختلف اديبن، شاعرن، سماجي ۽ سياسي ڪارڪن جي لکيل خطن تي مشتمل آهن. هنن خطن مان نہ صرف سنڌ جي سماجي، ادبي ۽ سياسي حالتن جو اولڙو پسي سگهجي ٿو، جيڪو اڳتي هلي تاريخ جوڙڻ ۾ پڻ ابتدائي مواد جي صورت ۾ ڪم ايندو. جنهن سان نئين نسل ۽ تاريخدانن لاءِ ڪنهن قدر مدد ملي سگهي ٿي.

هي ڪتاب سرسوتي ساهت گهر ڏوڪريءَ پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري عيسيٰ ميمڻ جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سَٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| * اداري پاران | ادارو | 6 |
| * پنهنجي پاران | عيسيٰ ميمڻ | 7 |
| * مهاڳ | رسول بخش منتظر سومرو | 9 |

**سنيها سپرين جا**

| | | |
|---|---|---|
| 1. اسرا ر شام | چوڏهن خط | 17 |
| 2. در محمد پنهور | هڪ خط | 56 |
| 3. هارون چنو | هڪ خط | 57 |
| 4. ادل سومرو | هڪ خط | 58 |
| 5. مختار سولنگي | هڪ خط | 59 |
| 6. محسن ٻيهر | هڪ خط | 60 |
| 7. سرڪش سنڌيءَ ٻيا | هڪ خط | 62 |
| 8. ذوالفقار سيال ۽ ٻيا | هڪ خط | 65 |
| 9. رياضت ٻرڙو | هڪ خط | 68 |
| 10. اصغر سجاڳ سنڌي | هڪ خط | 70 |
| 11. احمد ضياء | هڪ خط | 73 |
| 12. ستار سومرو | هڪ خط | 74 |
| 13. مقصود گل | هڪ خط | 75 |
| 14. سومرو شبير احمد | هڪ خط | 78 |
| 15. عباس سارنگ | ٻه خط | 81 |
| 16. اعجاز اسد پليجو | هڪ خط | 83 |
| 17. وفا عرس پارابي | ڇهه خط | 85 |
| 18. علي بخش پنهور | پنج خط | 97 |

| | | |
|---|---|---|
| 19. وفا مولا بخش قمبراڻي | چار خط | 107 |
| 20. منظور ابڙو | ٻہ خط | 119 |
| 21. اسد پتافي | هڪ خط | 121 |
| 22. محمد رفيع لغاري | ٽي خط | 122 |
| 23. ذوالفقار گاڏهي | هڪ خط | 126 |
| 24. اثر امام | هڪ خط | 128 |
| 25. منصور رمضان عباسي | هڪ خط | 130 |
| 26. ارشد نواب ميراڻي | هڪ خط | 133 |
| 27. عرفان موريو | چار خط | 135 |
| 28. وفا صالح راڄپر | هڪ خط | 142 |
| 29. آزاد جروار | هڪ خط | 143 |
| 30. غلام عباس گوپانگ | هڪ خط | 146 |
| 31. انور خاصخيلي | هڪ خط | 148 |
| 32. نويد ناز پيٽي | ٻہ خط | 151 |
| 33. ستار ملڪ | هڪ خط | 155 |
| 34. منير ايس سومرو | هڪ خط | 157 |
| 35. ڪامران سومرو | هڪ خط | 159 |
| 36. امام بخش ٻُٽُ | هڪ خط | 160 |
| 37. طفيل سوهو | هڪ خط | 161 |
| 38. عبدالوحيد جوڻيجو | هڪ خط | 164 |
| 39. ڪاشف سنڌي | هڪ خط | 166 |
| ❊ جيل جا خط ❊ | ڏهہ خط | 171 |

## اداري پاران

سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري پاران هيءُ چوويهون نمبر ڪتاب آهي. جيڪو عيسيٰ ميمڻ ڏي لکيل خطن جو مجموعو آهي. خط دنيا جي ادب ۽ تاريخ ۾ تمام گهڻي اهميت رکن ٿا. خطن ذريعي نہ صرف انساني جذبن، خيالن سوچن جو بهترين ۽ آسان اظهار ٿئي ٿو پر سياسي، سماجي، معاشي ۽ ثقافتي حالتن جو عڪس بہ پيش ڪن ٿا. جڏهن اجان انفارميشن ٽيڪنالوجي ترقي نہ ڪئي هئي تڏهن انسان پنهنجي رابطي لاءِ جيڪي وسيلا پيدا ڪيا، انهن مان خط هڪ اهم وسيلو هيو جنهن جي اڄ جي ترقي يافتہ دور ۾ بہ اهميت ختم ٿي آهي ۽ نہ گهٽي آهي. اهو ضرور ٿيو آهي تہ ان پنهنجي شڪل تبديل ڪئي آهي جديد ٽيڪنالوجي جي صورت ،جنهن ۾ اِي ميل، SMS، واٽس ايپ، ميسينجر، IMO, وغيره شامل آهن. اڄ دنيا جي وسيع ترين آبادي رابطي جا جديد ذريعا استعمال ڪري ٿي ڇاڪاڻ تہ اهي ذريعا جلدي، تڪڙو ۽ آسان ٿي پيا آهن. اهو الڳ سوال آهي تہ جديد ٽيڪنالوجيز پيغامن جي عمر گهٽائي آهي پر ان جي اهميت اڄ بہ برقرار آهي ۽ رهندي.

هيءُ خطن جو مجموعو ”سنيها سپرين جا“ ، مختلف وقتن تي مختلف اديبن، شاعرن، سماجي ۽ سياسي ڪارڪن جي لکيل خطن تي مشتمل آهن. هنن خطن مان نہ صرف سنڌ جي سماجي، ادبي ۽ سياسي ۽ حالتن جو اولڙو پسي سگهجي ٿو، جيڪو اڳتي هلي تاريخ جوڙڻ ۾ پڻ ابتدائي مواد جي صورت ۾ ڪم ايندو. جنهن سان نئين نسل ۽ تاريخدانن لاءِ ڪنهن قدر مدد ملي سگهي ٿي. اسان هميشہ وانگر ڪوشش ڪئي آهي تہ پنهنجي اداري پاران ڪتاب جي معيار تي ڌيان ڏيون ان ڏس ۾ ڪيترا سوپارا ٿيا آهيون ان جو احاطو اوهان پڙهندڙ ساٿي ئي بهتر انداز ۾ ڪري سگهو ٿا ان ڪري هميشہ وانگر اوهان جي راءِ جو انتظار رهندو.

ادارو

سرسوتي ساهت گهر_ ڏوڪري

ضلعو لاڙڪاڻو

## پنهنجي پاران

مون جڏهن ادب ۾ سياست جي پيچرن تي هلڻ جو فيصلو ڪيو هو ان وقت هوش کان وڌيڪ جوش حاوي هيو. جڏهن ادب جي راهن تي هلڻ شروع ڪيوسين ته جيڪي اسان جا سينئر هئا انهن پنهنجي مرضي سان هلڻ بجاءِ ڪنهن هڪ خاص دائري ۾ هلڻ جي لاءِ هدايتون ڏيڻ شروع ڪيون. جڏهن مون پنهنجن دڳن تي هلڻ جو فيصلو ڪيو ته اهي ساڳين ئي مهان اديبن ۽ دانشورن راهن ۾ رڪاوٽون وجهڻ شروع ڪيون. انهن حتي الامڪان ڪوشش ڪري ته مون کي کوهه جي ڏيڏر جيان بند ڪري آسمان ڏيکارڻ شروع ڪيو. جنهن کان مون انڪار ڪيو. جنهن جي سزا اڄ به مون کي ملي رهي آهي. مون پنهنجي سموري سفر ۾ پنهنجي دامن کي بچائي هلڻ ۾ پنهنجي ڪردارکي هن سماج جي بهتريءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي زندگيءَ ڪليل ڪتاب وانگر آهي ان ۾ جيڪڏهن ڪي پروف جون غلطيون آهن ته اهو الڳ سوال آهي باقي ”مون هن سماج کان وٺڻ بجاءِ ڏيڻ “ کي ترجيح ڏني آهي. مون وٽ پنهنجي ذات کان وڌيڪ هن سماج جو درد وڌيڪ اهميت رکي ٿو. منهنجي درد جي دوا هن سماج سان وابسته آهي. هن راهه ۾ پراون کان وڌيڪ پنهنجن زخم وڌيڪ ڏنا آهن. مون اهي زخم به جهولي جهلي قبول ڪيا آهن. ڇاڪاڻ ته مون کي خبر آهي ته هن سماج ۾ هرنواڻ کي قبولڻ ڪرڻ جا دوازا بند رهيا آهن, ڪنهن به ڇڪور جو انڌياري ۾ اڏرڻ ڏوهه آهي. مان قبول ٿو ڪريان ته هن سماج جي اڏوهي کاڌلن جي پٺيان هلڻ جو گناه مون کان نه ٿيندو. ان ڏس ۾ جيڪا به سزا ملي آهي اها ته قبول آهي پر هر ايندڙ سزا لاءِ مان ذهني طور تي تيار آهيان.

هن سفر ۾ جن دوستن سان منهنجو قلمي ، ذاتي توڙي جيڪو ادبي رشتو قائم رکيو آهي ان رشتي جو اظهار خطن جي صورت ۾ جن بہ ڪيو آهي اهي خط اٽ سئو جي لڳ ڀڳ مون کي لکيا ويا آهن . جيڪي مون وٽ محفوظ آهن جن مان ڪجهہ چونڊ خطن تي مشتمل ڪتاب ”سنيها سپرين جا“ جي نالي سان اوهان جي هٿن ۾ آهي. هنن خطن ۾ جيڪوڪجهہ دوستن لکيو آهي اهو جيئن جو تيئن برقرار رکيو اٿم. انهن ۾ ڪجهہ ذاتي معاملن کي ايڊٽ ڪيو اٿم. ڇاڪاڻ تہ ذاتي خط جڏهن پبلڪ تائين پهچن ٿا تہ ان ۾ ڪجهہ ضروري رازن ۽ ڳالهين جو خيال رکڻ ضروري سمجهيو. هن ڪتاب کان سواءِ تحقيقي مقالن ۽ مضمون جو 400 صفحن تي مشتمل ڪتاب ۽ ايم فل جي ٿيسز جو مقالو پڻ ڇپائيءَ جي تيارين ۾ آهي. جن کي پڻ جلد آڻبو. ان کان سواءِ ڏوکري جي سياسي، ادبي ۽ سماجي تاريخ تي مشتمل ڪتاب تي پڻ گهڻي وقت کان وٺي ڪم ڪري رهيو آهيان. اهو ڪتاب پڻ هڪ ٿيسز جيتري اهميت رکي ٿو. ان تاريخ کي پڻ محفوظ ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. ايم فل ڪرڻ کان پوءِ پي ايچ ڊي ڪرڻ جو خواب ساپيان جي انتظار ۾ آهي. مون کي اميد آهي تہ اهو خواب ساپيان ضرور ٿيندو. هن ڪتاب جي حوالي سان جن دوستن صلاحون ، رايا ڏنا انهن سڀني جو ٿورائتو آهيان ۽ هميشہ ٿورائتو رهندس.

اوهان جو پنهنجو

عيسيٰ ميمڻ

مهاڳ

## جوڳين جوڳُ جڳاءِ

ادبي دنيا جي کيتر ۾ هڪ روشن ستارو عيسيٰ ميمڻ، جنهن شعوري عمر جي ٿوري عرصي ۾ ادبي حلقي ۾ انيڪ ڪم ڪري پاڻ مڃايو آهي. عيسيٰ جي ذهني اوسر ۽ ارتقا ايئن آهي جيئن نئين جو پاڻي، جيڪو سسئيءَ وانگر پيير پٿون ڪري، پٿرن مان پنهنجي لاءِ پاڻ رستا ۽ پيچرا ٺاهيندو آهي ۽ کوڙ سارن اڻ اسرندڙ ٻوٽن کي پاڻي مهيا ڪري، انهن ۾ ساوڪ ۽ ڦل جو جياپو بخشيندو آهي. اسان وٽ ڪيترائي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي وقت ۽ حالتن جي انتظار ۾ ساڪن رهندا آهن ۽ موقعي جو انتظار ڪندا آهن . ليڪن هي يار هڪ اهڙو شخص ۽ ڪردار آهي، جيڪو ڪيرٿر جهڙي اٽانگي جبلن ۾ ڏکين وقتن، لمحن ۽ حالتن مان به ارتقائي گس ٺاهي پار پوندو آهي.

عيسيٰ جو جنم ڏوڪري تعلقي (هاٽوڪي باڪراٽي) جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڪوهارا ۾ 9 جولاءِ 1985ع ۾، هڪ پورهيت ۽ ڏنار الله ڏني ميمڻ جي گهر ۾ ٿيو. جنهن عمر جي ننڍي حصي ۾ ئي ادبي دنيا ۾ پير پاتو ۽ پنهنجو الڳ مقام ٺاهي ورتو.هن رواجي تعليم پرائمري اسڪول ۽ هاءِ اسڪول ڏوڪريءَ مان حاصل ڪئي ۽ سال 2006ع ۾ سنڌي ادب ۾ ايم –اي فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين، ان سان گڏوگڏ وڪالت ( ايل ايل بي) جي ڊگري پڻ حاصل ڪيائين.

سال 1998ع ۾ ٻاراڻي ادب سان لکڻ سان ادبي سفر جو آغاز شاعري، اخباري ڪالم ۽ مضمون لکڻ سان ڪيو. ازانسواءِ عوامي آواز اخبار جي ٻارن واري صفحي "جوت" ۾ پڻ سندس تخليقون شايع ٿينديون رهيون جن ڪيس ادبي دنيا ۾ نئين سڃاڻپ ڏني ۽ انهيءَ دوران سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪري ۾ پڻ سرگرم ٿيو. 2002 ۽ 2003ع ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪريءَ جو ٻه دفعا سيڪريٽري ٿيو. ان دور ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪريءَ ۾ هن زبردست سرگرميون ڪيون. جيڪي ڏوڪري جي تاريخ جو اهم رڪارڊ آهن. ڪجهه ذاتي مسئلن جي ڪري عيسيٰ ميمڻ ڏوڪريءَ کان هجرت ڪري لاڙڪاڻي شهر ۾ اچي هڪ مسواڙي جڳهه ۾ رهائش اختيار ڪئي آهي ۽ گذريل ڏهن

سالن کان وٺي پنهنجي ڪتنب سان گڏ مسواڙي جڳهن ۾ گذاري رهيو آهي.
لاڙڪاڻي لڏي اچڻ کان پوءِ به هن کي سڪون سان ويهڻ نه آيو ۽ ادبي ۽ سماجي حلقي ۾ شامل ٿيو ۽ ايئن سال 2013_14 ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ لاڙڪاڻي جو سيڪريٽري چونڊجي ويو. جتي پڻ بهترين ڪردار ادا ڪيائين. ان کان سواءِ 2006 ۽ 2007ع ۾ سنڌي ادبي سنگت ضلع لاڙڪاڻي جي ترجمان رسالي "سنگت سماچار" جو جوائنٽ ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيو اٿس ۽ ڪراچيءَ مان ماهوار ادبي رسالي "سارنگ" جو پڻ جوائنٽ سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين. سنڌو ماٿري جي عظيم تهذيب مهين جو دڙي جي تحفظ لاءِ ادل سولنگي، عزيز منگي ۽ علي بخش پناڻ سان گڏجي "مهين جو دڙو اڪيڊمي آف سنڌ" جو بنياد رکيائين . جنهن پليٽ فارم تان هن تهذيب جي تحفظ لاءِ پڻ مثالي جدوجهد ڪئي ۽ جڏهن ته اڪيڊمي جي ترجمان پرچي "سمبارا" جو ايڊيٽر پڻ رهيو آهي . شاگردن ۾ تعليم ۽ سماجي شعور پيدا ڪرڻ ينگ ايجوڪيشنل سوسائٽي جو 2003ع ۾ پڻ بنياد رکيائين . ڏوڪري ۾ خانگي سطح تي اسوا لائبريري پڻ سندس ڳٽپ جوڳو ڪردار رهيو اهي. 2012ع ۾ سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري جو بنياد رکي "پنهنجي مدد پاڻ" تحت ڪتابن جي ڇپائيءَ جو ڪم شروع ڪيائين. ڏسندي ڏسندي تمام ٿوري عرصي ۾ 30 ڪتابن جي لڳ ڀڳ سنڌي ادب کي معياري ڪتاب ڏئي چڪو آهي. جن ۾ "مهين جو باغي" ، ڪامريڊ غلام قادر جوٽيجو جي شخصيت تي ڪتاب. ٻيو نمبر منهنجو شاعريءَ جو ڪتاب "اڻپوري ڪويتا"، جي_ايم سيد جون يادگار تقريرون "پرھ جو پيغمبر"، سياست، تاريخ ۽ ڪردار ( عيسيٰ ميمڻ جو ڪتاب)، سياسي تعليمي نصاب ( ڊاڪٽر مير عالم مري جو ڪتاب)، سياست، سماج ۽ آزادي (خالد چانڊيو جو ڪتاب)، سماج ۽ ادب جو سفر (سرور منگيءَ جو ڪتاب)، بند اکرين جو پاڪر (شمير سومري جي شاعري جو ڪتاب)، خانه بدوش لفظن جا قافلا (ادل سولنگيءَجي شاعري جو ڪتاب) ارپڻ کان رهجي ويل محبت ( وفا صالح راڄپر جي ڪهاڻين جو ڪتاب) هدايت منگيءَ جا ٻن اهم ڪتابن سميت ڪل 30 ڪتاب شايع ڪرايا اٿائين.عيسيٰ ميمڻ کي مختلف ادبي ۽ علمي خدمتن جي عيوض مجتا اعزاز ۽ سندون به ملي چڪيون

آهن. جن ۾ سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن حيدرآباد پاران ٻاراڻي ادب جي خدمت طور سنڌ جي ڏاهي محمد ابراهيم جويي جي صحيءَ سان ”ميتا سند“، 2004ع ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪري پاران ”سنگت جو بهترين ورڪر ايوارڊ“، سنڌي ادبي سنگت مرڪز پاران 2013ع ۾ سنگت جي بهترين ڪارڪردگي سند، 2017ع ۾ سنڌي ادبي سنگت ضلعي لاڙڪاڻي پاران ادبي خدمت عيوض ”ميتا ايوارڊ“ 2017ع ۾ سنڌ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پاران تعليمي خدمتن عيوض ايوارڊ ۽ ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي لاڙڪاڻي پاران 2018ع ۾ ”تاريخ، ميتا ايوارڊ“ پڻ شامل آهن.

عيسيٰ ميمڻ صبح جو گهران نڪرندو آهي ته پيهر شايد ماني کائڻ لاءِ ئي گهر ويندو آهي، باقي سمورو وقت ڪتابن کي پڙهڻ ، لکڻ ۽ ادبي سرگرمين ۾ وقت مصروف رهي ٿو ۽ رات جو به گهر تڏهن ويندو آهي جڏهن گهر جا سڀ ڀاتي ننڊ ڪري ويندا آهن بالخصوص شام جو وقت ته اهڙو هوندو آهي جڏهن لاڙڪاڻي جا اديب خاص ڪري عزيز منگي، قاسم ڪيهر ۽ عادل عباسي، مهراڻ هوٽل تي چانهه جي ڪٽ تي ايئن گڏ ٿيندا هئا. جيئن پراڻي دور ۾ حيدرآباد جا اديب فناز هوٽل تي گڏ ٿيندا آهن ۽ جڏهن دوست لاڙڪاڻي ۾ مهراڻ تي گڏبا آهن ته هڪ ٻئي کان عيسيٰ لاءِ ائين پڇا ڪندا آهن جڻ عيسيٰ ڪو سندن پنهون هجي جيئن لطيف سائين فرمايو آهي ته :

ڪنڌيءَ اپيون ڪيتريون، ساهڙ ساهڙ ڪن،
ڪني سانگو ساه جو، گهوريس ڪيو گهڙن،
ساهڙ سندو تنِ، گهاگهائي گهرن جي.

مون کي ته ڏاڍو تعجب لڳندو آهي ته عيسيٰ ايترا ڪم هڪ ئي وقت ڪيئن ڪندو آهي، جڏهن ته سندس جياپي لاءِ جڪ ننڍڙي نوڪري J.S.T جي آهي، جنهن جي پگهار مان مسواڙ جي گهر ۾ رهي ٿو. گهر ڀاتين جي سهائتا ڪري ٿو ۽ مسلسل تعليم به حاصل ڪري ٿو. هن وقت شاه عبداللطيف يونيورسٽيءَ خيرپور مان”جيلن ۾ لکيل سنڌي ادب “ جي موضوع تي ايم - فل ڪري پيو ۽ پي ايچ ڊي سندس زندگيءَ جو سڀ کان وڏو خواب آهي توڻي جو

سندس ذاتي زندگيءَ ۾ چئني طرفن کان سسئيءَ وارا سور ۽ عذاب اٿس پوءِ بہ جستجو جو اتساه ۽ ويساه رکي ٿو. جيئن ڀٽائيءَ فرمايو آهي تہ :

اٺ ويري، اوٺار ويري، ويري ٽيڙم ڏير،
چوٿون ويري واءُ ٿيو جنهن لٽيا پنهونءَ پير،
پنجون ويري سج ٿيو جنهن الهي ڪئي اوير،
ڇهون ويري ڇپر ٿيو جنهن سوان ڪيان سير،
ستون ويري چنڊ ٿيو ڪڙيو نہ وڏيءَ وير،
واهيري جي وير، ڇلون ڪريان ڇپرين.
(شاه)

مطلب تہ جتي گهر پنهنجو نہ هجي، گهرجا ٻار هن معاشي بدحاليءَ جي دور ۾ ايترا هجن جو ماڻهو خودڪشي پيو ڪري يا پوڙها ۽ ٻار پيا ڪپائن يا ڊليورين جون نشانيون اسپتالن جي ڊيرن مان ملن ۽ جيئڻ جو ٻيو ڪو سهارو نہ هجي . نہ زميندراي نہ صنعتڪاري، نہ ڪا موروثي ملڪيت . نہ اجهو نہ اپل، اتي سج ابرڻ کان وٺي رات جي چنڊ لڙڻ تائين، رڳو جفاڪشي هجي، وک وک تي سسئيءَ وارو پيرين پنڌ هجي ۽ ٻيو ڪو اوهي واهي نہ هجي پوءِ بہ اڳتي وڌڻ جو اتساه نہ رڳو پاڻ وٽ رکي بلڪ ٻين نوجوانن کي جاڳائي- اڳتي ڪٽي هلي، نہ صرف عام زندگيءَ ۾ پر ادبي کيتر ۾ بہ ، پوءِ چو نہ ادبي سنگت جون سرگرميون هجن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بقا واري تحريڪ هجي، تہ بہ پاڻ ٻين دوستن کان اڳ کان اڳ ڀرو هوندو آهي پوءِ ڀلي ان ۾ ڪيتريون ئي رنڊڪون اڳيان هجنس ان جو ڪو اونوئي نہ ڪندو.

تاريخ فرد واحد جي داستان ڪونهي ڪا، بلڪ فردن يا ماڻهن جو انساني سماج جي اندر ڪردار آهن ۽ انساني معاشري ۾ تحرير جو فن نهايت اهم رهيو آهي اهڙي طرح خط لکڻ ۽ ان جي رسائي، خواه قانون نافذ ڪرڻ، جنگين جا پيغام پهچائڻ يا ڪي محبت جا سنيها موڪلڻ هجي، قديم دنيا جي تهذيبن مان هڪ اهم ڪم رهيو آهي ۽اهڙيءَ طرح عيسيٰ جو هيءُ نئون ڪتاب، ”سنيها سپرين جا“ جن ۾ سندس ڏانهن ڪيترن ئي دوستن ۽ خطن ذريعي پنهنجو حال احوال اوريو آهي. جيڪو شايد هن ٽيڪنالوجيءَ جي دور ۾ موبائل

ميسيج، واٽس ايپ يا e_mail ذريعي نہ ٿو ڪري سگهجي. ان لاءِ يا تہ روبرو ويهي ڪچهريون ڪجن يا وري پراڻو روايتي ۽ تهذيبي خطن جو سلسلو رکجي. هنن خطن ۾ عيسيٰ سان جتي ڪيترن ئي دوستن ۽ يارن ادبي ۽ سياسي گفتگو ڪئي آهي تہ ڪٿي ميارون ۽ ڏوراپا پڻ ڏنا آهن تہ ڪٿي وري سنڌي ماڻهن جي سماجي ۽ سياسي بيهڪ جي ڳالهہ ڪئي آهي. جديد دور ۾ خطن جو رواج بنهہ گهٽجي ويو آهي پر ان جي باوجود بہ ، جن دوستن عيسيٰ کي خط لکيا آهن انهن جس لهڻو جن نہ صرف عيسيٰ ڏانهن اهڙا سياسي، سماجي، رومانوي ۽ مياري خط لکيا آهن پر ادب جي دنيا ۾ هڪ زبردست اضافو پڻ ڪيو آهي. جن ۾ اسرار شام، در محمد پناڻ، ادل سومرو، منظور سولنگي، سرڪش سنڌي، رياضت برڙو، اصغر سجاڳ، مقصود گل، هارون چنو، محسن ٻبر، ستار سومرو، سومرو شبير احمد، عباس سارنگ، اعجاز اسد پليجو وفا عرس پارابي، علي بخش پناڻ، وغيره شامل آهن. علي بخش پناڻ جي خطن ۾ تہ تصوف جي اپٽارہ شاندار نموني ٿيل آهي. ان کان سواءِ جيل جي عرصي جا پڻ خط تاريخ جو حصو آهن.

عيسيٰ هڪ جڳت ڪندڙ جوڳي آهي. جنهن لاءِ ڀٽ ڌڻيءَ فرمايو آهي تہ:

جوڳين جوڳ جڳاءِ، جوڳ پڻ سونهين جوڳين،
جوڳين سنڌي جان ۾، ڳجهہ ڳهاندڙ آه،
هاءِ! مونهين کي واءِ، جا آءٌ جوڳ نہ سکي. (شاه)

مطلب تہ جڏهن بہ مان هن کي ڏسندو آهيان تہ هٿ ۾ ڪتاب يا بغل ۾ ٿيلهو هوندو اٿس ۽ جڳت ۾ هوندو آهي جيڪا اسان وٽ ڪو نہ آهي يا سکي نہ سگهيا آهيون. بهرحال عيسيٰ ميمڻ جون اهڙيون ڪاوشون ۽ ڪوششون اميد تہ سدائين رهنديون ۽ اهڙيءَ طرح سنڌي ادب ۾ اضافو ڪندو رهندو جيڪو اسان سميت لاءِ نيئن نسل لاءِ پڻ لاياڻتو ٿيندو.

ساٿ سلامت

**رسول بخش منتظر سومرو**

بنگل ديرو-لاڙڪاڻو

14.02.2018

# سنيها سپرين جا

(خط)

(1)

18.04.1996

حيدرآباد

باشعور پتڪڙا ڀاءُ محمد عيسيٰ ميمڻ

شل شعور سان موچارو ماڳ ماڻيو.

خوبصورت پر بازار مان خريد ڪيل پيڊ تي ڏوڪري جي امن مان 2.04.1996ع تي لکي روانو ڪيل اوهان جو خط ”جوابي لفافي“ ساڻ دهشتگردي جي فضا جي ور چڙهيل اباڻڪي شهر حيدرآباد ۾ 8.04.1996ع تي پهتو.

ٻالڪ ادب جي حوالي سان پهريون باظابطا خط لکڻ ۽ جواب طلبي لاءِ شعور جو مظاهرو ڪندي جوابي لفافو موڪلڻ لاءِ ”ٿورا نہ ٿورا, مون تي ماروئڙن جا“.

(هاڻ اوهان جي مختصر خط جو پيرائتو جواب ” ترجيحي بنيادن “ تي حاضر آهي. اميد تہ اوهان کي شعور جو گس ضرور ڏيندو!؟)

1) اوهان جو وري بہ ٿورائتو آهيان جو اوهان ” ٻالڪ ادبي پمفليٽ“ جون ڪجھ فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون ڪرائي واسطيدار جاين تي لڳائي پهرين وک ۾ ٻالڪ ادب دوستيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي. البت ساڳي اميد ڪندس تہ هن خط ساڻ شامل ڪيل پمفليٽ, جنهن ۾ اوهان اسڪول جو ڏس پتو لکيو آهي, پيهر فوٽو اسٽيٽ ڪرائي ساڳين واسطيدار جاين تي لڳائڻ جو ضرور اهتمام ڪندا تہ جيئن ڏوڪري جي ٻارڙن کي پتو پوي تہ کين ڪتان ڪتاب هٿو هٿ ملي سگهن ٿا؟ وغيره.

2) ٻي سهڪاري وک ۾ اوهان سنڌم پورهئي سان سجايل ڪتابن جون 8 ڪاپيون موڪلڻ جو حڪم ڪيو آهي. جيتوڻيڪ پمفليٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 10 عدد ڪاپين گهرائڻ جي اپيل ڪيل آهي. جڏهن ته پوسٽ ذريعي گهٽ ۾ گهٽ ڏه ڪتاب موڪلڻ اسان جي اداري جي مجبوري ۽ ضرورت آهي. ان ڪري اميد ڪندس ته پنهنجي انفرادي صلاحيت سان 2 وڌيڪ ميمبر ڪري 10 ڪتاب گهرائيندا ته اوهان کي مڃتا ڏيندي هڪ ڪتاب وڌيڪ بغير ڪنهن قيمت جي ڏنو ويندو. ٻئي طرف اوهان چاهيو ته پنهنجي اسڪول جي ڪنهن به هڪ استاد محترم، جيڪو ٻالڪ ادب جي علمي ادبي اهميت کي سمجهندڙ هجي، کان پڻ تعاون حاصل ڪري نتيجي ۾ ٻيڻ ٽيڻ تي ڪتاب گهرائي سگهو ٿا!

3) اوهان هنن ڳالهين سان اتفاق ڪرڻ کان پوءِ ڪهڙي طريقي تحت ڪتاب گهرائيندا ؟ ان متعلق فارم شامل ڪريان پيو.

4) سنڌم پورهئي سان سجايل ڪتاب مواد جي لحاظ کان ڪهڙي قسم جا آهن؟ مطالعي لاءِ ڪتاب ڪڙي 29، جيڪا هن وقت ورهاست جي آخري مرحلن ۾ آهي،تي ڇپيل تبصرو پيش ڪريان ٿو ته جيئن اوهان جي علم ۾ رهي!؟

5) چاڻ ڏيندا ته اوهان ٻيا ڪهڙا ڪهڙا ٻاراڻا رسالا پڙهندا ۽ گهرائيندا آهيو؟

مان پنهنجوموقف پيش ڪيو آهي. هاڻ اوهان ڪتاب گهرايو يا نه گهرايو مرضيءَ جا مالڪ آهيو. البت هيءَ گذارش ضرور ڪندس ته هيءُ خط پنهنجي والدين کي ڏيکاري سندن رضامندي ۽ اجازت سان اخلاقي طور اهڙي ريت جواب ضرور لکندا جو ڪا به ڳالهه رهجي نه وڃي.

چاڪاڻ تہ وقت جي کوٽ هجڻ ڪري ٻيهر سمجهاڻيءَ سان خط لکي جواب ڏيڻ مشڪل ٿو پيانيان.

- تڙ تڪڙ ۾ لک پڙه ڪرڻ بہ مجبوري اٿم. ڇو تہ خط لکندڙ سوين ٻار هوندا آهن, جڏهن تہ جواب ڏيندڙ مان اڪيلي سر هوندو آهيان.
- تازو سندم ادا وڏو فوت ٿي وڃڻ ڪري (ڏيهاڙي جيان) حيدرآباد ڪان ڏهاڪو ڪن ميل تندو ڄام ۾ اوسيئڙو ڪندڙ جيجل وٽ بہ ريل رستي پهچڻو اٿم. اوهان معصوم آهيو دعائن ۾ شامل ڪندا تہ پاڻ لاءِ آخرت جو ڇوٽڪارو سمجهندس.

اوهان جو
اسرار شام

(2)

12.05.1996

حيدرآباد

ادل عيسيٰ ميمڻ

سڪي هجو شال

وعليڪم سلام

جيئي لطيف ، جيئي لطيف جي ڌرتي

اوهان جا ٻہ جدا جدا خط ۽ ڏهن ڪتابن لاءِ سٺ رپين جو مني آرڊر پهتو. ورندي وارڻ لاءِ ٿورا. ڪتابن سميت جواب لکان پيو.

خط نمبر 1، 27.04.1996ع تي پهتو. هن ۾ اطلاع هو تہ سٺ روپيہ مني آرڊر ڪيا ويا آهن جن تي 6 رپيہ خرچ ڪيو ويو آهي. ٻہ رپيہ لفافي تي خرچ آيا. اهڙي طرح اٺ رپيہ خرچ ڪرڻ وس کان ٻاهر آهن. ان ڪري مان کان اجازت وٺڻ ملڻ کان پوءِ رقم لفافي ۾ موڪليان وغيره.

- عرض تہ هڪ سو روپين جي مني آرڊر تي پوسٽ واري فقط 5 رپيہ في وٺندا آهن. اوهان کان هڪ رپيو وڌيڪ ورتو اٿن.
- لفافي ۾ رقم وجهي موڪلڻ غيرقانوني عمل آهي. ايئن ڪندا تہ خود ذميوار رهندا، اوهان جي خيال ۾ پوسٽ ڪيل خط پهچي سگهي ٿو تہ ساڳي لفافي ۾ وڌل نوٽ بہ پهچي ويندو؟ پهچي تہ ويندو پر اتفاق سان نہ پهچي تہ اوهان ايئن ئي سمجهندا تہ اسرار پئسا کائي ويو؟ پوسٽ جي قاعدن مطابق ڪا بہ رقم مني آرڊر فارم پري موڪلي سگهجي ٿي.
- اوهان ڏهن ڪتابن جي حاصلات لاءِ هڪ طرف اٺ رپيہ خرچ ڪيا تہ ٻئي طرف وري 17 رپيہ پارسل موڪلڻ تي پوسٽ خرچ ڪيا. ٿورو نقصان اوهان کي ۽ گهڻو نقصان مان کي پرڙو پيو. مان تہ هڪ طرح

سان پنهنجي زندگيءَ جا اهم سال ٻالڪ ادب جي خدمت ڪري جيڪو نقصان حاصل ڪيو آهي. ان جو ذڪر نہ ٿو ڪرڻ چاهيان. البت اوهان ڪي نقصان کان بچائڻ لاءِ تجويز ڏيندس تہ طريقي نمبر 2 تحت وي-پي ڪري گهرايو.

- اوهان هن خط جي موٽ ۾ لکندا تہ آئينده ڪتاب وي —پي ڪري موڪليو تہ ان تي عمل ڪرڻ سان نڪو اوهان جو نقصان نڪو فائدو جي بنياد تي ڪتاب حاصل ڪري سگهندا.
- خط نمبر 2 آخري 27.04.1996 ع تي پهتو.
- سندم ادا وڏي جي وفات تي رسمي طور تي فاتح ڪرڻ لاءِ ٿورا... ٿورا... ٿورا.
- حڪم هو تہ سنڌي ٻارڙا مئي-جون 10 ڪاپيون موڪليون وڃن. تعميل ڪندي وضاحت ڪندو هلان تہ اسان مهيني بدران ڪتاب ڪڙي نمبر جي حساب سان شايع ڪندا آهيون.
- هن وقت سندم پورهئي سان سجايل ”سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن“ جي ڪتاب ڪڙي نمبر 29 ”ياءُ پيرڻ“ ورهاست جي آخري ۽ ڪتاب ڪڙي نمبر 30 ”هتيار“ ابتدائي مرحلن ۾ داخل ٿي چڪي آهي.انهيءَ حوالي سان بهتر ڄاتم تہ ڪتاب ڪڙي نمبر 29 موڪليان ۽ ڪڙي نمبر 30 بعد ۾ موڪليندس.
- اهو ڄاڻي خوشي ٿي تہ اوهان ٻارڙن جا پيا بہ رسالا وڪري لاءِ گهرائي واهيرن تائين پهچائڻ سان گڏ پڙهندا بہ رهو ٿا. پر اهو معلوم ڪري بيحد افسوس ٿيو تہ ” اوهان جي اسڪول ۾ ڪو بہ اهڙو استاد ناهي جيڪو ٻاراڻا ڪتاب گهرائڻ لاءِ شعور رکندو هجي!! مايوس نہ ٿيو. خط ساڻ درخواست فارم شامل ڪريان پيو. چاهيو تہ پنهنجي اسڪول جي جناب هيڊ ماستر صاحب سان رجوع ڪري گهربل

مقصد جي اجازت حاصل ڪئي وڃي. يقين ڏيارڻ لاءِ سندن مختصر خط بہ شامل ڪند تہ پاڻ لاءِ احسان پائيندس.

- مواد جي اشاعت لاءِ ” پاليسي پيپر “ پڻ شامل ڪريان پيو ان تي عمل ڪندا تہ سمجهندس تہ اوهان ٻالڪ ادب جا گهڻگهرا آهيو.
- اوهان جو 60 رپين جو مني آرڊر 09.06.1996 تي پهتو آهي. موٽ ۾ عدد 10 ڪتاب موڪليم. سترهن رپيہ پوسٽ خرچ ڪري، جيڪي اوهان اڏو آهن.
- اهو ڄاڻي افسوس ٿيو تہ بقول اوهان جي تہ اسڪول ۾ ڪو بہ اهڙو استاد ناهي جيڪو اوهان سان سهڪار ڪري. اوهان خود غربت جي دائري ۾ ايندڙ ٻار هجو تہ پهرين اوهان نہ تہ ٻي صورت ٻي ڪنهن وري ذهين شاگرد کي نامزد ڪري اسڪول جي هيڊ ماستر صاحب کي درخواست لکو. نمونو ساڻ شامل آهي.انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجي والد صاحب کي بہ گڏ وٺي وڃو تہ بهتر ٿيندو. اميد تہ نتيجو بهتر نڪرندو ۽ خط ڏيکاري منهنجا بہ سلام ڏجوس.
- ڪتاب اوهان کي ۽ اوهان جي ساٿين کي ڪيئن لڳا ان حوالي سان پنهنجي راءِ کان آگاهہ ڪندا تہ مهرباني ٿيندي.

اوهان جو پنهنجو

اسرار شام

(3)

حيدرآباد

12.06.1996

ننڍڙا مائٽ عيسيٰ ميمڻ

سکي هجو شال

وعليڪم سلام

جيئي لطيف، جيئي لطيف جي ٻولي

- اوهان جو خط 10.061996 تي تصوير، شاعري ۽ نالن جي لسٽ سميت پهتو.

ترت نہ سهي دير سان بہ جواب لکڻ لاءِ ٿورا.

- حڪم هو تہ ڪتاب ڪڙي نمبر 30 جون عدد 10 ڪاپيون فوري طور وي پي ڪيان.حاضر بابا ! تفصيل ۾ 11.06.1996 تي اڳوات رواني ڪيل مختصر بوڪ پوسٽ ذريعي دستوري اطلاع ڪندي لکيم تہ (1) 10 عدد ڪتاب اٽڪل 15 رپيہ پوسٽ خرچ ڪري روانہ ڪيا وڃن پيا.(2) نڪو نقصان نڪو نفعو جي بنياد تي 60_60 رپين ۾ وي پي ڇڏائڻ لاءِ پوسٽ سان رابطو ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا تہ ڏوڪري پوسٽ وارا جائز طور تي فقط ڏہ رپيہ ڪاٽي پاڻ رکندا ۽ مان ڏي 50_60 رپيہ ڏياري موڪليندا. (3) ڪتاب 15_16 جون اندر پهچي ويندا،(4) اوهان جي خط جو جواب (هيءُ) لکي ڪتابن جي پارسل جي وچ ۾ رکيو ويو آهي، وغيره.

- اميد تہ مٿيون اطلاع ضرور پهتو هوندو؟ يا پنڌ ۾ هوندو؟

- هاڻي اوهان جي خط جو تفصيلي جواب حاضر آهي:

- ڪتاب ڪڙي 32 ، منهنجو ابتدائي ڪم شروع ٿي چڪو آهي. واري اچڻ تي واري واري سان تصوير، شاعري ۽ لسٽ شايع ڪئي ويندي.
- اوهان جي شڪايت اجائي به آهي ته سجائي به آهي ته اوهان غلطيءَ سان لفافي تي 75 پيسن جي ٽڪلي نه لڳائي ، خط موٽي آيو ۽ مان ڏيڊ رپيو ان ڪري ادا نه ڪيم ته غريب آهيان؟ وغيره . عرض ته 15.05.1996 ڪان پوسٽ وارن جو هڪ مختصر خط، جيڪو 23.05.1996 تي پهتو هو. ڏيڊ رپيو ڏنڊ ڏيئي حاصل ڪيم. (ثابتي طور تي ساڳيو لفافو هن خط ۾ شامل ڪريان پيو) ان ڏس ۾ ”جوابدار“ٻڌجي وڌيڪ وضاحت ڪندو هلان ته اوچتو پوسٽ خرچ وڌي وڃڻ ڪري مان اوهان ڏانهن ڪتاب ڪڙي نمبر 29 جا عدد 10 ڪتاب ( فاضل هڪ ڪتاب سچ جا سنيها سميت) اٽڪل 25 رپيه پوسٽ خرچ ڪري پارسل نمبر 568 ڪيا هئا. ڇا اوهان پارسل تي ٽڪليون نه ڪيون هيون؟ انهيءَ جو مطلب ٿيو ته اوهان ڪڙي 29 جي حاصلات لاءِ پنج رپيه مني آرڊر تي ۽ 60 رپيه ڪتابن جا ڪل 65 رپيه خرچ ڪري پنج رپيه نقصان ڪاڏو. جڏهن ته مان 25 رپيه پوسٽ خرچ پري 35 رپين ۾ 10 ڪتاب ڏنا يعني ڇهن رپين وارو ڪتاب سراسري طور تي ساڍا ٽن رپين ۾ ڏنا !( وڌيڪ اوهان ميمڻ آهيو ته مان به ميمڻ آهيان. حساب ڪي سمجهو ته وڙا).
- ان جي برعڪس اوهان ڪي نقصان کان بچائڻ لاءِ سٺ رپين جا ڪتاب 50 ۾ وي پي ڪيا . ڏوڪري پوسٽ وارن ڏه رپيه وڌيڪ جائز طور پاڻ وٽ رکيا. جڏهن ته مان اٽڪل 15 رپيه پوسٽ ڪيا. وري به سراسري طور تي 35 رپين ۾ اوهان 10 ڪتاب حاصل ڪيا ۽ مان اصولي طور 25 رپين جو نقصان ڪاڏو.

- ان ڪري تجويز ڏيندس تہ ڪتاب ڪڙي نمبر 31 کان ڪتابن جو تعداد 15 يا 20 ڪريو. جيئن پنهي طرفن کان نڪو نقصان نڪو نفعو جي بنياد تي ٻالڪ ادب جي خدمت لاءِ جاکوڙ جاري رکي سگهجي. اهيو بہ واضح ڪندا تہ ڪڙي 31 ڪڏهن موڪليان ؟
- سال 1996.7 جي سالياني بجيٽ جي تلوار مٿان لٽڪيل آهي. مهانگائي جو راڪاس ادبي ادارن کي ڳڙڪائڻ لاءِ وات ڦاڙيو بيٺو آهي. ڇا ڪجي؟
- سندم پورهئي سان سجايل ڪڙي نمبر 29 پسند ڪرڻ لاءِ ٿورا.
- اسڪول جون وئيڪيشن ختم ٿيڻ شرط هيڊ ماستر صاحب سان ضرور رابطو قائم ڪري سهڪار حاصل ڪريو.
- اوهان جو والد صاحب اڻ پڙهيل آهي تہ پوءِ گهر جي ڪنهن بہ لکيل پڙهيل فرد کي گذريل ۾ هيءُ خط ڏيکاري ۾ سندن رهنمائي ضرور حاصل ڪندا.
- ڇهون پاس ڪري ستين ڪلاس ۾ اچڻ تي مبارڪباد قبول ڪندا. ستين ۾ محنت ڪري پهريون نمبر حاصل ڪري ڏيکاريندا تہ اوهان جو سٺي نموني باتصوير تعارف شايع ڪندس. سنڌي ٻارڙا جو هڪ سلسلو خبرچار، عجيب دنيا، ٻالڪ ڊائري ۾ نئين دنيا (سائنس) چونڊ ڪرڻ جي دعوت ڏيان ٿو.
- نيڪ تمنائن سان اوهان جو

اسرار شام

(4)

حيدرآباد
30.06.1996

پتڪڙا مائٽ عيسيٰ ميمڻ
جُڳ جُڳ شال جيئو
حق موجود۔ ناحق نابود

- اوهان جو خط 26.06.1996 تي چوسٽي ۾ راءِ سميت پهتو.جواب لکڻ لاءِ ٿورا.
- ڪڙي 31 جي پارسل ۾ احوال ( هيءُ) لکي اوريان پيو تہ جيئن لفافي جي بچت ٿي پوي. چو تہ اوهان بہ ميمڻ آهيو تہ مان بہ بہ ذات جو ميمڻ آهيان ۽ بچت ڪرڻ پنهنجي برادريءَ جو اعليٰ مثال آهي. البت وري بہ ان آرزو جو ورجاءُ ڪندس تہ سهڪاري جذبن سان سرشار ٿي ڪتاب نڪو نفعو نڪو نقصان جي بنياد تي گهرائڻ لاءِ حيلا هلائيندا تہ وڙ.
- اوهان جو واعدو رڪارڊ تي رکان ٿو تہ اوهان اسڪول جون موڪلون ختم ٿيڻ شرط 15 ڪاپيون گهرايون ويندي‌ون. ان ڏس ۾ خيال رهي تہ ڪڙي نمبر 29 جي پارسل سان گڏ هيڊ ماستر صاحب کان سهڪار ماڻڻ لاءِ هڪ درخواست فارم جو نمونو بہ رکيو اٿم. ان حوالي سان هيڊ ماستر صاحب سان رجوع ڪري ردعمل ۾ ڪتابن جو تعداد لکندا تہ وڙ.
- اوهان جي تصوير ۽ مواد ڪتاب ڪڙي 32 کان واري اچڻ سان شايع ڪيو ويندو. جيستائين موڪليل مواد شايع نہ ٿو ڪيو وڃي، تيستائين ٻيو مواد نہ موڪليندا چو تہ هر ڪتاب ڪڙي جي اشاعت

ڪان پوءِ مواد جا ايڏا تہ ڍڳ جمع ٿي وڃن ٿا جو هڪ ئي وقت سمورن ٻارڙن کي راضي رکڻ مشڪل آهي. (اميد تہ اتفاق ڪندا تہ بهتر).

- ڪتاب ڪڙي 32 جيڪا هن وقت تيارين جي عذاب ڏيندڙ ابتدائي مرحلن ۾ داخل ٿي چڪي آهي. رهيو امن امان ۽ ملي حياتي تہ آگسٽ جي پهرين هفتي ۾ شايع ڪرڻ جا وس ڪندس. ان ڪان اڳ اوهان چاهيو تہ ٻيون ڪتاب ڪڙيون، جيڪي اوهان نہ پڙهيون آهن اهي ڏياري موڪليان.
- اوهان پنهنجي خاص دوست (ٻار) جو انٽرويو پلي موڪليو. شرط اهيو آهي تہ صلاحيتمند ضرور هجي ؟ انٽرويو وٺڻ دوران ورتل تصوير موڪليو تہ سٺو نہ تہ فقط هڪ پاسپورٽ سائيز تصوير موڪلڻ نہ وساريندا.
- انٽرويو معيار تي نہ لٿو تہ پوءِ اوهان جي خواهش کي مان ڏيندي ساڳئي انٽرويو کي ايڊٽنگ جي مرحلي مان گذاري ”سيلف انٽرويو“ طرز واري اچڻ تي شايع ڪيو ويندو.( ڪيئن هاڻ بہ خوش ٿيندا يا نہ؟)
- اوهان جي روزمره جي مصروفيتن متعلق احوال پڙهي خوشي ٿي تہ مسقبل تباه ڪندڙ ڊش کي وقت ڏيڻ بدران صبح سوير خدا کي ياد ڪرڻ کان وٺي علم ادب کي پروڙڻ لاءِ گهڙيون صرف ڪريو ٿا. اميد ڪندس تہ ساڳين مصروفيتن ۾ پاڻ کي محفوظ رکندا تہ مسقبل ۾ سنڌ وطن جا بهترين واهيرو ضرور ٿيندا.
- اوهان مذڪوره احوال اوريندي سوال ڪيو تہ ”هاڻ ڏسون تہ اوهان (مان) منهنجي (توهان جي) ڪهڙي همت افزائي ڪيو ٿا؟ وغيره. عرض تہ مان اوهان جي ڏيهاڙي جي مصروفيتن جي پڇا ان خيال سان ڪئي تہ جيئن بوڪ اسٽال جي حوالي سان ريڊيو تي انٽرويو ڪري

سگهان. ڇا اوهان پنهنجي والد صاحب جي اجازت سان آماده آهيو ته بحيثت بوڪ اسٽال هلائيندڙ ٻالڪ جي انٽرويو وٺان؟

- وضاحت ڪندو هلان ته ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي هفتيوار پروگرام ” ٻارڙن جي ٻاري“ جي سلسلي : ”جهڙا گل گلاب جا“ لاءِ گذريل هڪ ٻن سالن کان باصلاحيت پر هنرمند شاگردن جا انٽرويو رڪارڊ ڪرائي چڪو آهيان ۽ آگسٽ-سيپٽمبر ۾ وڌيڪ ٻارڙن جا انٽرويو رڪارڊ ڪرڻ چاهيان ٿو. اوهان حيدرآباد اچڻ لاءِ راضي آهيو ته پوءِ سوال نامو ٻئي چڪر ۾ موڪليان. حيدرآباد اچڻ لاءِ اوهان کي ڪنهن به ذميوار مائٽ عزيز سان گڏ اچڻو پوندو. هن سلسلي ۾ پنهنجي والد صاحب کان اجازت وٺڻ لازمي آهي.
- اوهان خط ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي ته ڪڙي 31 جون 10 ڪاپيون ۽ ٻي پاسي وري لکيو اٿوَ ته ڪڙي 31 جون 8 ۽ ڪڙي 32 جون 8 ملائي 16 ڪاپيون وي پي ڪيون وڃن. مٿي وضاحت ڪري چڪو آهيان ته ڪڙي 32 اجان تيارين جي مرحلي ۾ آهي، ان ڪري في الحال ان باري ۾ ڪجهه به چئي نه ٿو سگهجي.
- ڀاءُ امتياز مغيري کي هڪ ڪاپي ڏئي اوهان چڱو ڪيو پر ڪيس همٿائيندا ته ڪتاب خريد ڪرڻ لاءِ اوهان کي ڪجهه ميمبر جوڙي ڏيئي.
- هتي لوڊ شيڊنگ، برسات ۽ مهانگائي جو خوفناڪ عمل جاري آهي. جولاءِ مهينو ته سنڌ مٿان ڏاڍو ڏکيو پيو نظر اچي. اوهان معصوم آهيو هر وقت دعائن ۾ شامل حال ڪندا رهندا ته ٿورا سمجهندس.

اوهان جو

اسرار شام

(5)

حيدرآباد

16.10.1997

سنڌ جي آئيندي جا ابا عيسيٰ ميمڻ

سک ۽ سانت ۾ هجو شال

وعليڪم سلام

- اوهان طرفان موڪليل پاسپورٽ سائيز تصويرن ۾ اوهان نہ ڄاڻ ڇو نِنڊيڙا نظر ايندا هئا ۽ هاڻ موڪليل وڏي رنگين تصوير ۾ صاف صاف ”وا“ وڏا ٻار نظر اچي رهيا آهيو؟ ان جو مطلب اهيو ٿيو تہ اوهان پهرين واريون پراڻيون تصويرون موڪليون ۽ هن واري تازي تصوير موڪلي ڏني. جيڪر اهو اندازو درست آهي تہ پوءِ ٻارن سان ٻار ٿي رهڻ لاءِ ڪجهہ مارڪون گهٽائيندس. ڇو تہ آئون پاڻ کي ٻار ٿي رهڻ لاءِ ٻارن لاءِ پاڻ کي وقف ڪري اڻ ڏٺل ويرين جون سزائون ڀوڳي رهيو آهيان. جيڪر اندازو غلط آ تہ پوءِ علمي ۽ عقلي دليل سان پاڻ کي تصويرن جي آئيني ۾ ننڍڙوڏسو نہ ؟ ٻار ثابت ڪندا تہ ”مارڪون“ ڪاٽو ڪرڻ بدران واڌو ڪندس....!!ڇو تہ..........؟
- اوهان جي رنگين تصوير واري اچڻ تي شايع ڪري همت افزائي ضرور ڪندس.
- ها ڀائي! محسوس ٿيو تہ اوهان واقعي وڏا ماڻهو ( الله ڪري وڏا ماڻهو ضرور ٿيو ) ٿي ويا آهيو. ان جو دليل اهو ئي ڪافي آهي تہ منهنجي خط جو جواب پهرين وار بنهہ دير سان ڏنو ويو آهي...! يعني اوهان مصروف ماڻهو ٿي ويا آهيو؟ ڇا ۾ مصروف آهيو؟ ان جي خبر اوهان ڪي...؟

- ڪلهہ جي ٻالڪ ۽ اڄ جي باشعور نوجوان استاد سائين عرس پارابيءَ کي خط ذريعي ڏنل انٽرويو جيستائين مون کي پڙهڻ لاءِ ڏياري موڪليو تيستائين ڪيل قول مطابق ڪڙي 37 ۾ پنهنجو سيلف انٽرويو پڙهي گد گد ٿيو نيڪ...؟
- ڪالهہ (ماضي) اوهان جي دل مون سان هئي؟ اڄ (حال) منهنجي سادگيءَ سان اوهان جي دل آ، سڀاڻ (مستقبل) لاءِ ڪا نئين اصطلاح ڪم آڻيو؟ ان ڪان اڳ اوهان کي صلاح ڏيندس تہ منهنجي قلمي پورهئي سان دل لڳايو تہ آخري پساهہ سڪون سان ڪٽي مٽيءَ ماءُ جي حوالي ٿي ويندس چاڪاڻ تہ آئون تيزيءَ سان اڌ صديءَ کي ڇهندڙ اهو نياڳو انسان آهيان جنهن کي صدي مڪمل ڪرڻ جي ڪا بہ خواهش نہ آهي...؟؟
- ٻئي پاسي اوهان کي واقعي ڪو دلي ڌڪاءُ هجي ها تہ (الف) جشنِ ڏهہ سالا سنڌي ٻارڙا“ ۾ وڏڙن جي رهنمائي سان ضرور شريڪ ٿيڻ جي نينڊ کي قبولي پاڻ ملهايو ها پر...............
- (ب) ڪتاب ڪڙي 36 جي صفحي 49 ( سلسلي خبرچار) ۾ مون تي خوني حملي ٿيڻ جي خبر پڙهي، ردعمل ۾ رسمي افسوس جو بہ اظهار ڪيو ها تہ اوهان جي دلي ڌڪاءُ ( لڳاءُ نہ) جي پروڙ پئجي وڃي ها پر..........
- اوهان کي ان ڳالهہ تي پلي ڏک (قلبي نہ روايتي) ٿئي تہ ڪتابن ذريعي سنڌ جي ٻارن سان محبتون ورهائيندي ٿڪجي پيو آهيان پرمليل زهريلن تجربن جي بنياد تي ڪنهن سمي لکيل ڊائري جي هڪ ورق کي غور سان پڙهي راءِ ضرور ڏيندا . جنهن ۾ ڪجهہ هن ريت لکيو هيم تہ : پنهنجو رت ست ڏيئي ڪتابن ذريعي سنڌ جي ٻارڙن ۾ علمي ۽ ادبي جوت جاڳائڻ لاءِ وڏا وس ڪيم. موت ۾

اجتماعي موت نہ ملڻ ڪري زندگيءَ جو گاڏو هلائڻ لاءِ بهتر سمجهان ٿو تہ ڪتابي سلسلي کي بند ڪري وي سي آر (ڪيسيٽن جو ڪاروباري دوڪان کوليان ۽ دوڪان جي اڳياڙي تي پينٽر کان هڪ بورڊ هڻايان جنهن تي لکيل هجي ”سنڌي ٻارڙا وڊيو سينٽر“ ۽ پوياڙي ۾ ستل سنڌي سماج کي جاڳائڻ لاءِ بہ سٺون تحرير هجن تہ سنڌ جي سنڌي ٻارڙن کي سنواري تہ نہ ٿو سگهان پر ڪاري تہ سگهان ٿو نہ......؟

- اوهان جو ايئن لکڻ تہ ”جيستائين زندگي آهي تيستائين ساٿ رهندو. سمجهي سگهو ٿا تہ ڪيتري وڏي ذميواري آهي ؟ ان ڪري نئين سر جملو تبديل ڪري هيئن لکندا تہ ”جيستائين سنڌي ٻارڙا نڪرندو رهندو تيستائين ساٿ نڀاهبو رهبو.“
- ٻار جي سڃاڻپ جو معيار ڇهين يا ستين ڪلاس ۾ داخل ٿي پڙهڻ نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ گهڻن اسڪولن ۾ وڏي ڄمار جا ڇوڪرا بہ هيٺين ڪلاس ۾ داخلائون وٺندا رهندا آهن. اوهان جي ڪلاس ميٽ ساٿي جوڻيجو جي تصوير خود ڳالهيو تہ هيءَ ٻار نہ پر نوجوان ساٿي آهي. بهرحال اوهان جي خواهش کي مانُ ڏيندي سندس تصوير ڪڙي 38 ۾ ڇاپڻ جا وسَ ڪندس.

چڱو مائٽ موڪلاڻي ناهي

اوهان جو

اسرار شام

(6)

حيدرآباد
27.01.1998

منڙا مائٽ عيسيٰ ميمڻ
گد گد رهو شال سدا.

وعليڪم سلام

- اوهان جو انٽرويو ڏاڍو پسند آيو پر جاڳو طرفان ڪنهن ورتو؟ ان جو نالو نشان بہ نہ هو. يا اوهان خود جاڳو ٻالڪ جو سوال نامو ٺيندي خود لکيو؟ بهرحال! انٽرويو ۾ اوهان گوسڙو استادن بابت جنهن جذبي ۽ همت سان جواب ڏنا آهن انهن تي تاڙيون وڄائيندي اتفاق ڪندي داد ڏيان ٿو ۽ آسوند رهندس تہ اڳتي هلي اوهان خود ڪنهن بہ شعبي ۾ نوڪري اختيار ڪيو تہ ماضي جي نسبت سان چيل لفظن تي خود بہ عمل ڪندي صالح ٿيندا تہ وه واه.
- موڪليل تصويرن جي وضاحت ڪو نہ ڪندس، چاڪاڻ تہ اوهان جڏهن پهريون ڀيرو پنهنجي تصوير موڪلي هئي تہ پهريون خط ساڻ واضح ڪري ڇڏيو هو تہ اهي تصويرون پنجي درجي ۾ پڙهڻ دوران نڪتل هيون، پي...؟ انين ڪلاس ۾ داخل ٿيڻ سو بہ مان جي پڇا ڳاڇا ڪرڻ کان پوءِ ان ڏس ۾ تصديق ڪرڻ ڪجهہ عجيب لڳو. بهرحال ! اوهان جي حڪم تي ڪڙي 38 ۾ شايع ڪرڻ جي تعميل ڪندي واري اچڻ تي شايع ڪرڻ جي هام ڀريان ٿو.
- اوهان سنڌي ٻارڙا لاءِ سچل چواڻي ساڳيا آهيو يا سا ڳيا رهندا؟ اهو ايندڙ وقت ئي ٻڌائيندو. البت ٻال ساهت جي حال سان جيترو ٿي سگهي تہ نڀائيندا تہ منهنجي لاءِ ايترو ئي ڪافي ٿيندو.

- علمي ادبي دنيا تي سنڌ جي ٻارڙن لاءِ قلمي محبتون ورهائڻ جي حوالي سان اوهان جو اهيو ردعمل تہ ”جيستائين منهنجي زندگي رهي تہ اوستائين سنڌي ٻارڙا سان ساٿ رهندو چو تہ مان پنهنجي زندگي ( خدا نخواستہ) وڃائي ويهان، پر آرزو اٿم تہ سنڌي ٻارڙا اڃان بہ جاري رهي“. وغيره ٻالڪ ادب جي سولي چڙهندڙ عظيم عيسيٰ! ان ڏس ۾ ڪن ڪولي ٻڌ. تنهنجي مذڪوره جملي جي موٽ ۾ من اندر برپا ٿيندڙ ” شام غريبان“ جي حوالي سان ورجاءُ ڪرڻ ڪان سواءِ فقط ايترو چوندس تہ اوهان آئينده ٻيهر پنهنجي زندگي وڃائڻ جي ڳالهہ لکي انفرادي طور ارپڻ جو اظهار ڪيو تہ ڪتاب موڪلڻ بند ڪري ڇڏيندس. ان حوالي سان منهنجو هيءُ خط بہ آخري سمجهندا. ڇو تہ مان وڏيون اڏيتون سهي پنهنجي زندگي سنڌ جي ٻارڙن جي آئيندي کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ارپي ڇڏي آهي. ان جي برعڪس...! اوهان پنهنجي زندگي سنڌي ٻارڙا تي قربان ڪرڻ بدران پنهنجي زندگي جي ٻيهڪ اهڙي ريت ٻيهاريو جيئن اوهان جا جذبا بہ اسرندا رهن ۽ اوهان جي والدين جي اکين ۾ اوهان لاءِ سجايل سپنا بہ ساپيان ٿي سگهن. حساس ضرور رهو ايڏا بہ حساس نہ ٿيو. ڇاڪاڻ تہ ان قسم جي جملن تي آئون بيحد جذباتي ٿي ويندو آهيان. محسوس ايئن ٿيندو اٿم تہ ڄڻ ڪو منهنجو رانديڪو وڃائجي ويو آهي ۽ ڳوليندي ڳوليندي گم ٿي ويو آهيان. سندم پيرا ڪٽندڙن کي رانديڪو تہ لڀي پيو هجي پر آئون نہ ملي سگهيو هجان!!! ( الائي ڇا لکي ويو آهيان).
- 11.01.1998 واري عوامي آواز جي صفحي ”جوت“ جو by the way درشن ٿيو. ان ۾ اوهان جو ليک ”ٻاراڻو ادب ۽ اسان جون ذميواريون“ جي عنوان تي بهترين ليک هو. پر مواد جي آخري ٽڪرو : اها ڳالهہ جڏهن مون محمد حسن پناڻ... کان ونءِ توڙ تائين اڻ

لاڳاپيل هئي جيڪا ڪهاڻي جي اسٽائيل ۾ ڊائيلاگن سان سلهاڙيل هئي.

- ڀائو حسن ڪي ٻالڪ رسالو هلندڙ سال ۾ شايع ڪرڻ تي منهنجي طرف کان اڳواٽ ئي مبارڪون ڏيندا.
- اوهان جو هڪ هفتو اوسيئڙو ڪيو ويو پر ورندي نه اچڻ ڪري واجب سمجهيم ته ڪتاب روانه ڪري ڇڏيان. ڇاڪاڻ ته امڪان آهن ته 9.02.1998 کان اسڪولن ۾ ساليانه امتحان شروع ٿي وڃن. جيڪڏهن امتحانن جو پروگرام پڌرو ٿي وڃي ته سڀ مصروفيتون ترڪ ڪري پڙهائي تي ڌيان ڏيندا.

اوهان جو پنهنجو

اسرار شام

(7)

حيدرآباد

03.04.1998

مانوارا عيسيٰ ميمڻ

سلامت هجو سدا

وعليڪم سلام

اوهان جي مختصر موٽ جو طويل اوسيئڙو ڪرڻ کان پوءِ ڪڪ تي اوهان جي حصي جا ڪتاب ڪڙي 38 موڪلي ڇڏيم.

هاڻ اچان ٿو اوهان جي خط ڏانهن ڪيل وچن تحت ورندي وارڻ لاءِ:

- ميڻ بتيءَ جي روشنيءَ ۾ مون کي جواب لکي نِنڊپڻ ۾ نظر ڪمزور نه ڪريو مان ميڻ بتيءَ تي ڇو ٿو لکان؟ مون کي ڇڏي ڏيو. مان ان ڪري ٿو لکان ته جيئن سنڌ جو نئون نسل منهنجون اکيون بڻجي سگهي.....
- اوهان هر خط جيئان هن خط ۾ به جملو ورجايو ته "جواب دير سان لکڻ تي معذرت." پليز روايتي معذرت خواهان رويو ترڪ ڪريو. جواب پلي دير سان لکو پر اڌوري بدران ڀرپور ۽ سٺو ڪري لکو. جيئن پڙهندڙ آسيس ماڻي ! ۽ مون وانگر احتجاج رڪارڊ نه ڪرائي ته قلاٽن جا جواب ڇو رهجي ويا.
- ڏهه سالا جشن سنڌي ٻارڙا لاءِ واڌايون قبول آهن البت ان ۾ شرڪت نه ڪرڻ وارو ڪارڻ ڪڏهن به قبول نه ڪندس. ڇو ته اوهان هاڻي ٻار نه پر ڏري گهٽ مئي جي سيشن تائين نائين ڪلاس ۾ داخل ٿيندڙ ميچوئر ۽ نوخيز نوجوان شاگرد هجڻ جي باوجود جشن ۾ شريڪ ٿيڻ کان لاچار ٿي ويا. ان جي برعڪس ڪوهن ڪان کهي ايندڙ معصوم نياڻين شريڪ ٿي خود مون کي حوصلو ڏنو جڏهن ته اوهان.......

- ها ٿورو وري بہ ترسو! سنڌي ٻارڙا جا ڪتاب گھرائي سهڪار ڪندڙ (اوهان سميت) ساٿين کي هٿو هٿ توڙي پوسٽ ذريعي ”سهڪاري سندون“ جن جشن ۾ شريڪ ٿيندڙ سنڌ جي مهان ادبي شخصيتن جون صحيحون ڪيل آهن. جاري ڪرڻ جو سلسلو بہ شروع ٿيڻ وارو آهي. اوهان پنهنجو سهڪاري سرٽيفڪيٽ جيڪو مستند هجڻ ڪري ڪٿي بہ اوهان کي ڪم اچي سگھي ٿو حاصل ڪرڻ جي خواهش رکندڙ هجو تہ 20 رپين جون پوسٽ واريون ٽڪليون ڏياري موڪليندا تہ جيئن سندَ پوسٽ ڪري سگھان. پليز! هلندي هلندي هن پيشڪش کي واپاري نالو ڏيڻ بدران ”ٻالڪ ادب جي مفاد ۾“ خرچ جو پورائو ڪرڻ لاءِ ”ڦڙي ڦڙي جو نالو ڏيندا تہ وڏ نہ تہ.......
- سڄڻ! اوهان جي جذبن جا پير ۾ منهنجيون پيرانديءَ لاءَ سدا ڪان واقف ڪيل اکيون حاضر آهن. منهنجي اکين سان مون کي ڏسي ۾ محسوس ڪري سگھو تہ وڏو انقلاب تصور ڪندس....
- هن وقت شديد گرمي ۾ لوڊ شيڊنگ جي عذاب ۾ سڙي ڪتابي ڪم ڪري رهيو آهيان. هيءَ اونهارو خير سان گذاري ويس تہ ڄڻ نئون جنم ٿيندم. نہ تہ مري وڃان تہ بہ ڦل پڙهي ڇڏجو. ڇاڪاڻ تہ ننڍپڻ کان وٺي گرمي برداشت نہ ڪري سگھندو آهيان. مٿان وري ذهني ۾ قلمي پورهيو بہ وڃ وڃائي ڇڏيندو اٿم. هاڻ ڏسو نہ اوهان کي بہ 4 صفحن تي خط لکي ويس؟
- خط جو اطمينان جوڳو جواب لکندا تہ قرب.

اجان بہ ساڳيو

اسرار شام

(8)

حيدرآباد
20.05.1998

فضا ۾ جمود آ، هوا هير ناهي!
يا الاهي ڇا ماجرا ، ڪهڙي مام آهي ؟
ڪاڙهي / ڪڙهي تپي جواب ڏنو.
اهيا ائتمي تجربن جي قيامي شامت آهي. (ا.ش)

ڊيئر عيسيٰ ميمڻ
سلامتيون هجن شال !

وعليڪم سلام

- قسطوار ڊرامي جيئان هڪ ٻه ٽي مختصر پيرائتا خط پهتا. جواب لکڻ وينس ته لوڊشيڊنگ جي نالي ۾ بجلي ( گذريل ٻن هفتن جيئان) پڄي ويئي. گرميءَ جي درجي حرارت ٻه ٽاپ تي هئي. ميڻ بتيون ٻاري انهن ٻه نور اوتڻ شروع ڪيم. لئون لئون مان پگهر باه ٻڻجي نڪرڻ شروع ڪيو ته مجبورن قميص ۽ گنجي لاهي ڏيهاڙي جي قلمي ڪرت جي حوالي سان اوهان کي خط لکڻ وينس ته " سندم آفيس جي بلڊنگ وارو پناڻ چوڪيدار ٻه اڇي نڪتو ۽ چيائين ”صاب ! جب ديکهو کام کرتي هو ؟ بجلي بهي نهين هي، گرمي بهت زياده هي، سبب ( آفيس ۾ چاليهارو کن ٻيون ٻه آفيسون آهن) چلي گئي ، تم دفتر بند کر کي آرام کرو “ ورنديءَ ۾ چوڪيدار کي چيم ته تون وڃي هيٺ گيٽ تي انتظار ڪر ، ڏيهاڙي جيئان لکپڙه ڪري هيٺ لهندس ته پوءِ تالو لڳائجانءِ.
- گرمي جي شدت ۾ هن خط جي نراڙ تي هڪ چوسٽو تخليق ٿي ويو. جنهن ۾ رديف / ڪافين جي گرٽ ضرور آهي پر ڪيفيتن جو اظهار ضرور آهي ته آرام ڪرڻ بدران قلمي ڪرت ڇو جاري رکيون پيو

اچان؟ ان ڏس ۾ ڌارئي پناڻ چوڪيدار جو شڪرگذار آهيان ته هن قلمي مصروفيتن کي ميجتا ڏيندي خيالن جو اظهار ڪيو. پر افسوس اٿم ته اوهان سميت پنهنجن به ڪائي ميجتا نه ڏني ته، آرام جيڪو هڪ مقدر ۾ نه اٿم، ڪري ٻالڪ ادب جي مفاد ۾ جنگ لڙڻ لاءِ تازو توانو ٿي ميدان تي لهان. جيتوٽيڪ حالتن اهڙو ته اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي جو جهالت جي فوج سان هر محاذ تي وڙهي پنهنجو سڀ ڪجهه (خاص طور آئيندو داوَ تي لڳائي چڪو آهيان.) افسوس ڇا؟ دل تي زخم زخم اٿم ته هڪ ڌاريو پناڻ چوڪيدار سندم عذاب ڏيندڙ قلمي مصروفيتن کي محسوس ڪري ميجتا ڏئي ٿو پر ان جي برعڪس جنهن نياڳي ،بدبخت، ستل ،سست سنڌي قوم جي ٻارڙن لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري قلمي جهاد ڪري رهيو آهيان، ان طرفان مجموعي طور تي ڪابه مثبت، سواءِ نعري بازي جي، موٽ نه اچي ته سنگهرن سان ماتم ڪريان يا.......... سمجهه ۾ نه پيو اچي ته هيترا ڪتاب موڪلجن پيا؟ جهڙو مختصر اطلاع ڪرڻ بغير/ گڏ ڪم ڪرڻ سان ڪم رکندي رت ولوڙيندڙ هيءُ احوال چو لکي رهيو آهيان؟ ڇا پناڻ چوڪيدار جئان احساس ڪري سگهندا؟

- ڪڙي 38 ۾ رکيل تفصيلي جواب جي رد عمل ۾ قسطوارجيڪي پتر پلئي پيا، انهن جا جواب (جواب دار نه هوندي به هڪ طرح سان) حاضر آهيان.
- اوهان سنڌي ٻارڙا تي تبصرو ستو لکيو. ٻالڪ اديب، شاعر ٽيڻ ڪان پوءِ پهرين وار ”مبصر“ ٽيڻ تي واڌايون ٿو ڏيان. البت تبصري ۾ intro نه هجڻ ۽ هٿ اکر بهترين هجڻ باوجود به ڳتيل ۽ تجريدي فارم ۾ هجڻ ۽ آخري 4 ستون پنهنجي هٿ سان نه لکڻ ڪري ٻيهر مون کي نقل ڪرڻو پيو.

- اوهان خود نشاندهي ڪئي آهي تہ هلال پاڪستان ۾ تبصرو شايع ٿي چڪو آهي. مهرباني ڪري عبرت مئگزين، (ٻالڪ رنگ)، گل ڦل، جوت ۽ جاڳو ٻالڪ پڙهندڙ هجو تہ تبصرو شايع ٿئي تہ انهن جا فوٽو اسٽيٽ مون ڏانهن ضرور موڪليندا. ڇاڪاڻ تہ مان تبصرا مختلف اشاعتي سلسلن ڏانهن موڪليندو رهندو آهيان. ڪو ڇاپي يا نہ ڇاپي پارت ڪون ڪندو آهيان. البت جنهن بہ سلسلي ۾ شايع ٿيندا آهن تہ موٽ ۾ پهچندڙ خطن ذريعي پتو پوندو اٿم تہ فلاڻي صفحي ۾ تبصرو شايع ٿيو آهي. سچ پڇو تہ هيڪاندين مصروفيتن جي ڪري باقاعدگيءَ سان اخبارن وارا ٻارن جا صفحا نہ پڙهي سگهندو آهيان. ڪڙي 39 بابت هلال پاڪستان ۾ ڇپيل تبصري جي ڪاپي بہ سنڌي ٻارڙي جي هڪ پڙهندڙ ساٿي آٽي ڏني.
- ٻڌجي پيو تہ جون ۾ سال 1998ـ99 جي پيش ٿيندڙ ساليانہ بجيٽ تمام سخت اچي رهي آهي، نوان ٽئڪس لڳندا. مهانگائي جو راڪاس ڪي نئون رت ملندو. ڪاغذ ، ڪمپيوٽر، پيٽرول، بجلي جا اگه چڙهيا تہ مختلف اشاعتي سلسلن جيئان ”سنڌي ٻارڙا“ جي وجود کي بہ خطرو پيدا ٿيندو؟ ان لاءِ سياڻ نہ پر اڄ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ان ڏس ۾ سوچيندي سوچيندي اڪيلو ٿي ويندو آهيان پوءِ بہ رهيو امن امان ۽ ملي حياتي تہ آگسٽ جي پهرين هفتي ۾ ڪڙي 41 آڻڻ جا جتن ضرور ڪندس.
- نيو سعيد آباد مان دوستن طرفان شايع ٿيندڙ ٻاراڻي اخبار سنڌ سرهاڻ جي هڪ ڪاپي سوکڙي طور تي رکان پيو.

اجان بہ ساڳيو

اسرار شام

(9)

حيدرآباد
6.10.1998

مانائتا عيسيٰ ميمڻ
مرڪندا رهو سدا.

وعليڪم سلام

- ڪتاب ڪڙي 40 ۾ 20.05.1998ع تي لکيل خط جي جواب ۾ ٻه خط پهتا آهن. حسب دستور ڪتاب ڪڙي 42 جو 27.09.1998ع تي روانگيءَ جو اطلاع ڪندي اڳواٽ ڇاڻ ڏنم.
- اوهان بغير اطلاع ڏيڻ جي اوچتو ڳوٺ پيندو شريف ۾ آيا.. آيا ته اکين تي ، پر مون وٽ نه آيا. پنهنجي قلمي دوست وفا مولا بخش قمبراڻي وٽ آيا. جتي اوهان by the way قمبراڻي جي استاد ساءِ اسرارميمڻ سان ملاقات ٿي. جنهن اوهان کي خوب کلائيندي ذري گهٽ روئاريندي اسرار شام وٽ سندس "سنڌي ٻارڙا" جي آفيس ۾ پڄائي تحليل تي ويو. جتي اوهان کي اسرار شام اوهان جا خط ۽ اوهان کي لکيل جوابن جا ڪاربان پيپر ڏيکاريا ۽ ٻاراڻي ادب جي تڪليفن کان آگاهه ڪيو ۽ چند ڏينهن کان پوءِ وي پي ٿيندڙ ڪڙي 41 جون عدد 17 ڪاپيون هٿوهٿ ڏنيون اوهان ڪوٽڙي وڃڻ جو چئي موڪلائيندي وچن ڪيو ته ڪتابن جي رقم هڪ هفتي جي اندر_اندر مني آرڊر ڪري موڪلي ويندي. (هڪ مهينو گذري ويو)؟
- ها چو پيا منجهو؟ ادب ۾ علامت نگاريءَ جي حوالي سان پاڻ پيهي مونجهارو دور ڪري سگهو ٿا ڇو ته ان مونجهاري جو ڪارڻ اوهان خود آهيو. ان ڏس ۾ ڇا ياد ڏياريان؟ سنڌي ٻارڙا جي ڪتابي سلسلي سان رضاڪارانه طور تي پر حال سارو سهڪار ڪرڻ جي سلسلي ۾ ريڊيو تي ٻارن جي پروگرام ۾ انٽرويو رڪارڊ ڪرائڻ جي نينڊ ڏنم بعد ۾ " ڏه ساله جشن سنڌي ٻارڙا" جي ڪاڄ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ دعوت

نامو موڪليم.( ردعمل ۾ اهيو پئي ظاهر ڪيو تہ والد صاحب ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهي؟) ان جي برعڪس اوهان طرفان قمبراڻي وٽ پهچڻ سان اندازو ٿيو تہ گهر کان ٻاهر نڪرڻ بابت مرضيءَ جا مالڪ آهيو.جنهن ۾ والدين طرفان جاري ٿيندڙ ڪنهن بہ قسم جي اجازت نامي جو عمل دخل ناهي. جي آهي تہ فقط..........لاءِ هو/آهي.اهڙي روش تي دلي ڏک پهتو آهي.۽...........؟

- اوهان ۽ هيسباڻي وچ ۾ ٽيل /ڇپيل خط وڪتابت واري جنگ پڙهي چاڻ ۾ واڌارو ٿيو. ٻنهي طرفان مقابلو خاشو هو پر اوهان جو پلڙو ڀاري ان ڪري هو تہ اوهان لفظن جو استعمال سنجيده ڪيو. البت ان قسم جا بحث ضرور ٿيڻ گهرجن پر اختلاف ذاتي دشمنيءَ ۾ تبديل نہ ٿيڻ گهرجن. مون ٻئي فوٽو اسٽيٽ خط قمبراڻي جي حوالي ڪري ڇڏيا آهن.
- ڏه سالا جشن سنڌي ٻارڙا جي وڊيو ڪيسيٽ حاصل ڪرڻ ۾ دوستن سان پلي رابطو ڪريو پر ايتري دير نہ ٿيڻ گهرجي جو اڳتي هلي آئون خود ڪيسيٽ موڪلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيان؟
- مهانگائي ڪي منهن ڏيڻ واري جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ٿورا. ڪتاب جي قيمت ساٿين سان مشورن سان جڏهن بہ وڌائبي، ان لاءِ اڳواٽ اطلاع ڪندس. البت اوهان بہ ڪتاب خريد ڪندڙن ڪي ذهني طور تي اڳواٽ سجاڳ ڪري ڇڏيو.
- هن خط جو جواب قسطن ۾ لکڻ بدران هڪ وار لکندا ڪيو. خاص طور تي ڪاري مس واري پين سان لکو تہ پڙهڻ ۾ آساني ٿئي. قمبراڻي ۽ شڪيل ڪي پاڪر پرڻ بدران ڪن پٽي " اوهان جا سلام ڏنم".

موڪلاڻي ڪانهي
اجان بہ ساڳيو
اسرار شام

(10)

حيدرآباد
01.02.1999

سهڪاري ساٿي عيسيٰ ميمڻ

اسلام عليڪم

- رسمي خيرعافيتن کي درگذر ڪندي ورجاءُ سان ور ور ڏيئي اوهان جي ٿورا ڳايان ٿو ته ماضي ڏور يا قريب کان سندم عذابن اوجاڳن سان سجايل ”سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن“ جا ڪتاب حال سارو گهرائي واهيرن تائين پڄائڻ لاءِ اخلاقي ۽ قومي فرض ادا ڪري رهيا آهيو. البت سنڌي ٻارڙا“ جي نيپاج ۾ مون اڪيلي سر گذريل ٻارهن سالن کان نئين نسل جي مفاد ۾ ترجيحي بنيادن تي ڪيترو پورهيو آهي؟ ان جو ازالو اوهان تائين ڪوبه ناهي ڪري سگهيو ۽ شايد ازالو ڪري به نه سگهندو. ڇو ته اسان جي سنڌي قوم هڪ طرح سان ايڪيهين صديءَ ۾ ڪٿ تان پير لاهي داخل ٿيڻ بدران ڏنووينڊوجي بنياد تي مرده پرستي ۽ بي حسي جو مظاهرو ڪرڻ ڪاڻ لٽ ڪوڙي سمهڻ کي ترجيح ڏيئي چڪي آهي؟ انهيءَ حوالي سان غفلت جي غشي ۾ غرق سنڌي قوم جي بدن مان پيدا ٿي ” ٻش“ سان سُر ملائي آئيندو تباه ڪندڙ معصوم ٻارڙن کي ڪهڙي ريت جوابدار ٻڌائي پڇا جي ڪٺهڙي ۾ آڻي سگهجي ٿو. جيڪي وقت کان اڳ غيرفطري طور بالغ ٿي، پنهنجي وڏن کان به وڌيڪ منفي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ تي فخر ڪندا هجن ؟ اهڙي خطرناڪ صورتحال ۾ والدين، استادن، سماجي ورڪرن ۽ ٻاراڻي ادب جي ليکڪن کي ڪهڙو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي؟ ان ڏس ۾ سوچڻ لوچڻ لاءِ ردعمل ظاهر ڪرڻ ڪاڻ به وقت نه هجي ته پوءِ ٻڏي مرڻ گهرجي. نه ٿا ٻڏي سگهون ته پوءِ ٻڌڻ

لاءِ ماڳ تلاش ڪرڻ کان اڳ ٿورو سوچڻ بہ گهرجي، وقت ناهي تہ آپگهات واري آخري رستي تي هلڻ کان اڳ بہ ڪي نصيحتون ڪرڻ گهرجن. نصيحت ڪرڻ لاءِ اهڙي جاءِ جي ڳولا ڪرڻ گهرجي ، جتي گڏجي دفن ٿيڻ کان پوءِ نهنڌڙ يادگار قبر تي ڪاڪا نارائڻ شيام طرفان گهڻا سال اڳ سنڌي قوم جا لڇڻ ڏسي اذيت سان تخليق ڪيل هيءُ شعر ڪتبي تي لکائڻو پوندو تہ:

- "الا ايئن مَ ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي تہ هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ڪا ٻولي ؟!" انهيءَ فطري تسلسل جي حوالي سان حد کان وڌيڪ پوڳنائون پوڳيندي پوڳيندي ٻالڪ ادب جي منظرنامي تان اوچتو گم ٿي وڃان تہ گمشدگي جو اشتهار شايع ڪرائڻ جي ڪا بہ ضرورت ناهي. چو تہ خبر اٿم تہ اوهان منهنجي مرتئي کان پوءِ مقبرو اڏائڻ، سنڌي ٻارڙا ڪي نظرياتي بنيادن تي جاري رکڻ تہ پري ٿيوپر منهنجي جيجل امان طرفان وچايل تڏي تي فاتح ڪرڻ توڙي اخبارن ۾ تعزيتي ليک جاري ڪرڻ کان بہ ڪن ٽار ڪندئو؟ چو تہ اوهان زندگيءَ ۾ سڪٽيون واه واه ڪندڙ فرد ۽ مئي پڄاڻان مرده پرست سنڌي قوم مان جنم وٺندڙ ڏرتي ماءُ جا صدورا پٽ بہ آهيو !! اندازو آهي تہ سڪٽيون واه واهون ڪرڻ ۽ هوائي نعري بازي ڪري پاڻ پڏائڻ وارو نمائشي مرض اجان بہ سنڌي قوم جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي.ان ڏس ۾ آزمائشي طور اوهان سميت ڪتاب گهرائي سهڪار ڪندڙ سمورن ساٿين ڪي فردن - فردن نور نچوئي خط لکي اپيل ڪيم تہ جيڪر واقعي ٻالڪ ادب جا عملي طور همدرد آهيو تہ موٽ ۾ فقط ڊبنگ چارج ڪيسيٽ جي قيمت 200 رپيہ موڪلي "جشن جي مووي گهرائي ، ٻهراڙي جي ٻارن ڪي ڏيکاري شعور جي پکيڙ ۾ واڌارو ڪري سرخرو ٿيو. ردعمل ۾ ڪهڙي موٽ ملي ؟ جواب پاڻ

ڪان پڇي ٻڌايو تہ اوهان خود ڪھڙو ٻوٽو ٻاريو؟ مهانگائي جا عذاب هر سال پريس جي شعبي مٿان نازل ٿي پريشان ڪندا رهيا آهن. هلندڙ سال (1999) جي اڳياڙي اوچتو مهانگائي جو راڪاس ڪتابن جي اشاعت جي مڙني مرحلن تي ٻيڻا اگھ ڪري راتاهو هڻي چڪو آهي. اڪثريت جي فرمائش تي ڪتاب ڪڙي 41 هين ٽائٽل رنگين ڪرڻ ڪري خرچ بہ وڌي چڪو آهي. انهيءَ صورتحال جي تقاضا اهيا آهي تہ قيمت وڌائي وڃي. نماڻو عرض تہ ڪڙي 44 هين ڪان ڪتاب جي قيمت ست رپين مان وڌائي اٺ رپيہ ڪئي ويئي آهي. نئين قيمت سان اتفاق ڪريو تہ ٺيڪ نہ تہ سابقہ قيمت تي ڪتاب موڪلڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندس.

-

جواب جو منتظر

اسرار شام

(11)

حيدرآباد
01.09.1999

هونئن تہ هر ڪنهن ٻار منجهہ، مهڪي پيئي مٽيا،
پر جيڪي سنڌ ڇٽيا، تن جو مٽ ٻيا ڪينڪي.
ناراض مائٽ عيسيٰ ميمڻ
رساٽا ڇڏي حال پرين ٿيو شال !

وعليڪم سلام

- ڪڙي 45 جي وي پي منجهہ 04.04.1999 ع تي رکيل خط جي موٽ ۾ اوهان جو پيرائتو پتر 03.08.1999 تي پهتو. حسب روايت بنهہ دير سان بہ ورندي وارڻ لاءِ وڙ. ساڳي در موٽ ۾ احوال اوري ڪڙي 48 هين ۾ رکان پيو. قبوليت ملي تہ لايا سجايا سمجهندس.
- خيال رهي تہ ڪڙي 47 هين جي وي پي ۾ اوهان جي همعصر ساٿي علي بخش پنهور لاءِ سندس خط جو جواب ۽ اوهان لاءِ 47 هين جي حوالي سان هڪ فوٽو اسٽيٽ ( اجتماعي) خط پڻ لکيو هيم. افسوس تہ مذڪوره جنهن جو مواد ترت ورندي جي گهرجائو هو جو ”مناسب“ جواب نہ اچڻ تي ملال ٿيو ۽ رهندوبہ... جيتوڻيڪ خط و ڪتابت جي قاعدن آهر ڪي جواب طلب ڳالهيون بہ هونديون آهن ، جن جا جواب ( هڪ ڌر طرفان) ترت لکيا ويندا آهن تہ جيئن خيالن جي ڏي وٺ جي تازگي برقرار رهي سگهي. ان جي برعڪس اوهان ڀال ڀلائيندي جواب تہ ضرور لکندا آهيو پر ايڏي تہ دير سان لکندا آهيو جو ردعمل ۾ ماضي جي تازگي برقرار رهي نہ سگهندي آهي. ان ڪان

علاوه ڪڏهن ڪڏهن اهڙا بہ سوال ڪندا آهيو جيڪي خطن بدران روبرو ڪرڻ جوڳا هوندا آهن.

- ڏهين ڪلاس ۾ داخلا هجڻ جي حوالي سان وهاب عثماني واري ڳالهہ تي يقين ان ڪري بہ ڪرڻو پيو تہ اوهان طرفان بنهہ دير سان جواب لکڻ ڪري ( هڪ طرح سان) ابهام پيدا ٿيڻ ڪري شڪ پيدا ٿيو. جنهن جي اوهان ترديد ڪري بهتر ڪيو.
- اعتراف ڪريان ٿو تہ اوهان کان راءِ پڇڻ بدران ڪتاب جي قيمت وڌائي 8 رپيہ ڪري ڇڏيم. ان جو هڪ سبب اهيو بہ ٿي سگهي ٿو تہ اوهان کي قابلِ اعتماد سهڪاري ساٿي سمجهي راءِ پڇڻ ضروري نہ سمجهيم. البت ان ڏس ۾ هڪ بيو گڏيل فوٽو اسٽيٽ خط اڳواٽ ضرور موڪليو آهي.
- 13 آگسٽ تي ساٿي اڪبر جسڪاڻي جي ڪمهلي موت مون تي ڇرڻ سڪتو طاري ڪري ڇڏيو آهي. السر جو مريض تہ اڳ ئي آهيان. البت اڪبر جي ڏک بلڊ پريشر لو ڪري ڇڏيو آهي. بيدرد سنڌي قوم بيدردي سان اڪبر کي بيرحم روين سان اجاڙي ڇڏيو. واڳونءَ وارا ڳوڙها ڳاڙيندڙ اديب پريس پڌرايون ڪيڻ ۾ پورا آهن. سو سڄڻ ! ٻارن جي اديبن جي پڇاڙي ڏسي مايوس ٿيڻ بدران منفي جذبا ايري رهيا آهن. پاڻ اوچتو هيٺ مٿي ٿي وڃون تہ پلجي بہ پريس رليز نہ ڇپائجانءِ!!
- اها سٺي ڳالهہ آهي تہ ٻالڪ ادب جي خدمت ڪرڻ ڪاڻ ساٿي رفيع لغاري سان اسسٽنٽ ايڊيٽر طور تي سلهاڙجي آگسٽ ۾ ماهوار ”ٻارڙا“ مئگزين مارڪيٽ ۾ آڻي رهيا آهيو. وڏيڪ لاءِ ساٿي رفيع لغاري کي منهنجا سلام ڏيڻ سان گڏ ڪيس نياپو ڪندا تہ رسالي جي

سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي اخلاقي ۽ فني مدد جي ضرورت هجي ته حاضر آهيان.

- جيستائين ”ٻارڙا مئگزين“ گهرائڻ جو تعلق آهي ، ته ان بابت به رستا آهن هڪ ته جيئن مون اوهان سان لک پڙهه ڪرڻ ڪان پوءِ سنڌي ٻارڙا جا ڪتاب مستقل گهرائڻ لاءِ آماده ڪيو. تيئن اوهان به خط لکي مون کي آماده ڪري مشڪلن مان گذري ڪجهه سکو. ٻيو سولو رستو اهيو آهي ته جيترا ڪتاب سنڌي ٻارڙا جا گهرايو ٿا، اوترا ڪتاب وفا جي ائڊريس تي وي پي ڪري موڪليو. وي پي وفا ڇڏائيندو ۽ ڪپائڻ جي ذميواري مون تي آهي.
- ڪيفيت: ڏيهاڙي جيئان اڄ به بيحد ٿڪل آهيان۽ ٻيو ته اوهان پوءِ ٻين ساٿين کي پڻ ضروري خطن جا جواب لکڻ ڪان پوءِ سڄي رات آفيس ۾ اوجاڳو ڪري وي پي ۽ پارسل به ٻڌٽا آهن ۽ ٻِو صبح سوير پوسٽ جي حوالي ڪري اسڪول ياترا به ڪرڻي اٿم. ان ڪري نندا ڪڙين اکڙين سان موڪلايان ٿو. ( ڪڙي 47 هين تي راءِ ضرور لکندا).

اجان به ساڳيو

اسرار شام

(12)

حيدرآباد
02.03.2000

مانوارا عيسيٰ ميمڻ
شل جاکوڙي جهان ماڻيو!

السلام عليڪم

اميد تہ حالتن جي حساب سان سکي ۽ سلامت هوندا.

- ياد رهي تہ حسب دستور نور نچوئي 4 صفحن جي ڪينواس تي اڪريل " جوابي خط" 1.09.1999 تي لکي ڪڙي 48 هين " ٽري ٻار" جي وي پي وچ ۾ امين ڪري رکيو هيم.
- خيال رهي تہ اوهان جو هڪ بنهہ مختصر خطن 18.09.1999 تي مليم.
- ساٿي علي بخش پناڻ جي ڏکويل هڪ خط ذريعي معلوم ٿيو تہ "اوهان روزگار جي سلسلي ۾ ڏکا کائيندا حيدرآباد اچي مايوس ٿي موٽي آيا".اهڙي ڄاڻ پڙهي ڏک ٿيم. احساس اٿم تہ بيروزگاري اوج تي آهي. پر افسوس سان تجربن آهر چوندس تہ سنڌي ماڻهوءَ جي نفسيات "پسند جو روزگار" هجڻ ڪري، حاصلات ۾ ناڪام رهندي پئي اچي. واندو ويهڻ کي ترجيح ڏيندي سماجي براين جي ڄارَ ۾ ڦاسڻ پسند ڪندو آهي پر ڳولا ۽ مسلسل ڳولا لاءِ ڪٽ تان پير هيٺ نہ لاهڻ ڪري مايوسين سان سمجهوتو ڪري آپگهات تہ ڪندو پر مسلسل جاکوڙ ڪرڻ کان لنوائيندو رهندو آهي. منهنجي هٿ ۾ روزگار جو ڪو بہ وسيلو نہ آهي. منهنجي سڄي ملڪيت "سنڌي ٻارڙا" آهي. جنهن جا حقيقي وارث سنڌ جا سڄاڻ (سست نہ) ٻار آهن.اشاعتي سلسلن جي اصل فيلڊ سرڪيوليشن

آهي.جنهن ۾ ڪا بہ مالي سيڙپ ڪرڻ پنهنجن بدران ڏاريا ماڻهو شامل ٿي عزت ڀريو روزگار حاصل ڪري رهيا آهن.اهڙي صورتحال ۾ وفا مولا بخش قمبراڻي سندم موثر رهنمائي ۾ ڪتابن جي بندبل هرمهيني ٻئي مهيني ڪلهن تي کڻي ڳوٺن ۾ شهرن جي اسڪولن تي ڦيرائي پائي نتيجي ۾ ڪاليج جي في، ڪتابن جو خرچ ۾ ذاتي ضرورتن جو مناسب اجورو پائي سگهي ٿو تہ سنڌ جا ٻيا نوجوان واندي ويهڻ بدران ايئن ڇو نہ ٿا ڪري سگهن؟ ذهين جي ساليانی امتحانن مان فارغ ٿي تڏي دماغ سان ٻيئي دوست هن تجويز تي غور ضرور ڪندا.

- ساٿي علي بخش لاءِ جوابي خط ۾ دوست عزيز منگي لاءِ ڪتابن جو سيٽ، جيڪو ڪڙي نمبر 50 ۾ رکيو هئم ۾ موٽي اچڻ تي ٻيهر شامل ڪري رهيو آهيان ڪين ضرور پڄائيندا. خواهش اٿم تہ مناسب موقعي تي ساٿي علي بخش کي ساڻ ڪري حيدرآباد ڏيکاريندا تہ جيئن روبرو سندس شڪايتن جو ازالو ڪري سگهان.

اوهان جو پنهنجو

اسرار شام

(13)

حيدرآباد

09.11.2000

ڪٺيا پيا آهيون، سٺيا پيا آهيون،

سڄڻ! هر دل تان مٿيا پيا آهيون. ( اسرار شام)

منڙا عيسيٰ ميمڻ

شل سک جي سوليءَ تي بہ سرخرو

ٿي ڏيکاريو.

اسلام عليڪم

اميد تہ پاڻ مرادي اختيار ڪيل مصروفيتن ۾ انفرادي طور تي زندگيءَ جي هڻ وٺ ۾ مشغول هوندا. جڏهن تہ آئون.............

- وڏي وٿي کان پوءِ اوهان جو مبهم خط طويل نثري نظم سميت 01.11.2000 تي پهتو.ردعمل ۾ روايتي طور ٿورا مڃڻ کان انڪار ڪريان ٿو. ڇو تہ اوهان ٻاراٽي ادب جي حوالي سان بهترين سهڪاري هجڻ جي باوجود بہ لک پڙهہ جي حساب سان توازن قائم ڪرڻ ۾ ناڪام ثابت ٿي چڪا آهيو. پوءِ بہ پاڻ مرادو توازن قائم ڪرڻ جي آس رکندي، اڳ جيان هاڻ بہ مڪمل جواب لکي سچ-حق جو ڳاٽ اوچو رکڻ جا وَس ڪيان ٿو.
- نثري نظم واري اچڻ تي ضرور شايع ڪندس. هن کان اڳ آئون سمجهان ٿو تہ اوهان جو رهيل ڪو مواد بہ ضرور واري اچڻ تي شايع ٿي ويو هجي تہ ڪو وڏاءُ نہ ٿيندو. جيتوڻيڪ اوهان ڪڙي 52 هين کان ڪٽجي چڪا هئا.
- اهيو پاڻ مرادو اعتراف ڪيو تہ : ”ٻاراٽي ادب جي ڪٺن سفر ۾ ٿڪجي پير پٿون ڪري چڪو آهيان. ممڪن آهي اوهان ٿڪجي

پيا ھجو پر مذڪوره اعتراف مون لاءِ نئون ۽ چرڪائيندڙ آھي. ان ڪري تہ اوھان سان خطن ذريعي وقت ڪان رابطو ھجڻ جي باوجود بہ اوھان ٻارڙي ادب لاءِ ڪيل قربانين جي ڪا بہ واضح ڳالھہ نہ پئي ڪئي ھوندي. مثال طور : ويھہ پنجويھہ ڪتاب گھرائڻ ۽ اخبارن جي صفحي ۾ لکڻ واري عمل کي بهترين عمل تہ چئي سگھجي ٿو پر سفر نہ ؟ ڇا اوھان ٻالڪ ادب ٻارن تائين پچائڻ لاءِ سنڌ جي جھر جھنگ جو سفر ڪيو آھي ۽ موٽ نہ ملڻ ڪري ٿڪجي پيا آھيو؟ جي ھا تہ پھرين وار سندم ناقص ڄاڻ ۾ واڌارو ضرور ڪندا جي نہ تہ پوءِ اھڙي سفر کي ذاتي يا معاشي مسئلن جي سفرياترا جوئي نانءُ اربي سگھجي ٿو. معاف ڪجو ”اوھان جي عمر منھنجو تجربو“ جي حوالي سان وڏيڪ لکندس تہ چوندا حوصلو وڌائڻ بدران طنز ٿو ڪريان. مون کي افسوس آھي تہ سنڌي ٻارڙا جي نسبت سان مون کي بيحد عزيز ھوندي بہ منھنجي ڪنن ادبي سفر، جيڪو اڄ بہ جاري آھي، مان ڪوئي سبق حاصل نہ ڪري سگھيا !!!

- اوھان پنھنجي جذبن جي ترجماني ڪرڻ لاءِ پٽائي جي بيتن جو حالتن آھر سنو سھارو ضرور ورتو آھي پر ساڳئي لطيف جي مزاحمتي بيتن جو سھارو وٺڻ بدران مايوسي وارو انداز اپنايو آھي.
- وفا مولا بخش قمبراڻي جا سلام قبول ڪندا تہ وڙ جنھن کي مون اوھان جو خط پڙ ڏيکاريو ھو. خطن جو جواب ترت ڏيندا تہ مھرباني ٿيندي.

اوھان جو خيرخواه

اسرار شام

(14)

حيدرآباد

28.04.2013

مانوارا ڪامريڊ عيسيٰ ميمڻ

سلامتيون هجن شال سدا

اسلام عليڪم

جيئي ٻاراڻو سنڌي ادب ۽ جيئڻ سنڌ جا سنجيده پاڙهو ٻارَ

- احوال عرض تہ وڏي وٿ کان پوءِ ڪن پل ۾ گذري ويل ڪالهہ (15.04.2013) اڱاري تي منجهند ڌاري حيدرچوڪ ( ڪتابن جي گاڏي) تي اوچتو بيني پير آمهان سامهان ٿياسين. اوهان مان کي (اجان ساڃيو هجڻ) ترت سڃاتو پر مان نہ سڃاتو. اوهان پاڻ مرادي سڃاڻپ ڪرائي. ماضي ڏور ۾ هاءِ اسڪول ڏوڪري ۾ پڙهندڙ شاگرد ۽ ڪڙي 22 (شايد) کان ٽپال ذريعي رسالو " سنڌي ٻارڙا" کي گهرائيندڙ محمد عيسيٰ کي قومي ليکڪ جي حيثيت ۾ ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي. پنهنجي سرسوتي ڪتاب گهر طرفان شايع ڪرايل تي ڪتاب (شاعري، سياست ، تاريخ ۽ ڪردار، مهين جو باغي، قومپرستي) سوڪڙي ڏنا ۽انڪشاف ڪيو تہ سندم لکيل طويل خط محفوظ آهن.جن کي سندم مرڻ کان پوءِ شايع ڪرائي سنڌي قوم جي مرده پرستي واري روايت کي قائم ڪيو ويندو. اوهان تہ مذاق ڪئي پر حقيقت بہ اهيا آهي تہ سندم خط سرسوتي ڪتاب گهر طرفان مرڻ کان پوءِ شايع نہ ڪرايا ويندا ؟ (البت سوکڙي جي موٽ پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي شايع ٿي ويل ناٽڪڙن جي مجموعي جو ڪتاب ، جيڪو آخري تصور ڪندا" وڏي جڏهن وڏو ٿيندس".

شامل ڪجي ٿو ڇاڪاڻ تہ ٻين ٻاراڻن ڪتابن جي مسودن تي ڪم ڪيان ٿو تہ ” سنڌي ٻارڙ“ جو ڪم متاثر ٿيڻ ڪري، ترجيح رسالي کي ئي ڏنم. مٿان وري سنڌي ۾ لساني ڪشيدگي کي ڏسندي دماغ ۾ تڏ وڃنم ، سنڌ ۾ سنڌي-اردو ٻوليون ٻوليندڙ ٻارن وچ ۾ لساني هم آهنگي پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ سنڌ دوست ٻارن جو رسالو شايع ڪريان. 2009ع کان سنڌم جنم يومي ٽنڊو ڄام مان ہ ماهي رسالو ”بهت خوب“ جي نالي سان تاحال شايع ٿي رهيو آهي. نموني طور تي فقط هڪ ڪاپي ايپاس طور تي حاضر آهي. ان ۾ سنڌي ٻول چال جهڙا مستقل سلسلا ڏسي پنهنجي نظرياتي قومپرست اڳواڻ محترم عبدالواحد آريسر کي پڻ رسالو ڏيکاري آگاه ڪندا. اڳ مهاجر مخالف ۽ هاڻ مهاجر دوست؟ سچ تہ قومپرستي جي جادو ( ماضيءَ ۾) مان تي ہ اثر ڏيکاريا هئا. ڪٿر ٿي يڪ طرفو لکيم پر حالتن جي پيڙ مان جيڪا تصوير نهي، انهن جي ڪئپشن ۾ مهاجرن کي مهاجر ڪرڻ وارا اسان خود سنڌي  قومپرست آهيون. سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ بدران سان خود هنن سان اردو ۾ ڳالهائي. ان ڏس ۾ هڪ جنگهہ ڀهراڙي ٻي جنگهہ شهرن ۾ هجڻ ڪري مون وٽ کوڙ سارا مثال آهن. قومي-علاقائي نالي ۾ ميڊيا وار شروع ٿي تہ سنڌي عوام وڏيڪ اثر وٺندي لکنوءَ ڪلچر ۽ ٻولي کي اپنايو. ٻولين سان عداوت قطعي نہ ڪرڻ گهرجي. پر ان جو مطلب هرويرو ہ ائين ناهي تہ پنهنجي مادري زبان کي ڪنڌائتو ڪيو وڃي. مٿان وري ترقيءَ جي نالي ۾ نازل ٿيندڙ موبائل فون بعد ۾ نيٽ، فيس بوڪ وغيره سنڌي سماج ۾ جيڪو ثقافتي ڀونچال آندو، ان جي نتيجي ۾ خاص ڪري سنڌ جي نيئن نسل موبائل کي ڇچڙ وانگر چهٽيو تہ اردو جي رومانس ۾ هيل توڙي گهٽو تعليم، اخلاق ،حياءُ، شرم، جنهن ۾ ڇوڪريون ہ شامل

آهن کي تين وال ڪندي جنهن ۾ لڙهي رهيا آهن. انهن کي نعري باز قومپرست ڪلچر بچائڻ بدران عملي ڪلچر ۾ ادب ئي بچائي سگهي ٿو. اهو تڏهن ممڪن ٿيندو، جڏهن سڀ ڏريون هڪ ٿي هڪ آواز سان ٻاراڻي نرسري ( ادب ) تي ڌيان ڌريندريون. پر ايئن ٿيڻ سنڌ ۾ ناممڪن آهي ڇاڪاڻ ته اڄ ڪلهه سموريون ڏريون مختلف ماسڪ پائي مال تي ڌمال هڻي رهيون آهن. عوام کان ڏور رهي ڇڙوڇڙ نعري باز سياست ڪندڙ قومپرست ٻه چونڊن ۾ بيٺا آهن. فرشتن ووٽ نه وڌو ته قومپرست اميدوارضمانتون رد ڪرائي ويهندا وري نئين روپ ۾ نوان وڏيرا ايندا. اقتدار ماڻڻ لاءِ مفاهمت جي نالي ۾ پٽڪا مخالف جي پيرن تي رکي رهيل سنڌ کي وڪرو ڪرڻ ۾ دير نه ڪندا.

- آئون جذباتي ٿيندو پيو وڃان، جذبن تي بريڪ هڻندي تسلسل کي ملايان ٿو. طئي اهيو ٿيو ته في الحال ماه مئي کان عدد 15 ڪاپيون نڪو نفعو نڪو نقصان جي بنياد تي سهڪار کي جاري رکيو ويندو. رسالا شاگردن ۾ تقسيم ڪرڻ کان پوءِ تعداد ٻه وڌايو ويندو. ذاتي طور تي موبائل فون نه رکڻ سبب ، دوستن جي نمبرن تان هيلو هاءِ ڪيم ۽ خط جهڙي انقلابي صنف کي سنڌ جي جهونن-نون اديبن طرفان موبائل ڏاري تباه و برباد ڪرڻ جي روشنيءَ ۾ وينتي ڪيم ته ماضيءَ جو عيسيٰ بڻجي،خط و ڪتابت تي ڌيان ڌريندا ته معاونت ٿي پوندي. اوهان مٿين دل سان هاڪار ڪئي!!
- مناسب وقت اندر مختصر مقالو لکي موڪليندا ته مقالن تي شايع ٿيندڙ ڪتاب ۾ شامل ڪري سگهجي. چاهيو ته اسڪول پروگرامس ۾ چونڊ ناٽڪ اسٽيج ڪري سگهو ٿا.

- اوهان کي بہ ڪهاڻي لکڻ جي تجويز ڏني هيم . هائوڪار ملي، موٽ ڏيو. ٻاراڻي ادب لاءِ سنڌي ڪهاڻي مري چڪي آهي.اردو ٻاراڻي ادب لاءِ بيشمار ڪهاڻيون لکيون پيون وڃن. نموني طور تي رسالي ” بهت خوب“ جي هڪ ڪاپي اپياس لاءِ حاضر آهي.
- ماضي ڏور کي حال سان ملائيندا تہ بيمار سرير کي آڪسيجن ملي پوندي ڇو تہ جنوريءَ کان مسلسل بيمار رهندو پيو اچان. دعائن ۾ ياد رکندا تہ وڏاوڙ.

اجان بہ ساڳيو

اسرار شام

(15)

خير محمد آريجا
23_03_2002

قابلِ احترام عيسيٰ ميمڻ
سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت
ڏوڪري شاخ

موضوع: سنگت شاخ جو مواد ۽ پروفائيل

محترم سائين:

گل حيات انسٽيٽيوٽ پنهنجي نماڻين تحقيقي ۽ تاريخي خدمتن ڪارڻ هن وقت ملڪ کان ٻاهر پڻ مڃتا ماڻڻ لڳو آهي. هن اعزاز جو بنيادي ڪارڻ اسان جو خلوص ۽ بي لوث محنت آهي. اسان اوهان کي دعوت ڏيون ٿا ته پاڻ قرب جا قدم پري ادارو ڏسي وڃو.

هن اداري ۾ اسان سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪري جو پروفائيل رکڻ گهرون ٿا. جنهن لاءِ اسان کي هيٺ ڄاڻايل مواد ۽ معلومات فراهم ڪرڻ جي عنايت ڪندا.

1. موجوده ۽ سابق عهديدارن ۽ ميمبرن جا ڪوائف. هن لاءِ هڪ عدد پروفارما شامل ڪجي ٿو.
2. منٽس بوڪ جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي.
3. اخبارن ۾ شايع ٿيل خبرون، رپورٽون وغيره. اوهان جي شاخ جون ادبي ۽ تنظيمي سرگرميون مسلسل نظر مان گذرن ٿيون، اوهان جو بحيثيت سيڪريٽري جي، ڪم شاندار آهي. اميد ته ساڳي جذبي ۽ محنت سان ڪم ڪندا رهندا.

اوهان جو خيرانديش
ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

(16)

چڪ / شڪارپور

08 مئي 2008ع

مِنا عيسيٰ

جيئو شال

حق موجود:

حيدرآباد ۾ مرڪزي اليڪشن وقت ڪيل واعدي مطابق ڪتابُ نہ پرڏنڊ ۾ بيا ڪتاب بہ گڏ حاضر آهن. اُميد تہ دير جي ليٽ نڪري وئي هوندي. ليٽ جي معافي بہ ڏئي ڇڏي هوندوَ مهرباني.

مون لاءِ ڪو حڪم هجي تہ حاضر آهيان.

- سنگت لاءِ ڍير سلام دعائون.
- تولاءِ اِلاهي اِلاهي پيار. تون نوجوان آهين تو ۾ ڪم ڪرڻ جي جستجو ۽ حوصلو ڏسي خوشي ٿي اٿم. اميد تہ سنڌ ۽ سنڌي ادب لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهندين.

توهان جو پنهنجو

هارون چنو.

(17)

سکر

30_03_2002

محترم ڀاءُ

عيسيٰ ميمڻ!

السلام عليڪم

سائين سرور منگيءَ جي پهرين ورسيءَ جي ڪوٺ پهتي. مهرباني. سنگت ٽل وارن 6 اپريل تي شام جو فتاح عابد جي ورسيءَ جو پروگرام رکيو آهي. جنهن لاءِ ڪين اڳواٽ پروگرام ڏنو هو. مان ڪوشش ڪندس تہ توهان وٽ ہئي ڏينهن پهچان، پر واعدو نٿو ڪريان. نہ پهچي سگهڻ تي اڳواٽ معذرت. ڪنهن نہ ڪنهن پروگرام ۾ اوهان وٽ ايندس. ضرور. توهان جون سرگرميون مون لاءِ اتساهہ جو سبب آهن.

اميد تہ خيريت سان هوندا.

اوهان جو

ادل سومرو

سيڪريٽري جنرل

سنڌي ادبي سنگت - سنڌ

(18)

نئون ديرو
17_11_2002

محترم ڀاءُ
عيسيٰ ميمڻ
اميد آهي اَٿم تہ خوش هوندا.

اوهان ادل سولنگيءَ جي رهاڻ جي دعوت موڪلي — خط لکيو ۽ آخر ۾ پاڻ لڙي بہ آيا. منهنجو پڪو پروگرام هو اَچڻ جو — پر ڪالهہ واري مظاهري ڏاڍو ٿڪائي وِڌو. ان جو سمورو انتظام اول کان وٺي آخر تائين مون کي ئي ڪرڻو هو. جيڪو ٿيو. بس ان ئي سبب ڪري مان نہ اَچي سگهيس. اوهان ضرور ڪاوڙيا هوندا، پر اوهان کي پرچائي وٺبو. اميد تہ دل ۾ نہ ڪيو هوندوَ ۽ معاف ڪيو هوندوَ. مون کي اميد آهي تہ اوهان جو پروگرام ڪافي بهتر ٿيو هوندو. مون پاران ادل سولنگيءَ کي مبارڪون چوندا ۽ پاڻ بہ قبول ڪندا.

اوهان جو
منٺار سولنگي

(19)

اسلام آباد

23 جولاءِ 2005

مانوارا عيسيٰ ميمڻ

عنوان: عوامي مشاورت ذريعي پيئڻ جي پاڻي جي قومي پاليسي.

صارفين جي تحفظ جو ادارو دي نيٽ ورڪ، مٿي ڏنل عنوان جي حوالي سان ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ عوامي رابطي جي مهم جي شروعات ڪري رهيو آهي. ان ڏس ۾ عوامي گڏجاڻيون ڪونرائڻ سميت ميڊيا سان رابطن جو رٿيو ويو آهي. انهن گڏجاڻين جو مقصد ماڻهن جي پيئڻ جي پاڻيءَ بابت خدشن، مسئلن ۽ تجويزن کي ريڪارڊ ڪرڻ ۽ انهن کي وفاقي ۽ صوبائي مرڪزن ۾ پاليسي سازيءَ جي عمل ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ آهي. اسان جي انهيءَ ڪوشش جو تعلق وفاقي حڪومت پاران جوڙي ويندڙ پيئڻ جي پاڻي جي قومي پاليسيءَ سان آهي. جنهن لاءِ وفاقي حڪومت ”نيشنل ڪوآرڊينيشن ڪميٽي فار واٽر ائنڊ سينيٽيشن (NCCWS) جوڙي آهي ۽ ان ڪميٽي جنهن ۾ دي نيٽ ورڪ هڪ اهم رڪن آهي، جو مقصد پيئڻ جي قومي پاليسي جو مسودو تيار ڪرڻ آهي.

اسان کي يقين آهي تہ پاليسي سازي جي عمل ۾ عوام جي اميدن ۽ خدشن کي نظرانداز ڪرڻ خود ايترو ئي اهم مسئلو آهي جيترو اهم پيئڻ جي پاڻي جو مسئلو آهي. حڪومتي ادارن پاران بنا ڪنهن مشاورت جي پاليسي سازي جو شاهاڻو انداز جاري آهي ۽ ان سان اسان جي ناقص ۽ ڪمزور حڪمراني جي طريقيءَ جا اهي مسئلا وڌيڪ سنگين ٿي رهيا

آهن. جيئن تہ توهان کي معلوم آهي تہ ملڪ جي سمورن علائقن خاص طور تي سنڌ ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ جي فراهمي جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهي آهي ۽ ان ۾ بهتريءَ جي ڪا بہ اميد نظر نہ ٿي اچي.

اسان سمجهون ٿا تہ قومي پاليسيون جوڙڻ وقت عوام جي تجويزن کي لازمي طور شامل ڪرڻ گهرجي. ان مقصد کي آڏو رکندي دي نيٽ ورڪ هڪ عوامي رابطي جي مهم جي شروعات ڪئي آهي تہ جيئن عوام جي آواز کي پاليسي سازن جي دروازي تائين پهچايو وڃي ۽ انهن تي عوام جي مفادن جي تحفظ لاءِ دٻاءُ وڌو وڃي.

ان ڏس ۾ اوهان جي شهر ۾ هڪ عوامي مشاورتي گڏجاڻي ڪوٺرائي ويئي آهي جنهن ۾ اوهان جي شرڪت ۽ سهڪار اسان جي لاءِ انتهائي حوصلا افزائي جو سبب بڻبي. گڏجاڻي جو پروگرام ۽ وڌيڪ تفصيل هن ڪوٺ ساڻ منسلڪ آهي. وڌيڪ ڄاڻ لاءِ اوهان ڏنل ائڊريس يا اسان جي مقامي سهڪاري تنظيم سان لهہ وچڙ ۾ اچي سگهو ٿا.

پيئڻ جي پاڻي جي قومي پاليسي بابت اوهان جي تجويزن جو منتظر

اوهان جو پنهنجو

محسن ٻٻر

پراجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر - واٽر

(20)

لاڙڪاڻو

31_08_2006

مانوارا سائين

عيسيٰ ميمڻ

اميد تہ سرها هوندا.

سنڌي ادبي سنگت، سنڌ اسان کي اهو موقعو ڏنو تہ اسان گروهي، سياسي ۽ شخصي لاڙن کي ڇڏي اجتماعي ۽ قومي ڪارج لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪريون ۽ اسان جو ادبي سفر مانائتو ۽ سگهارو هجي. اسان سنڌي ادبي سنگت کي هڪ سگهارو ادارو ڏسڻ جي خواهش رکون ٿا. ان لاءِ اسان ڪجهہ هم خيال دوستن، هڪ عزم کڻي سنڌي ادبي سنگت جي سال 2006_07 جي مرڪزي چونڊن ۾ مرڪزي عهدن لاءِ ذميداري کڻڻ جو ارادو ڪيو آهي. اسان جون خواهشون، ارادا ۽ پروگرام اهي ئي آهن، جيڪي اوهان سڄاڻ ۽ باشعور ليکڪ دوستن جا هئڻ گهرجن.

- اسان سنڌي ادبي سنگت جي متن، مقصدن ۽ منشور تي مڪمل ڪاربند رهنداسين.
- اسان سنگت جي وقار، عزت ۽ ڪردار جي بحالي لاءِ پرعزم آهيون.
- اسان سنڌي ادبي سنگت جي اديبن، شاعرن، دانشورن جي متحد ۽ غير متنازعہ جماعت واري روح کي برقرار رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين.
- اسان سنڌي ادبي سنگت کي جديد دور جي تقاضائن موجب هم آهنگ ڪري، سائنسي شعور ۽ ساڃاهہ سان اڳيرائي ڪنداسين.

- اسان سينيئر ۽ جونيئر جي وچ ۾ احترام ۽ عزت برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪنداسين. اسان پيڙهي ۽ وڇوٽيءَ واري غير ادبي ۽ غير سائنسي لاڙي کي ايرڻ نه ڏينداسين.
- اسان سنڌ جي زندگي ۽ موت وارن قومي مسئلن ۽ سنڌي ٻولي جي قومي حيثيت جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد ۽ جاکوڙ جاري رکنداسين.
- اسان سنڌي ادب جي واڌ ۽ ويجهه لاءِ شاخن جي سهڪار سان هر ممڪن طريقا ڪتب آڻينداسين. ادبي شعور، نثر ۽ شاعري جي صنفن جي ساڃاهه لاءِ ليڪچر، اپياسي ويهڪون ۽ سيمينارن جو بندوبست ڪنداسين.
- سنگت پاران سنڌ جي سڃاڻپ جي اهڃاڻ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر ۽ پيغام کي سمجهڻ لاءِ شاهه جي پارکن کان ليڪچر ۽ ڪلاس هلائڻ جو بندوبست ڪنداسين.
- اسان سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر (پاڪستان ۽ دنيا) جي ادبي تنظيمن سان برادرانه لاڳاپا قائم ڪنداسين.
- غريب، بي پهچ ۽ بيمار اديبن، شاعرن جي مالي مدد لاءِ سنگت جي وسيلن، سرڪاري ۽ انفرادي امداد لاءِ ڪوشان رهنداسين.
- سنگت جي مرڪزي آفيس جي تعمير، ان ۾ جديد سهولتن ۽ رڪارڊ جي سهيڙ لاءِ سمورا وسيلا ڪم آڻينداسين.
- اسان سنگت مرڪز ۽ شاخن ۾ رابطي جو بهتر نظام قائم ڪنداسين.
- اسان سنگت جي شاخن جي سهڪار سان ڪتابن، خبرنامن ۽ ٻئي مواد جي اشاعت طرف وڌيڪ ڌيان ڏينداسين ۽ سنگت پبليڪيشن کي جامع رٿا موجب هلائينداسين.

- اسان سنڌي ادبي سنگت جي شاخن جي سمورن ميمبرن جي ڊائريڪٽري شايع ڪنداسين. جنهن ۾ سمورن ميمبرن جو مختصر تعارف، تصويرون ۽ ائڊريسون شامل هونديون.
- سنڌي ادب ۾ ڪتابن تي اديبن، شاعرن کي هر سال سنگت ايوارڊ ڏنا ويندا ۽ بهتر ڪارڪردگي جي بنياد تي سنگت جي شاخن ۽ رابطا سيڪريٽرين کي مڃتا ايوارڊ ۽ شيلڊون پڻ ڏنيون وينديون.
- اسان ”سنگت ويب سائيٽ“ ناهي، سنڌ سنگت جي تاريخ، سنگت مرڪز شاخن جي ادبي سرگرمين ۽ سنڌي ۾ ڇپيل اهم ڪتابن کي ”سنگت ويب سائيٽ“ تي آڻيندا سين.
- سنڌي جي سمورن ادبي ادارن سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي ٻولي اٿارٽي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، شاهه لطيف چيئر، سچل چيئر، شيخ اياز چيئر، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز وغيره جي بورڊ آف گورنرز/ صلاحڪار بورڊن ۾ سنڌ سنگت کي نمائندگي ڏيارڻ جي ڪوشش ڪنداسين.
- سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادبي ادارن جي سهڪار سان سنڌ_هند جي ڇپجندڙ سنڌي ڪتابن جي وڪري جو وسيع نيٽ ورڪ جوڙڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

اوهان جا پنهنجا

سرڪش سنڌي

ابراهيم ڪرل

آزاد انور ڪانڌڙو

غلام محمد غازي

اميدوار

سيڪريٽري جنرل ،جوائنٽ سيڪريٽري، خزانچي ۽ آڊيٽر

(21)

لاڙڪاڻو

01 سيپٽمبر 2006

محترم عيسيٰ ميمڻ

شل سکيا هجو!

اها ڳالهه ڪنهن کان به ڳجهي ناهي ته سنڌي ادبي سنگت کي موجوده بحراني صورتحال تائين ڪِهلي پهچائڻ وارا هٿ ڪهڙا آهن. اسان هميشه سنگت جي عظيم تر مفاد خاطر پنهنجائپ وارن روين ۾ سنگت جي ايڪتا لاءِ دل ۾ جان سان پتوڙيندا رهيا آهيون. چاهي اسان کي سنگت جا مرڪزي عهدا نصيب ٿيا هجن يا نه. اسان لاءِ بلند ترين مقصد سنڌي ادبي سنگت جي وقار جي بحالي ۾ بهتر ڪارڪردگي آهي.

سنڌي ادبي سنگت جي ڪارڪردگيءَ کي نئين سر منظم ڪري، نئين روح، جذبي ۾ خلوص سان ان کي پنهنجو شاندار ماضي موٽائي ڏيڻ سان گڏوگڏ نين تقاضائن موجب سنگت جي صف بندي ڪرڻ اسان جي سڀ کان وڏي اوليت آهي. اسان ڪامل يقين ۾ اعتماد سان چئون ٿا ته اسان پاڻ کي اوهان دوستن جي اعتماد ۾ ڀروسي کان به گهڻو اڳڀرو ثابت ڪري سگهنداسين ۾ يقينن اسان تي اعتماد ڪندڙ دوستن کي پنهنجي اعتماد تي ڪا به پشيماني نه ٿيندي.

سنڌي ادبي سنگت کي جاکوڙي مرڪزي عهديدارن جي ضرورت آهي. جيڪي ادبي ميدان ۾ تتي ٿڌيءَ مسلسل متحرڪ رهڻ جا هيراڪ هجن. اسان ڪي به وڏيون دعوائون ڪري ڪي به سبز باغ ڏيکارڻ جا جتن ڪري توهان کان توهانجو اعتماد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ بجاءِ فقط ايترو عرض ڪريون ٿا ته يقين ڪريو ته اسان توهان جي

اعتماد تي هر حالت ۾ پورا لهنداسين ۽ فوري طور تي هيئين پروگرام کي عملي جامون پهرائڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

- سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي ترجمان ”نيوز ليٽر“ جاري ڪيو ويندو.
- سنگت جو تخليقي، تنقيد ۽ تحقيقي مخزن ”سنگت“ جاري ڪيو ويندو.
- چونڊجڻ کان پوءِ ڪن سرندي وارن دوستن جي اسان سان ڪيل غير مشروط مدد جي واعدن موجب ٽن مهينن اندر مرڪزي آفيس جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪرائينداسين.
- شاخن کي بهترين ڪارڪردگي تي سرٽيفڪيٽ ۽ شيلڊون ڏنيون وينديون.
- بيمار اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن جي واسطي ”سنڌ سنگت سهائتا ٽرسٽ“ قائم ڪيو ويندو.
- سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپجندڙ مختلف صنفن جي ڪتابن تي ايوارڊ ۽ انعام ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويندو.
- سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ ۽ سنڌ جي مسئلن تي چٽو ۽ واضع موقف اختيار ڪيو ويندو.
- چونڊن ۾ اوهان جي اعتماد جي بحالي جي صورت ۾ پهرين مهيني اندر سنگت سنڌ ويب سائيٽ نهرائي ان جو افتتاح ڪيو ويندو.
- عورت ليکڪائن جي همت افزائي ڪرڻ ۽ کين اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ آئين ۾ ترميم ڪري عورت جوائنٽ سيڪريٽري جو عهدو رکيو ويندو.
- ملڪي سطح تي سنڌي اديبن کي ٻاهرين ملڪن جي دورن ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

- سنگت مرڪز طرفان ضرورتمند اديبن جا ڪتاب ۽ پروفائيل ڇپائڻ ۽ نوجوان ليکڪن جي لکڻين جا ٻين ٻولين ۾ ترجمان ڪرائي ڇپائڻ.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال
ڊاڪٽر مشتاق ڦل
معشوق ڏاريجو ۽ ذاڪر حسين ڪٽي
اميدوار
سيڪريٽري جنرل، جوائنٽ سيڪريٽري، خزانچي ۽ آڊيٽر

(21)

قمبر
02 ڊسمبر 2003

محترم سيڪريٽري عيسيٰ ميمڻ
سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪري
اميد تہ چڱا ڀلا هوندا.

اسان سڀئي چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا تہ سنڌي ادبي سنگت اسان سڀني ليکڪن لاءِ اهڙي عزت ڀرئي اداري جي حيثيت رکي ٿي، جتان ادبي شعور جون نيون واٽون نڪرن ٿيون، اهڙيون واٽون جن تي وڌڻ سان هن خوبصورت ڪائنات جي رنگن ۾ روپن کي نہ رڳو پاڻ وڌيڪ بهتر طريقي سان محسوس ڪري سگهجي ٿو پر ٻين کي بہ ان جو ڀرپور احساس ڏيارائي سگهي ٿو. سنڌي ادبي سنگت ئي اهو ادارو آهي جنهن نہ صرف سنڌي ترقي پسند ادب جي واڌ ۾ ويجهہ لاءِ گذريل 57 سالن کان پٺي ڀتوڙيو آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ ۾ بقا لاءِ جدوجهد پڻ ڪئي آهي.
جيئن هر اداري کي ڪاميابيءَ ۾ ترتيب سان هلائڻ لاءِ ڄاڻو ماڻهن، سٺن منتظمن ۾ ساڃاهہ وندن سميت مضبوط تنظيمي سرشتي جي گهرج پئي رهندي آهي. ائين ئي سنڌي ادبي سنگت لاءِ پڻ گهٽي وقت کان وٺي ضرورت محسوس ٿي رهي آهي پر افسوس تہ اهڙي ڪا بہ پائدار ڪوشش نہ ورتي وئي آهي. سنڌي ادبي سنگت جيئن تہ سنڌي اديبن جي mother institute جي تربيتي بنيادي اداري جي حيثيت رکي ٿي، تنهنڪري ان ڏانهن اجان بہ وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي گهرج آهي. ان سلسلي ۾ اسان پنهنجو ڪهڙو ڪردار ادا ڪري سگهون ٿا. ان تي پڻ ويچارڻ گهرجي.
سنڌي ادبي سنگت جيئن تہ جمهوري ادارو آهي، ان ڪري سندس ڪم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ، ان جي روايت اها پڻ رهندي پئي اچي، تہ هڪ مقرر

مدي ڪان پوءِ ان جون چونڊيون ڪرايون وڃن تہ جيئن سلسلو قائم رهي ۽ سنڌي ادبي سنگت ڪي سرگرم ۽ منتظم ماڻهو ملندا رهن. اهڙو ئي هڪ موقعو 14 ڊسمبر 2003 تي ”سنگت“ سان لاڳاپيل اديبن ڪي ميسر ٿيندو تہ جيئن اهي پنهنجي سنڌي ادبي سنگت لاءِ پاڻ مان ئي ڪجھ اميدوار چونڊي سگهن جيڪي وڌيڪ بهتر طريقي سان ڪم ڪي اڳتي وڌائن. هن ڀيري مان پڻ ان ئي ارادي ۽ اتساهہ سان ”سنگت“ جي مرڪزي پليٽفارم تي سيڪريٽري طور اچي رهيو آهيان، تہ جيئن پنهنجون صلاحيتون ۽ خدمتون ”سنگت“ لاءِ وقف ڪري سگهان. ان سلسلي ۾ هيٺيان ارادا ۽ پروگرام ابتدائي طور ذهن ۾ رڪان ٿو.

1. ”سنگت“ جي آفيس جي اڏاوت لاءِ اپاءَ وٺڻ.
2. ”سنگت“ پبليڪيشن کي مستقل بنيادن تي هلائڻ.
3. ”سنگت“ جي متن ۽ مقصدن کي سندن اصل روح مطابق عمل ۾ آڻڻ.
4. بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس منعقد ڪرائڻ ۽
5. مختلف علمي ۽ ادبي موضوعن تي سيمينار ۽ ورڪشاپ ڪرائڻ.

اميد رکان ٿو تہ اوهان جنهن وقت ووٽ جو حق استعمال ڪندا ان وقت منهنجين گذارشن کي خيال ۾ رکندي ”سنگت“ جي هڪ عهدي لاءِ اميدوار طور مون کي نہ وساريندا.

اوهان جو پنهنجو
رياضت ٻرڙو
اميدوار سيڪريٽري جنرل
سنڌي ادبي سنگت سنڌ

(22)

ٽل

31_08_2006

مانوارا عيسيٰ ميمڻ

اميد تہ خوش هوندا.

ذڪر ادبي سنگت جو ئي آهي ۽ مامرو ادبي سنگت جي وقار جو ئي آهي. هڪ سنگين حرڪت، جنهن جي شروعات ٽل کان ٿي آهي ۽ جيڪا نہ ڄاڻ ڪٿي دنگ ڪندي؟ خدا خير ڪري! سنڌي ادبي سنگت ٽل شاخ، جنهن جو بنياد منهنجي هٿان 1975 ۾ پيو. پهرين سيڪريٽري جي حيثيت ۾ تڏهوڪي سيڪريٽري جنرل رشيد ڀٽي جي دور ۾ الحاق وٺي، شاخ جي شروعات ڪئي. 32 سال ٿي ويا آهن. منهنجي عمر 18 سالن مان اڄ 50 سال ٿي آهي. ان ڊگهي سفر ۾ منهنجي مضبوط حوصلن ۽ جذبن شاخ کي پرجوش ۽ جوان رکيو آهي. گذريل وڏو عرصو جوان عمر ساٿين، شاخ کي سنڀاري پنهنجو ادبي شغل، رنگبرنگي انداز ۾ ٽهڪڙن ۽ ڪچڪن ۾، نيڪ اهڙي طرح جاري رکيو جهڙي طرح اڄ تر ۾ مينهن وسڻ کان پوءِ مور ٽهوڪا ڪري رهيا آهن. پر 2006 جي ابتدا سڄو منظر بدلائي ٿي ۽ سڀ رنگ متجي وڃن ٿا ۽ سارا ٽهڪ ۽ ٽهوڪا غائب ٿي وڃن ٿا. 19 فيبروري تي سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي چونڊ کان پوءِ اهڙي ڀيانڪ شڪل ڇو ٿي بڻجي!؟ سال 2006 جو ٽل شاخ جو نئون سيڪريٽري ڪجهہ هينئن چوي ٿو: ”سنڌي ادبي سنگت جو آئين ڇا ٿيندو آهي؟ آئين جي ڪهڙي حيثيت آهي؟ ۽ منهنجي آڏو آئين ڪا بہ اهميت نہ ٿو رکي.“ وڌيڪ چوي ٿو ”مان سيڪريٽري جي حيثيت ۾ سڀ ڪجهہ آهيان، سيڪريٽري جنرل ذوالفقار سيال مون کي سڀ اختيار ڏئي ڇڏيا آهن، هاڻ جيئن وڻندو تيئن ڪندس“ وڌيڪ چوي ٿو تہ ”مان

انهن سمورن ميمبرن کي خارج ڪيان ٿو. جيڪي مون کي پسند ناهن، جنهن کي وڻندو تنهن کي رکندس، جنهن کي وڻندو ڪيندس. هاڻ اهي ميمبر رهندا، جيڪي منهنجي چوڻ آکڻ تي هلندا، اختلاف رکندڙ ميمبر سنگت مان روانا ٿين. مون کي مرڪز جي حمايت حاصل آهي، ذوالفقار سيال چئي چڏيو آهي تہ صفايو ڪندو وڃ، مرڪز تو سان گڏ آهي.“ سيڪريٽري جي حيثيت ۾ ساڳئي نوجوان صرف ايترو ئي نہ چيو پر ان کان وڌيڪ اهي لفظ چيا، جيڪي ڏاڍا شرمناڪ، غصب ناڪ ۽ خوفناڪ آهن. هن صاحب فرمايو ” آئين، آئين نہ ڪيو آئين منهنجي نظر ۾ اها شيءَ آهي، جنهن کي ڪو پيشاب بہ نہ ڪري!!!؟.

سنڌ جي ساڃاهہ ۽ شعور آڏو هي سوال ڪَرَ کڻي بيهي ٿو تہ هي لفظ شاخ جي سيڪريٽري جا آهن، يا سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل جا؟ سيڪريٽري جنرل جي ڪاتي اهي لفظ ان ڪري بہ ٿين ٿا، جو هو صاحب ان شخص تي اجا بہ مهربان آهي. ٽل شاخ جي ڪاروباري ڪاميٽي 13 آگسٽ جي اجلاس ۾ ان شخص جي تاحيات ميمبر شپ ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪري مرڪز کي وڌيڪ ڪاروائي جي گذارش ڪئي آهي. سموريون رپورٽون ۽ لاڳاپيل مواد سيڪريٽري جنرل ڏانهن اماڻيو ويو آهي. اسان سمجهيو تہ سيڪريٽري جنرل جلال ۾ ايندو ڳاڙهو پيلو ٿيندو، سخت رد عمل ڏيکاريندو ۽ سخت ڪاروائي ڪندو: پر ان جي ابتڙ مانواري سيڪريٽري جنرل کي ان شخص لاءِ اجا همدردي ٿي پئي آهي. ڪيس ڳٽتي اها اچي ٿي آهي تہ ان شخص کي ڪيئن بچائجي. سيڪريٽري جنرل ان شخص کي اجان بہ شاخ جو سيڪريٽري مڃي رهيو آهي. ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي!!!.

سنڌي ادبي سنگت اندر هڪ ڪارو باب رقم ٿي ويو آهي، گروپ بندي جي گهاٽ هيٺڙن لفظن کي لڪائڻ چاهيو، خود هڪ وڏو ڏوهہ نہ آهي!؟ سنڌ

جي تاريخ جيڪا خود وڏي ادبي عدالت آهي، اها ڪنهن کي بہ معاف نہ ڪندي. سنگت جو آئين هڪ مقدس دستاويز آهي، ان کي ههڙن گهٽيا لفظن سان نوازڻ واري تي خاص نوازش آخر ڇو پئي ٿئي!؟ سنگت جي ادارن ۽ ايوانن جي کليل توهين تي اکيون ٻوٽيون ڇو پيون وڃن!؟ پريس ۽ ميڊيا ۾ هي مامرو "ادبي ائڊوائيس" جي نظر تي ويو. ٺل شاخ جا ڪنيل قدم ڪنهن اخبار جي زينت نہ بڻجي سگهيا!؟

سنڌ جو شعور ۽ ساڃاهہ فيصلو ڪري تہ ڇا ٿيڻ کپي؟ عهدي ۽ عهديدارن کي مقدس سمجهي، ڪجهہ نہ ڪڇڻ کپي؟ ڪجهہ نہ لکڻ کپي؟ ۽ ڪجهہ بہ نہ ڪرڻ کپي؟ سنڌ ۽ سنڌي ادبي سنگت جي عاشقن کي هن صدا جو جواب ضرور کپي!

اصغر سجاڳ

سيڪريٽري

سنڌي ادبي سنگت ٺل (شاخ)

(23)

نوابشاهه

04_02_2000

محترم عيسيٰ ميمڻ

امید تہ اوهين بلڪل خيريت سان هوندا.

سنڌ بڪ ڪلب جي رڪنيت جي سلسلي ۾ اوهان جو خط مليو آهي. ڪلب جي ميمبرشپ فارم اوهان ڏي موڪلي رهيا آهيون. هن جي پويان باقي تفصيل درج آهن. ميمبرشپ جي في ۽ ڪتاب جي قيمت بئنڪ ڊرافٽ وسيلي احمد ضياءَ نواز شاهہ کي روانو ڪيو وڃي. ڪتابن تي اسين 20 سيڪڙو رعايت ڏيندا آهيون جڏهن تہ ڊاڪ جو خرچ اسين پاڻ پريندا سين.

اوهان جي خدمت ۾ ڪتابن جي فهرست جيڪي هن وقت موجود آهن سا موڪلي رهيا آهيون. جلد ڪتابن جي هڪ وڏي فهرست جيڪا ڇپائي جي مرحلي ۾ آهي اوهان کي بعد ۾ موڪلي ڏينداسين. اوهان جيترا بہ ڪتاب گهرائڻ چاهيو ايڊوانس ڊرافٽ موڪلي گهرائي سگهو ٿا. اسين پاڪستان جي هر اشاعتي اداري جا ڪتاب جن ۾ اردو، سنڌي ڪتاب اوهان کي ڏئي سگهون ٿا.

ياد رهي تہ مذهبي نفرتون پکيڙيندڙ ملڪ دشمني تي ٻڌل مواد وارا ڪتاب نہ رکندا آهيون ۽ هر قسم جي فحاشي مواد جو ڪتاب نہ رکندا آهيون. امید تہ اوهين اسان جي علمي، ادبي ڪم ۾ اسان سان تعاون ڪندا ۽ ميمبرشپ فوٽو اسٽيٽ ڪرائي باقي دوستن کي بہ ميمبر بڻائي سگهو ٿا.

فقط اوهان جو مخلص

احمد ضياء

صدر سنڌ بڪ ڪلب نوابشاهه

(24)

نصير آباد

13_06_2000

اچين جي هيڪار، مون سارينديٰ سپرين،
پيرين ڏريـان پنبڻيون، هـنڌ وڇايان وارَ،
ساجن سڀ ڄمارَ هوند گولي ٿي گذاريان.

(شاهہ)

تمام پيارا دوست: عيسيٰ ميمڻ
سڪ ۽ خلوص جو سلامُ
شال خوش و خرم هجو

ڪافي سڪ ۽ اڪير منجهان لکجي ٿو تہ اوهان جو محبت نامون اڄ شام جو مليو پڙهي ٿورڙو مايوس ٿيس تہ خبر ناهي تہ عيسيٰ سان ڪهڙو مسئلو ٿيو آهي. جو تڪڙ ۾ ۽ جلدي ۾ گهرائڻ جو لکيو اٿئي؟ جڏهن تہ مان ڏوڪري آيو بہ هيس توهان ڪو نہ مليا هيئو توهان جي سڪ بہ گهڻي لڳي آهي. اوهان جو حڪم اکين تي پر ڪن مجبورين سبب نہ ٿو اچي سگهان. ان لئہ توهان کان معافي ٿو وٺان. باقي مان گهر ۾ بہ آهيان توهان ڪنهن مهل بہ هليا اچو. هي اکيون اوهانجو انتظار ڪنديون. بقول مرشد لطيف تہ.

پسندي پنهل کي، اکين ڪيو آرام.

اوهان جو جيڪو مسئلو يا ڪم ڪار آهي اهو بہ روبرو حل ڪنداسين. باقي سڀ خير آهي. وڌيڪ احوال روبرو ٿيندا.

سلام سڄي سنگت لئہ
اوهان جو مخلص
پائو ستار سومرو

(25)

رتوديرو
18_01_1998

برادرم عيسيٰ ميمڻ صاحب!

حق موجود! سدا موجود!

گذارش تہ توهان جي پروگرام جا دعوت ناما مليا، ۽ حالتن کان آگاهي ٿي. يادگيريءَ لاءِ اوهان جي مهرباني. وڌيڪ گذارش تہ ساڳئي ڏينهن، 8 فيبروري 1998 تي، مهان ڪوي شيخ اياز جي چاليهي جي سلسلي ۾ ڀٽ شاهہ تي ادبي ميڙاڪو ٿيندو. جيڪڏهن انهيءَ سلسلي ۾ اوڏانهن وڃي نڪتاسين پوءِ تہ اوهان وٽ حاضر نہ ٿي سگهبو. انهيءَ لاءِ اڳ واٽ معذرت عرض ڪجي ٿي. پر جيڪڏهن اوڏانهن نہ وياسين پوءِ تہ اول خير سائين مختيار گهمري سان گڏ ضرور حاضري ڀربي.

سائين گڏ، ساٿ سلامت.

دوستن لاءِ پيار ۽ سلام

توهان جو پنهنجو ئي

مقصود گل

(26)

رتوديرو

12_02_1998

عزيز ڀاءُ عيسيٰ ميمڻ صاحب

حق موجود! سدا موجود!

گذارش تہ اوهان جو 30 جنوري وارو لکيل خط اڄ مليو. ان کان اڳ فون تي بہ گفتگو ڪئي هئي سين. ڀاءُ حقيقت هن ريت آهي تہ مون کي سيڪريٽري جي حيثيت سان ڪائونسلر سان گڏ ضرور ڀٽ شاهہ تي حاضر ٿيڻو هو هون بہ هيڏو سارو قومي ميڙاڪو انهيءَ سان منهن موڙ مناسب نہ هئي، تنهن هوندي بہ مون ڀٽ شاهہ تي اڪيلو وڃڻ جو فيصلو ڪيو ۽ سائين مختيار گهمرو کي اوهان ڏي اچڻ لاءِ ترسائي ويس. پر اتفاق سان ڪيس طبيعت اجازت نہ ڏني جنهن ڪري هو حاضر نہ ٿي سگهيو. بهرحال اسان مجبور هئڻ جي ڪري نہ اچي سگهياسين تنهن، هوندي بہ اسان ٻنهي کي توهان جي پروگرام ۾ نہ شامل ٿيڻ جو ڏک آهي. جنهن لاءِ اوهان کي يقين ڏياريون تہ هاڻي جڏهن اوهان پروگرام ڪريو تہ اڳ وات ۾ اکر لکي گڏجي تاريخ مقرر ڪبي ۽ پوءِ ضرور روبرو اچي اوهان کان ۽ ساري سنگت کان معافي وٺنداسيون. اميد تہ اوهان ضرور اڳ وات ئي معاف ڪيو هوندو.

اوهان جو

مقصود گل

(27)

رتوديرو

11_01_2000

محترم عيسيٰ ميمڻ صاحب

سچ موجود! سنڌ موجود!

گذارش تہ اوھان جو نئين سال ۽ عيد جي حوالي سان ڪليل خط اڄ پھتو. مان اوھان جي انھيءَ قرب جو تمام گھڻو ٿورائتو آھيان. موٽ ۾ اوھان بہ عيد مبارڪون قبول ڪندا. منھنجون نيڪ تمنائون قبول ڪندا. اميد تہ نئون سال ۽ نئين صدي نيون امنگون کڻي اوھان ڪي منزل طرف ضرور اتساھہ بخشيندا.

اوھان جو مخلص

مقصود گل

(28)

جيڪب آباد

11_07_2002

مانوارا عيسيٰ ميمڻ

آس تہ سرھا ھوندا

اوھان جو خط حاڪم مڱريو ھٿان مليو. اوھان جا ويچار اوھان جي ڀاونا جي ترجماني ڪن ٿا. اھا ڪا لڪيل ڳالھہ نہ آھي تہ ورھاڱي اسان جي سماج کي بہ ايترو ئي ڌڪ ڏنو آھي جيترو اسان جي قومي تحريڪ ۽ سنڌي ادب کي. ۽ ان ۾ بہ ڪو شڪ نہ آھي تہ قومي تحريڪ کي زنده رکڻ، سماج جي سنوار ۽ سنڌي ادب کي اڳتي وٺي وڃڻ ۾ سنڌي ادبي سنگت جو سگھارو ڪردار رھيو آھي ۽ ان ۾ سنڌي ادبي سنگت جيڪب آباد پاڻ ملھايو آھي مان جيڪڏھن مختصر لفظن ۾ سنگت جيڪب آباد جي تاريخ / ڪردار ھتي بيان بہ ڪريان تہ شايد اھا پنھنجي تعريف ٿئي بھرحال سنگت جيڪب آباد جي 1954ع کان ھن مھل تائين جيڪا تاريخ رھي آھي يا جيڪو سنگت جو ڪردار رھيو آھي ان کي سھيڙي ڪتابي شڪل ۾ آڻڻ لاءِ رڌل آھيان ۽ آس اٿم تہ ان ۾ ڪامياب ويندم.

اوھان منھنجي ٽرم کي ساراھيو آھي ان لاءِ اوھان جا ٿورا ميجيان ٿو ۽ مان اوھان کي اھو ٻڌايان تہ سنگت جيڪب آباد منھنجي سيڪريٽري شپ ۾ جيڪي پروگرام ڪرايا انھن ۾ ڪجھہ پروگرام اھڙا بہ آھن جيڪي سڄي سنڌ ۾ ڪٿي بہ ڪنھن بہ شاخ نہ ڪرايا آھن. مون کي افسوس ان جو آھي تہ مان اھڙا پروگرام وڌيڪ نہ ڪرائي سگھيم ۽ ھاڻي جيڪو سيڪريٽري آھي ان بہ انھن پروگرامن کي جاري نہ رکي سگھيو. اوھان

هن وقت سنگت ڏوڪريءَ جا سيڪريٽري آهيو منهنجي خواهش آهي تہ سنگت جا سڀ يونٽ متحرڪ رهن ۽ تحقيقي ۽ مثبت ڪم ڪن. اوهان ڪوشش ڪيو تہ دستوري گڏجاڻين ۾ تحقيقي مقالا پڙهيا وڃن ۽ خاص ڪري سماجي تبديليءَ لاءِ جيڪي ڪوششون تحريري طور تي سگهن ڪيو.

اسان جو سماج پستيءَ ڏانهن وڃي رهيو آهي مون کي دوستن جي ماٺار تي ارمان ٿيندو آهي اڄڪلهہ سياست بدنام ٿي ويئي آهي ان جو بہ ڏک ٿيندو اٿم پر آس آهي تہ ڪي دوست ميدان تي نڪري ايندا پنهنجو سڀ ڪجهہ قرائي بہ اسان جي سماج ۽ سياست کي سنواريندا. اوهان ان لاءِ جيڪو قدم کڻي سگهو ٿا اهو ڪيو.

اڄڪلهہ سنگت جو جيڪو ڪردار آهي ان کان اوهان واقف آهيو. سنگت جون شاخون اهڙيون بہ آهن جيڪي رڳو مرڪزي اليڪشن وقت متحرڪ يا ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن ان کان علاوه جيڪي ٻيون شاخون آهن جيڪي دستوري گڏجاڻيون ڪري بہ رهيون آهن انهن شاخن جي گڏجاڻين ۾ جيڪو مواد پڙهيو وڃي ٿو سو سارو اهڙو جهڙو نہ آهي ڇاڪاڻ تہ رڳو شاعري پڙهي ان تي ٽيڪاٽپڻي ڪرڻ ڪا وڏي خدمت يا مسئلو نہ آهي. اصل ڳالهہ آهي پيغام جي ۽ ان تي عمل جي. اسان جي ادب کي ريسرچ ورڪ جي ضرورت آهي اسان ادب کي ڪهاڻي ۽ ناول جي ضرورت تہ آهي جنهن تي ڪم رڪيل آهي ۽ اهو ڪم سنڌي ادبي سنگت ئي ڪري سگهي ٿي.پر ڇا آهي تہ سنگت ۾ ڪجهہ اهڙا ماڻهو اچي ويا آهن جيڪي رڳو سيڪريٽري جنرل ٿيڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون وٺندا آهن ۽ پوءِ بہ سال ماٺ جي مونن ۾ منهن وجهيو وري اليڪشن وقت جاڳندا آهن. سو ضرورت تہ ان ڳالهہ جي آهي تہ سنگت جو مرڪزي اڳواڻ اهڙو هجي جيڪو اسان جا مسئلا کڻي ۽ جدوجهد

ڪري تہ جيئن ٻين شاخن کي بہ اتساهہ ملي.ان لاءِ اسان سيني کي ئي سڀ ڪجهہ ڪرڻو پوندو. ٻي صورت ۾ سنگت جو ڪارج فوت ٿي ويندو.

سنگت جي ڪارج کي پوري ڪرڻ ۾ ڪي نالا اوهان وٽ آهن ۽ ڪي نالا اسان وٽ بہ آهن انهن جون خدمتون حاصل ڪرڻ لاءِ انهن کي بہ اتساهڻو پوندو. هاڻي اسان سان الميو اهو بہ رهيو آهي تہ جيڪي ماڻهو اسان کي اتساهين ها اسان انهن کي اتساهڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيا آهيون ۽ پنهنجي ڪارج لاءِ ائين ڪرڻو پوندو. اوهان سنگت لاءِ جيڪو ڪجهہ ڪري رهيا آهيون ان جي ڄاڻ ملي پيئي. حاڪم مگريو اوهان جي تعريف ڪندو رهندو آهي. حاڪم مگريو اسان وٽ بہ اسان سان ڪم ڪري ٿو جيڪو ساراهہ جوڳو عمل آهي. اسان جو رابطو جاري رهڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ رابطي مان، اسان گهڻو ڪجهہ سکي بہ سگهون ٿا تہ ڪجهہ اتساهہ بہ وٺي سگهون ٿا. آس تہ اوهان سنگت کي متحرڪ رکڻ لاءِ ۽ ان جي اصل ڪارج لاءِ وسان نہ گهٽائيندا.

سڄي سنگت کي سلام

اوهان جو ٿورائتو

سومرو شبير احمد

(29)

جيڪب آباد

8 اپريل 2004

ڊيئر عيسيٰ

حق موجود - سدا موجود

ڪيئن آهين، دل ڪيئن آهي، اميد تہ قرارن ۾ هوندين مان ڀي ٺيڪ آهيان، تنهنجي ياد ڪرڻ جي مهرباني ادبي رشتي ۾ هڪ ٻئي سان رابطو رکڻ اسان تي اخلاقي فرض آهي. تنهن جي خط جي وري بہ مهرباني.

ادبي سفر جاري آهي سر تي جيڪا ذميواري ڪنئي آهي نڀائڻ جا جتن ڪيان پيو. آفيس جي مصروفيت ايڏي آهي جو لکڻ پڙهڻ تمام گهٽو گهٽ آهي پر سنگت جي گڏجاڻين ۽ ادبي سرگرمين ۾ ڀرپور شرڪت ڪري رهيو آهيان. تازو مورو ۾ ٿيل مرڪزي گڏجاڻيءَ ۾ توهان جي ضلعي رابطہ سيڪريٽري ممتاز لوهار سان ملاقات ٿي جيڪو پڻ توهان کي سجاڻي رهيو هو. ڪڏهن وقت ڪڍي جيڪب آباد اچو تہ ڪچهري رهندي.

هن وقت ڪهاڻي جي ڇپائڻ جي سلسلي ۾ بہ مصروفيت آهي. دعا ڪيو تہ پورهيو ساڀيان ماڻي. تنهنجو ڏوڪري ۾ هجڻ ڏڍ ڏيندو رهندو آهي تہ تون اتي موجود آهين.

ياد ڪرڻ لاءِ وري وري مهرباني سموري سنگت کي سلام خاص طري انور ڏنگڙائي ۽ اسماعيل جوڻيجو کي. موئن جو دڙو کي اسپيشل سلام.

صرف تنهنجو

عباس سارنگ

(30)

جيڪب آباد
26_04_2005

ڊيئر عيسيٰ!
حق موجود - سدا موجود

ساٿي سَرهو هوندين!
يار تون ايڏي ٿو محبت ڪرين تنهنجي مهرباني سڪ پيار ۽ قرب لاءِ تنهنجو پيار پتر، اڄ مليو. يار مان ايڏو ته مصروف رهان ٿو جنهن جو مان توسان سکر واري ملاقات ۾ ذڪر به ڪري چڪو آهيان منهنجي ضلعي پوسٽ آهي اندازو ڪر ته ڪيڏو ڪم هوندو. توهان جي سائيڊ تي ڪامريڊ حاڪم هڪ پل جو ڪم ڪندو هو سا ته ٻئي پاسي شفٽ ٿي ويئي آهي. خير پوءِ به ياد ڪرڻ لاءِ وڏا وڙ! ”ساٿ هلندو، لاٽ ٻرندي“ بس يار ڪتاب اچي ويو. تنهنجين مبارڪن جي به مهرباني. مان مصروف هجڻ ڪري بس رابطه سيڪريٽريءَ جو عهدو نڀائي رهيو آهيان خاطر خواهه ڪم ڪو نه ڪري سگهيو آهيان. باقي پنهنجي سنگت انتهائي سرگرم آهي. ٻه ڪتاب ڇپرائي چڪي آهي. جنهن ۾ هڪ منهنجو ڪتاب ”پکي اڏاٽا پيار جا“ ۽ ٻيو دوستن جو گڏيل مواد تي مشتمل آهي. هڪ گذارش ته ڪتاب ”پکي اڏاٽا پيار جا“ جون ڪاپيون سنگت ۾ هلائي ڏيو جلد لکي موڪليو ته ڪيتريون ڪاپيون موڪلجن. ڪتاب جي قيمت 70 روپيه آهي دوستن کان توهان 50 روپيه وٺو جيئن اسان جو ٻيڙو تري پئي. يا اجان ٻيو ڪو به مشورو وغيره هجي يا ڪنهن بڪ اسٽال تي به رکرائي سگهجن ته مدد ڪيو. اوسيئڙو رهندو. ڏوڪريءَ جو ڪو دوست جيڪب آباد ۾ ڪم ڪندو هجي ته ڪاپيون موڪلڻ ۾ وڌيڪ سولائي ٿيندي. گهڻو پاڻ تي بار به نه وجهجو هي اسان جو هڪ ادبي ۽ قومي فرض آهي. ان لاءِ توهان کي ڇيم.

تنهنجو ساڳيو
عباس سارنگ

(31)

جنگشاهي

10_10_1998

ساٿي عيسيٰ

سلام، اميد تہ خوش هوندا

توهان جي هن خط جي ورندي دير سان پيو ڏيان، سبب M.Sc فائنل جا سخت امتحان هئا. جيتوڻيڪ امتحان هلندي جواب ڏيئي پي سگهيس پر اهڙي حالت ۾ جواب سان شايد انصاف نہ ڪري سگهان ها، سو ”جيئن دير تيئن خير“ جي چواڻي، دير سان ورندي ڏيئي رهيو آهيان. اميد تہ پنهنجو سمجهي دل ۾ نہ ڪندا. اڳوڻي خط ۾ دير جو ڪارڻ منهنجو ننڍو ڀاءُ هو جو هن وقت سر خَطَ پوسٽ نہ ڪيا. جنهن ڪري توهان کي اوسيئڙي جو اهنج سَهڻو پيو، ان لاءِ معافي جو طلبگار آهيان.

ادا! توهان پنهنجي ءِ واحد پارس جي تنقيد تي تنقيد ڪرڻ لاءِ چيو آهي. پر اهو ڪم تہ هڪ نقاد جو هوندو آهي. پر توهان جو حڪم اکين تي، ان ڪري پهچ سارو منهنجي راءِ حاضر آهي. مان پنهنجي راءِ جو بنياد تنقيد جي هنن مکيہ اصولن تي رکان ٿو. تنقيد جي نشاني تي ”ليکڪ“ نہ پر ”لکڻي“ هئڻ گهرجي.

ليکڪ تي تنقيد ڪرڻ مهل خيال رهي تہ هو ملائڪ نہ پر انسان آهي. تنهن ڪري گڻن سان گڏ منجهس اَوگڻ بہ ٿي سگهن ٿا. پاڻ پڏائڻ، پنهنجي پاڻ سان پيار ڪرڻ، پنهنجي ڪارنامن تي فخر ڪرڻ انسان جي فطرت ۾ شامل آهي. انسان جي انهيءَ فطرت جي بنياد کي نرگسيت (Narcissism) چوندا آهن. جيڪڏهن ڪو ليکڪ پنهنجي لاءِ (Narcissism) جو مظاهرو (حد اندر) ڪري تہ ان کي تنقيد جي اڏي تي آڻڻ نہ گهرجي. ادب ۾ مثبت تنقيد اها ليکبي آهي جيڪا تنقيد جا

اصول آڏو رکي ڪئي وڃي. جيڪا تنقيد براءِ تنقيد ۽ ادبي اصولن کان ڏٽڙيل هوندي اها ناڪاري تنقيد يا ڄنڊاپٽ سڏبي آهي. ادا مقصود تي ڀاءُ واحد (هلال پاڪستان) ۾ ڪهڙي تنقيد ڪئي. اها مون پڙهي ناهي پر ان جو اولڙو توهان جي خط (واحد پارس هيسباڻي ڏانهن!) ۾ نظر آيو. پر منهنجي خيال ۾ واحد جي تنقيد فضول هئي ۽ توهان کي بہ ان جي خط کي هروڀرو تنقيد جي دائري ۾ آڻڻ نہ کپندو هو. توهان کي حسام سومري تي بہ ناراض ٿيڻ نہ گهربو هو. ڇو تہ توهان جي تنقيد جوشيلي هئي. ادب ۾ جوش نہ پر هوش کان ڪم وٺبو آهي. واحد پارس بہ غلط ڪيو جو هن ادا مقصود تي ناڪاري تنقيد ڪئي. مطلب سيني جي تنقيد جو نشانو لکڻيون نہ پر ليکڪ هئا. جيڪا سٺي ڳالهہ نہ هئي.

ادا عيسيٰ! منهنجي راءِ پڙهڻ کان پوءِ اميد تہ اوهان کي ڏک نہ ٿيندو ڇو تہ مون کي پڪ آهي تہ اوهان سچار ۽ حقيقت پسند انسان آهيو. موڪلائڻ کان اڳ هڪ ڳالهہ چوندس تہ. جي توهان منهنجي راءِ تي پنهنجي راءِ ڏيندا تہ ڏاڍو سٺو ٿيندو. توهان "جاڳو" ۾ وري لکڻ شروع ڪيو آهي ان جي خوشي ٿي آهي. "زندگي جا رنگ" جيان "جوت" ۾ هڪ نئون ڪالم "رنگ رنگ دنيا" شروع ڪرڻ جو ارادو هو ۽ مواد بہ موڪيلم پر زرار پيرزادي ڇيو آهي تہ غلطيءَ سان اوهان جا پنج ڪالم گم ٿي ويا آهن. وري ٻيو مواد موڪليو پر سوچيان پيو تہ هاڻ "ٻارڙا اکين جا تارا" ۾ ڪالم شروع ڪجي يا "جوت" ۾ صلاح ڏيو! ڀاءُ علي بخش پنهڻ سميت سڄي سنگت کي سلام ڇئجو.

ڇڱو موڪلاڻي ڪونہ سدائين گڏ.

اوهان جو

اعجاز اسد پليجو

(32)

میرپور بٺورو

16_05_1998

سنڌ امڙ جا ساڪي

ماءِ ڊيئر عيسيٰ ميمڻ

شال سک سان هجو سدا

وعليڪم السلام

ادا توهان جو خط 1998_05_11 تي مليو. خط لکي ياد ڪرڻ لاءِ شڪرگذار آهيان. ادا عيسيٰ صاحب توهان جي سچي نيت آهي جو مون جهڙي ناچيز کي ياد ڪندا آهيو. ادا عيسيٰ صاحب! ڪن ڏاهن محبت بابت فرمايو آهي ته ”محبت هڪبئي کي گهوريندو رهڻ جو نه پر گڏيل ريت هڪڙي ئي پاسي ڏسڻ جو نالو آهي“ ڪنهن چيو ته ”هيءَ هڪ تمام سٺي بيحد خوفناڪ ٿئي ٿي“ ونڪنگ چيو ته ”محبت ڇا آهي؟ ٻه جسم هڪڙو روح، ٻه دليون هڪڙي تمنا ۽ ٻه دماغ هڪڙو تصور“ ٽيلز چيو ته ”جيڪڏهن دنيا مان محبت نڪري وڃي ته سڄ پنهنجي گرمي ۽ چنڊ پنهنجي دلڪشي وڃائي ويهندو“.

ادا! محبت جي باري ۾ مختلف ڏاهن جا مختلف رايا ۽ مشورا آهن. ڪيئن ته هجي پر محبت آهي نالو وفا ۽ خلوص، سچائي ۽ بي لوث جذبن جو. محبت نالو آهي پاڻ ارپڻ جو. بهرحال خدا ڪري پنهنجي هي دوستي جو سنگم هميشه تابنده رهي. دوستي ۽ محبت جون معنائون ته الڳ الڳ آهن. پر آهن ٻئي هڪڙي ڏارا جون ٻه راهون.

ادا! توهان جي خط اچڻ کان پوءِ مون توهان ڏانهن خط لکيو هو جنهن ۾ انٽرويو ۽ هڪ ترجمو ڪيل ڪهاڻي به شامل آهي. ڇا توهان کي اهو خط اجان تائين ڪو نه مليو آهي؟ اميد ته هيل تائين خط پهچي ويو هوندو. ادا

اهو ٽپال جي غلط ڪارڪردگي جي ڪري ائين ٿيندو رهي ٿو. ادا عيسيٰ باقي مان پنهنجي شاعري (ٻاراڻي) فيئر ڪري رهيو آهيان. ڪجهه وقت جي ڪمي ۽ گهڻين مصروفتين جي ڪري تاخير ٿي آهي جنهن لاءِ معذرت. ادا اڳيون لکيل توهان جو خط اڃان تائين ته ڪو نه پهتو آهي مگر 15 ڏينهن کن اڳ توهان جو خط مليو. جنهن جو جواب انٽرويو ۽ ڪهاڻي سان گڏ روانو ڪيل آهي. جنهن جو توهان اڃان تائين ذڪر ڪو نه ڪيو آهي. ادا مان، توهان جي منع ڪرڻ تي اسرار شام کي ضرور خط لکي مڃائيندس ته توهان کي انٽرويو لاءِ نه لکي. پر مون کي اميد آهي ته توهان موڪليل (انٽرويو) ڪهاڻي پوءِ قسط وار ڪري پر شايع ڪرائڻ فرض ۾ شامل ڪندا ته مهرباني، مهرباني نه بلڪ احسان ٿيندو.

ادا! توهان رسالي ”پورب“ جو پڇيو. ادا ان لاءِ هي عرض ته رسالو تقريبن چئن پنجن مهينن کان بند ٿيل آهي. وري اڃ تائين شايع ڪو نه ٿيو آهي. شايد هاڻ شايع ٿيڻ انهن جي (وس کان يا) مالي حالت ڪمزور هئڻ ڪري اها پوزيشن نه ساري سگهن. بهرحال اسان جي اها دعا آهي ته خدا ڪري پورب وري به پڙهندڙن آڏو نمودار ٿئي.

ادا عيسيٰ صاحب! هينئر ڏوڪري ساس شاخ جو سيڪريٽري ڪير آهي؟ توهان پنهنجي مصروفيتن کان آگاهه ڪندا ته مهرباني بلڪ ٿورا ٿيندا. ادا دل ٿي چوي ته توهان ڏانهن ڪافي ڪجهه لکي موڪلجي پر پيارا ان لاءِ مون کي به وقت جو ذيان ڪرڻو پوندو ۽ توهان کي به پڙهڻ لئه ڪافي وقت ضايع ڪرڻو پوندو. ڪچهريون ٿينديون رهنديون. دل ته ”مرحوم استاد بخاري“ جي هن شعر وانگر چوي ٿي:

دل ڪنهن جي، پرين، پنهنجي نه ڪجي،
جي پنهنجي ڪجي، اَهنجي نه ڪجي،
اک برسي مينهن وَسائي پئي،

دل ڏڙڪي پون ٿا ڏڏائي پئي،
اڄ اسهڻ جي جلدي نہ ڪجي

استاد اندر جو تار ملي،
۽ آجائي آڌار ملي،
ٻي ڪا ڳري ڳٽتي نہ ڪجي.

هاڻ ادا عيسيٰ صاحب موڪلاڻي ڪونهي.
هن ناچيز ڪي توهان جي پيار پني جو شدت سان انتظار رهندو.

توهان جو
”وفا“ ايم عرس پارابي

(33)

ميرپور بٺورو
28_08_2003

سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين. (شاهه)

شال جڙيو هجي سدا
ڀاءُ عيسيٰ ميمڻ

وعليڪم السلام
ادا توهان جو پيار ۽ محبت ۽ خلوص ڀريو پتر ڏوڪري شهر متعلق خوبصورت شاعري سان 2003_08_18 تي مليو. پڙهي بيحد خوشي ٿي. ادا توهان جي مهرباني جو توهان "ٻالڪ رنگ" متعلق ڄاڻ ڏني، ڀاءُ مون وٽ شروع وارن ٻالڪ رنگ رسالن جي ائڊريس جيڪا توهان لکي موڪلي آهي ان کان مختلف آهي. شايد هاڻ پتو بدلايو اٿن. بهرحال هن وقت توهان لکيو آهي ته ايڊيٽر ٻيو آهي. اڳي ته ايڊيٽر ادي مريم هوندي هئي. چڱو ٿيو جو توهان واقف ڪيو. ڀاءُ توهان ڏوڪري جي تاريخ گڏ ڪري ڪتاب ڇپائڻ لاءِ دعا آهي ته خدا توهان جي اُها من جي منشا پوري ڪري. ڀاءُ هاڻ اچون ٿا ته توهان جي شاعري متعلق ادا شاعري ته بلڪل خوبصورت آهي. باقي مون کي بحر وزن جو فرق نظر آيو آهي. ڪٿي وزن ۾ سٽون وڏيون ته ڪٿي ننڍيون آهن. جيئن توهان جو عنوان هيٺ آهي.

ٻارو! اچو سڀ مون وٽ سري،
گهمايان توهان کي شهر ڏوڪري.

هاڻي ڏسو تہ متئين ست ۾ وزن ڪوٽ ڪائي ٿو. مٿين ست جو وزن آهي. ”فعلن فعولن فعلن فعو“ هاڻي ٻي ست جو وزن ڏسون ”فعولن فعلن فعلن فهو فعو“ هاڻي توهان ئي پيٽ ڪريو تہ ڪيڏو فرق آهي. ادا خيالن کان مون کي ڪو بہ اختلاف ڪونهي آئون فقط بحر وزن جي ڳالهہ ڪريان ٿو. ادا هڪ شاعر جي لاءِ بحر وزن جي ڄاڻ تمام ضروري آهي. ادا توهان جي سڄي نظم جو وزن مٿين ست جي وزن جو ٿيندو. پر هاڻي ٻي بند ۾ ڏسون ٿا تہ وزن ڇا آهي؟ ”هو واپڊا، هو ڪاليج، هو ناڪو نمبر ون“ ان جو وزن ٿيندو. ”فاعلاتن فعلن فعولن فعلن فعلن“ هاڻ توهان خود ڏسو تہ ڪيڏو فرق آهي. اهڙي نموني سڄي نظم تي نظر وجهبي تہ بحر وزن جي ڪوٽ نظر ايندي. باقي خيال بلڪل ٺيڪ آهي.

ادا عيسيٰ ميمڻ صاحب ٻي ڳالهہ هڪ مون کي توهان جي نظم جي قافيي ۾ بہ نظر آئي تہ توهان ڪٿي ڪٿي قافيي جو ٺيڪ استعمال بہ نہ ڪيو آهي. جيڪو شاعر کي سونهي نٿو. جيڪو هيٺ ڏجي ٿو. توهان جو قافيو رکيو آهي اهو آهي سُري، ڏوڪري، اڏري، اپري، نرسري ٻيو بند نمبر ٽيون هي ست پهرين ۾ توهان ”استان“ لکيو آهي جيڪو صحيح لفظ ڪونهي. بلڪل اهو ائين ڄاڻي واڻي تہ ڪو نہ لکيو هوندو. اهو ”استاپ“ ڪجي تہ بهتر ٿيندو. ڇو تہ ”استان“ جي معنيٰ صحيح نہ ٿي نڪري. بند نمبر پنج ۾ قافيو ”سرڪاري، بهاري، نٿا نهن“ اهڙي طرح بند نمبر ست ۾ ”سينٽر“ ۽ ”سڪندر“ قافيو صحيح ڪو نہ ٿا ملن.

ادا مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي توهان هيڏو ڏکيو شعر ٿورن لفظن ۾ شاعري اندر قلم بند ڪيو آهي. توهان وري وزن درست ڪرڻ جي همٿ ڪندا تہ نظم وڌيڪ خوبصورت لڳندو. ادا توهان ڏانهن هڪ وائي موڪلي رهيو آهيان. اصلاح ڪندا. ادا توهان جي چوڻ تي توهان جو

انٽرويو ”ٻالڪ رنگ“ ڪي مون موڪلي ڇڏيو آهي. جڏهن ٻه اهو انٽرويو ڇپجي تہ هڪ ڪاپي مون ڏانهن ٻه موڪلجو.

ادا اڄ جڏهن خط لکي رهيو آهي. تمام گهڻي گرمي آهي. اسان وٽ ٻهراڙي ۾ بجلي ڪو نہ آهي. ان ڪري پگهر ۾ شل آهيان. وڌيڪ ملاقات ايندڙ خط ۾ هاڻي خدا حافظ.

توهان جو پنهنجو

”وفا“ عرس پارابي.

(34)

میرپور بٹورو

21_09_2003

انسان کسی سے دنیا میں ایک بار محبت کرتا ہے،
اسی غم کو لے کر جیتا ہے اسی غم کو لے کر مرتا ہے۔

پيارا ڀاءُ عيسيٰ ميمڻ صاحب

شال سدائين شاد هجين.

جيئي سنڌ.

جيئڻ ته پيارا دوست ڪافي ڏينهن گذري ويا آهن پنهنجي خط و ڪتابت نه ٿي سگهي آهي. پيارا ڀاءُ آءُ ڏاڍي افسوس سان خط لکي رهيو آهيان ته مون توهان ڪي جيڪا ائڊريس ڏني هئي. اجان تائين بند پئي آهي ۽ همراهه به گم آهي. مون ڪي ڏاڍو ڏک ٿيو جو توهان جو خط نه ملي سگهيو. ان ڪري گهڻي يادگيريءَ ستايو ۽ توهان ڪي خط لکڻ ويٺس. اميد ته خوش هوندين ۽ توهان ادبي حوالي سان ته سرگرم آهيو. سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪري طرفان هڪ ڀرپور مظاهرو توهان جي نگراني ۾ موئن جي دڙي مان غائب ٿيل قيمتي نوادرات بابت اخبار ۾ پڙهيم، ڏاڍي سرهائي ٿي. توهان قابِل تعريف ڪم ڪيو. مون پاران توهان ڪي جس هجي. اسان جي اديبن ۽ سجاڻ ڌرين ڪي پنهنجي سڃاڻپ بچائڻ لاءِ اهڙي جدوجهد ڪرڻ کپي. ادبي حوالي سان توهان تي اهم ذميواري سونپي وئي آهي. توهان ان عهدي جي جبل ڪي همت جي حوصلي سان ڪنيو آهي ۽ هاڻي نيون چونڊون به آڪٽوبر 2003ع ۾ ٿي رهيون آهن. اميد ته توهان وري به سيڪريٽري ٿي هن ادبي ٻيڙي ڪي اڳتي وڌائيندا.

وڌيڪ ڪُل خير آهي. ڀاءُ علي بخش جا ڪهڙا حال آهن. ڪيس مون پاران ڪوڙ سارا سلام چوندا. ادا توهان اڳ ۾ جيڪو خط لکيو ۽ شاهه جي

بيت جي تشريح لاءِ لکيو هو ۽ هن ناچيز پنهنجي سمجهه آهر تشريح لکي موڪلي. وڏيڪ توهان ان بابت لکيو هوندو. پر اهو خط مون کي ڪئبن بند هئڻ ڪري نه ملي سگهيو ۽ هاڻ پهرين واري ائڊريس تي خط لکندا.

ادا منهنجي بدلي بئن هئڻ ڪري اجان تائين نه ٿي آهي ۽ اڄڪلهه هلالِ پاڪستان "ڏات" ۾ لکي رهيو آهيان. "ڏات" جو انچارج يوسف سنڌي آهي. "ڏات" توهان ضرور پڙهندا هوندا. توهان به ڪوشش ڪري "ڏات" لاءِ مواد موڪليندا.

ڇا توهان اڄڪلهه لکي رهيا آهيو؟ توهان پنهنجي شاعري موڪليو جيڪي تازي لکي هجي. توهان اڄڪلهه ڪهڙي رسالي يا اخبار ۾ لکي رهيا آهيو؟.

ٻيا توهان جا ڪهڙا حال آهن. سروس ملي يا نه؟

سڀني سنگت کي سلام چوندا. موڪلائي ڪانهي.

فقط دعاگو

"وفا" عرس پارابي

(35)

ميرپور بٺورو
30_09_2002

پيارا دوست عيسيٰ ميمڻ

شال جُڙيو هجين.

ياءُ تنهنجو پيارو پتر پهتو. توهان جي طبيعت هاڻ ڪيئن آهي؟ هائو دوست انسان ڀوڳنائن جي سفر جو مسافر آهي. صحيح معنيٰ ۾ اهو ئي ڪامل انسان آهي جيڪو ڀوڳي ٿو. اهي انسان جيڪي A.C ۾ بي خبر ننڊون پيا ڪن. انهن کي انسان چوڻ به انسانيت جي توهين آهي. اهڙا ماڻهو فقط پاڻ تائين محدود هوندا آهن. اهي انسان جيڪي ٻين جي لاءِ جيئندا آهن، اهڙا انسان امر هوندا آهن. جيڪي احساس جي ۽ انسانيت جي مادي سان لبريز هوندا آهن. توهان به اهڙن ئي بي باڪ انسانن جي رستي جا مسافر آهيو. الله سائين توهان کي اڃان به وڌيڪ جذبو عطا ڪري جيئن هن سماج ۾ براين کي ختم ڪري هن ديس جي ساک کي بچائي، امن جو گهوارو بڻائي سگهو.

اهڙي طرح هر انسان جي ذميواري آهي تہ هو سماج ۾ رونما ٿيندڙ براين ۽ جيڪي سماج لاءِ ناسور آهن انهن کي پاڙ کان پٽڻ لاءِ جتن ڪري ۽ تماشائي نہ بڻجي. ائين هي سنڌ ۽ پنهنجي سڃاڻپ برقرار رکي سگهون ٿا. اسان جي سنڌ ڌرتي تي ڌارين جي ڌوم، جنهن اسان سنڌين کي احساس ڪمتري جو شڪار بڻائي ڇڏيو آهي. اسان جا حق غيرن ۽ غدارن کي ڏنا آهن. اسان پنهنجي ڌرتيءَ تي هوندي يتيم آهيون. اسان سنڌين جا حق ڌارين ڦٻايا آهن. حڪومتي هٿ ڪنڊن جي ڪري ڌاريا اسان جي ڳلي ۾ نانگ ڪري وڌا ويا آهن. اسان سنڌي بہ پنهنجي ساک ”ثقافت“ کي بچائڻ لاءِ انهن غيرن کي پنهنجو ڀاءُ سمجهي انهن کي جيءُ

۾ جايون ڏنيون. پنهنجون زمينون ڏنيون پر اهي حرام خور، نمڪ حرامي جو ثبوت ڏئي رهيا آهن. مهمان نوازي جو صِلو ڇا مليو آهي؟ اڄ سنڌي ننڍڙڪا ٻڄي پٽڪي رهيا آهن. بي روزگاري جي باهہ ۾ پچي پچري رهيا آهيون. خودڪشيون اسان جي پلئہ پيون آهن. مهانگائي آسمان سان ڳالهائي رهي آهي. بي انتها برايون اسان جو ديس پوڳي رهيو آهي. ان جو شڪار اسين آهيون. اسان کي ناانصافي جي گهاڻي ۾ پيڙهيو پيو وڃي. اهڙي طرح سان هر پهلو کان اسان کي ڦريو ۽ لٽيو ويو آهي.
ڏاريا جيڪي ڪالهہ هٿين خالي آيا هئا. اهي اڄ بلڊنگون ٺهرائي ويا آهن. اهي بلڊنگون بہ اسان جي بہ وقوفي تي ٺهڪ ڏئي اسان جي مٿان هوٽنگ ڪري رهيون آهن. انهن جي ماڙين کي ڏسي اسان جي مٿي تان پٽڪو بہ ڪِريو ٿو پوي. اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن ٿيو ۽ ڇو ٿيو؟ اها بہ ڳالهہ ڪنهن کان ڳجهي نہ آهي. اهي سڀ اسان تي واحد وفاق ”پنجاب“ جي مهرباني هئي. جنهن نانگ اسان جي ڪنڌ ۾ وڙ ويڙهي وانگر ويڙهي وڌا. اهي نانگ سچ پچ بہ اهي ڪاريهر نانگ آهن. انهن کي 50 سال گذري ويا آهن پر اڄ بہ مختلف نالن سان سڏائيندا آهن ۽ اڄ تائين اهي سنڌي ٻولي نہ سکي سگهيا آهن. اهڙا غير سنڌي جيڪي اسان سان ڪنهن بہ ريت ميچ نہ آهن. ڇا انهن جو هتي حق آهي تہ هو هتي رهن، هن ڌرتي جو کائن ۽ پيئن. هرگز انهن کي اهو حق نہ ٿو ڏئي سگهجي. اسان کي پنجاب سامراج کان جان ڇڏائڻي پوندي، ڇو تہ اهي غدار آهن. جنهن سنڌ سان تمام گهڻيون بي واجبيون ڪيون آهن ۽ ڪري رهيا آهن. اسان پنهنجي بقا لاءِ جهاد ڪريون. جيڪڏهن اسين پنهنجي ٻولي ۽ ڌرتي بچائڻ لاءِ وڏي ڪوشش نہ ڪئي تہ ايندڙ وقت اسان لاءِ ڏاڍو برو ثابت ٿيندو. ان ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي. اسان جي جاءِ تي ڏتڙيل هوندا ۽ وارث لاوارث ٿي

ائين ئي بي دردي سان ڏڪا کائيندا دربدر هونداسين. اهو اسان کان اسان جو ايندڙ نسل ضرور پڇندو.

ڪاش! اسان جي مغرور وڏيري ۽ جاگيردار کي هوش اچي ۽ اگهور ننڊ مان سجاڳ ٿي پنهنجي مستقبل بچائڻ لاءِ غيرتمند سنڌين جو فقط ساٿ ڏين ۽ غيرن سان پراڻا ناتا ٽوڙي غيرت مند سنڌي هجڻ جو ثبوت ڏين ۽ ڌارين کي ڌڪاري ڪيڻ لاءِ جهاد جو اعلان ڪن ۽ سامراجي قوتن کان قطع تعلق ڪن ۽ فقط سنڌ کي پنهنجو ملڪ سمجهن. ڇو ته بنگال ملڪ بڻجي سگهي ٿو ته سنڌ به ملڪ بڻجي سگهي ٿي. اسان کي پنهنجو سڀ ڪجهه آهي. غلامي گار آهي. غلامي ظلمت آهي. غلامي ذلالت آهي. غلامي خواري آهي. اسان کي ان پنجاب جي غلامي مان جان ڇڏائڻ لاءِ سائين جي ايم سيد ڏانهن رجوع ڪرڻو پوندو. اسان کي غلامي کان جان ڇڏائڻ لاءِ محترم عبيدالله سنڌي واري راهه وٺڻي پوندي. عبيدالله سنڌي جي فن ۽ فڪر کي پڙهڻو پوندو.

اسان سيني کي هوشو ٽيڙو پوندو جنهن جو نعرو اڄ به تاريخ ۾ سونهري اکرن ۾ لکيل آهي. ”مرسون مرسون پر سنڌ نه ڏيسون“ هوشو اهو نعرو انگريزن سان جنگ دوران هنيو هو. اگر هي ڌاريا انگريزن کان گهٽ نه آهن. انگريز اڇا نانگ هئا ۽ هي ڪارا نانگ آهن. اچو ته پنهنجي ديس کي آزادي ڏيارڻ لاءِ وڏي ويڙهاند جي تياري ڪيون. سر ڏئي سنڌ بچايون. پنهنجي نسل کي غلام سنڌ نه پر آزاد سنڌ ڏيون. هن ديس کي امن جو گهوارو بنايون. ڪاش هر سنڌي جي اها سوچ هجي!!!

ياءُ مون شاهه سائين جي بيت جي جيڪا تشريح ڪئي آهي. سا خالص پنهنجي ذهني آڌار تي ڪئي. باقي شاهه جي بيتن جي تشريح مون جهڙو ناچيز نه ٿو ڪري سگهي. ڇو ته انهن بيتن ۾ رمز جون ڳالهيون آهن. اسان ته فقط پنهنجي مطالعي جي آڌار لکون ٿا. بيتن سان انصاف ڪري صاف

۽ سمجهه ۾ ايندڙ تشريح محقق ئي لکي سگهن ٿا. ٻيو تہ ڀٽائي صاحب پنهنجي شاعري وجد جي ڪيفيت ۾ چئي آهي. هن لاشعور جي سمونڊ ۾ ٽٻي هڻي ماڻڪ ميڙي ڏنا آهن. اسان جي اديبن جو فرض آهي تہ هو سرمائي کي محفوظ بڻائين. شاهہ صاحب تي اڃان گهڻو ڪجهہ ڪرڻو پوندو. شاهہ جا جيڪي شائق اڃان بہ جهرن جهنگن ۾ ٻَرن ۾ ۽ ٿرن ۾ پيا آهن. انهن جي دل دفتر ۾ ڀٽائي جا بيت بر زبان ياد آهن. انهن سان ملي ڪچهريون ڪري هڪ مستند رسالو تيار ڪري ڇپرائڻ گهرجي. ڇو تہ موجوده وقت ۾ جيڪي شاهہ جا رسالا آهن اهي متضاد آهن. ان ڪري اسان کي جاکوڙ ۽ جفاڪشي ڪري ان سرمائي کي هٿ ڪرڻو پوندو. لطيفي ادارا قائم ڪرڻ گهرجن. اسان کي لطيف جي ٻولي بچائڻي آهي تہ ان لاءِ انا پرستي ڇڏي ڪري سڀ باشعور گڏجي هڪ پليٽ فارم تان ڪم ڪرڻو پوندو.

ادا! اسان کي اهڙا بحث مباحثا ڪرڻ گهرجن. اسان ائين پنهنجي ذهن جي ڇُري کي تيز ڪري سگهون ٿا. اسان جي چاڻ ۾ اضافو بہ ٿيندو رهندو.

واقعي ئي ساس ٻنورو جو زوال خراب ڳالهہ آهي. اسان ادب جي خدمت لاءِ ڪوشان آهيون. ادل! مون هڪ اردو ۾ غزل لکيو آهي توهان دوستن سان ملي ڇنڊ ڇاڻ ڪري موڪليندا تہ ٿورائتو رهندس.

علي بخش پناڻ کي سلام چوندا ۽ اهو بہ ميسيج ڏيندا تہ ڪاوڙ اٿئي جو خط نٿو لکين. ٻيءَ وڏيڪ ملاقات ايندڙ خط ۾. خدا ڪري اهو سلسلو سدائين صبح هجي ۽ شام نہ ٿئي.

فقط توهان جو دعاگو

”وفا“ عرس پارابي

(36)

لاڙڪاڻو
11.11.1999

پيارا عيسيٰ
سڪيو هجين شال
جيئي سنڌ

نيٺ

تنهنجي ئي صلاح وارو فيصلو ڪيم، هاڻي لاڙڪاڻي آهيان ۽ توکي خط لکي رهيو آهيان. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو شدت سان تنهنجي ۽ راشد قاضي  جي کوٽ جو احساس ٿيو اٿم. جيتوڻيڪ تو وٽ اڪيلو دوست راشد آهي.( شايد ڪجھ ٻيا بہ هجن) پر مون وٽ هٿ هزارين دوست آهن (ڪتابن جي صورت ۾) پر تنهن هوندي بہ توهان جي ڪميءَ جو احساس شدت سان محسوس ڪري رهيو آهيان. انهيءَ ڪي سنڌي چواڻيءَ موجب ”سنڌي ماڻهو ڪٿ تان هيٺ پير نہ لاهڻ واري وارتا جو تسلسل سمجهين يا ٻيو ڪجھ سمجهين بهرحال جنهن وقت هيڏانهن اُسهي رهيو هئس تنهن وقت سچ پچين تہ جلاوطني وارو احساس ٿي رهيو هيم. هن وقت الائي ڇا لکي رهيو آهيان؟ سو مون کي سمجھ ۾ نہ ٿو اچي ڇو تہ زندگيءَ ۾ جڏهن يڪسانيت اچي ويندي آهي تڏهن ڏاڍي بوريت محسوس ڪندو آهيان سوچون اداس راهن تي رلڻ لڳنديون آهن ۽ دماغ چڪرائجي ويندو آهي ۽ دل سقراط جيان زهر پيئڻ لاءِ پئي اتساهيندي  آهي پر منهنجو دماغ ڪيس اهو چئي روڪي ڇڏيندو آهي تہ تو اجان سقراط وانگر سچ نہ ڳالهايو آهي تون ڏاهر جيان بهادر نہ آهين تنهن وقت دل ڏاڍي شرمسار ٿيندي آهي. انهيءَ اميد سان جيئڻ لاءِ راضي ٿيندي آهي تہ تون هڪ ڏينهن ضرور سچ ڳالهائيندين ۽ زهر جو وٽو پي مرندين.

مان بہ عجيب قسم جو انسان آهيان منهنجي زندگي تہ هن وقت جنڊ جي ٻن پڙن ۾ پيسجندي گذري رهي آهي پر پنهنجي مايوس ڪرده سوچن جو منحوس پاڇو خط ذريعي توتي وجهي رهيو آهيان. منهنجو وس بہ نہ آهي. سوچون بہ سمنڊ آهن. بس ذهن کي لوڙهيو ڇڏين ڪڏهن سنڌ جي غلام ڌرتيءَ جي غلام شهر ڪراچيءَ جي ڪپرن تي پهچايو ڇڏين جتي ذهن تي انڊوڪار جا ڪڪر ڇانيو وڃن ٿا لهرون ڪڏهن آزاد قوم جي آزاد ملڪ بنگلاديش جي ڪناري پهچايو ڇڏين جتي ڪوي ٽئگور جون سوين رچنائون ڦول ٻڻجي خوشبوءِ وکيري روح کي پنهنجي رنگن ۾ رڇيو ڇڏين. اڄ تائين ٻنائيءَ جي بيتن جي سڳنڌ تي منهنجي ڪابہ تشبيهہ نہ جڙي سگهي آهي. اميد اٿم تہ خطن ۾ مهانگو نہ هوندوسانءِ هونئن تہ ٻنائي جيان ”پنهون هيس پاڻ“ پر خيالن جي تازگي برقرار رکڻ لاءِ خط وڪتابت ضروري آهي، جنهن جي مقصد لاءِ ڏوکري ڇڏيم ڏٽي ڪري تہ انهيءَ ۾ ڪامياب ٿيان.

خطن ۽ دعائن ۾ ياد ڪجانءِ.

تنهنجو

علي بخش پناڻ

(37)

لاڙڪاڻو

23.12.1999

پيارا عيسيٰ، جيئي سنڌ

اج 23 ڊسمبر 1999ع تي روزانہ ”تعمير سنڌ“ ۾ لاڙڪاڻي ۾ جسقم جي احتجاج ۾ تنهنجي گرفتاريءَ جي خبر پڙهيم ۽ ڦوٽو ڇپيل ڏٺم. مون کي خوشي ٿي آهي تہ تون ننڍڙي ئي عمر ۾ ڌرتيءَ ماءُ جي فرض کان وانجهيل نہ آهين. جڏهن تہ تون ڏکن سکن جي سوري چڙهي، گهاٽي ۾ پيڙهجي مري جيئڻ نہ سکيو آهي پر تنهن هوندي بہ خليل جبران چواڻي: ”بهترين جي اميد رکو ۽ بدترين لاءِ تيار رهو“ جيان هروقت هر مصيبت کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار نظر اچين ٿو ۽ پنهنجي ڪچڙن ڪلهن تي جن ۾ پنهنجي گهر جو بار سهڻ جي سٽ بہ ڪانهي تن تي تون سموري قوم جي سورن جو صليب ٿو لٽڪائڻ چاهين. تنهنجو اهو جملو تہ گرفتاري نہ ڏيان تہ ڇا پوءِ خودڪشي ڪريان“. مان ظاهر ٿيو تہ توتي جواني ۽ سياست جو نشو طاري آهي. لاجواب ناول ”هم اوست“ ۾ آغا سليم صاحب جنهن رڻ پٽ جي علامت ڏيکاري آهي تنهن مان هن وقت تون گذري رهيو آهين. هي وقت اهڙو تہ سنگين آهي جو اسان جي ٿورڙي بہ غلطي سالن جي پڇتاءَ جو باعث بڻجي سگهي ٿي اسان کي هڪ فرض ۾ ايترو گم نہ ٿي وڃڻ گهرجي جو ٻيا فرض وسري وڃن. بهادري تہ اها آهي تہ ڇٽڻي پاسن کي منهن ڏجي. هن کان اڳ ٻن صفحن جو خط لکي اهو سمجهي ڦاڙي ڇڏيم تہ متان اهو نہ سمجهي ويهين تہ مان توکي مايوس ۽ فرض کان غافل ڪري رهيو آهيان. وڌيڪ ٻئي خط ۾ احوال ڪبو.

تنهنجو

علي بخش پناڻ

(38)

لاڙڪاڻو
27.09.2000

تو وري ڪا ڳالهہ ڇيڙي آهي،
ننڊ مان جاڳ ٿي وئي آهي. (اياز)

پيارا عيسيٰ

جيئين سدائين

تنهنجا ست خط پهتل آهن پر منهنجا ٽي خط ۽ هي تنهنجا سيئي خط هڪ ٻئي جو جواب نہ آهن ڇو تہ منهنجا خط تنهنجي خطن لکڻ کان پوءِ توکي مليا ۽ تنهنجا خط منهنجي لکڻ کان پوءِ مون کي مليا. تنهنجا سڀ خط پڙهڻ کان پوءِ جيڪو خاڪو ذهن تي جڙي ٿو سو هت ڇٽيان ٿو. پهريان هڪ وضاحت تہ تنهنجا خط ٽي دفعا پڙهي چڪو آهيان ۽ هر دفعي سان اهي وڌيڪ اونهان اندر ۾ لهندي محسوس ڪيم.
تنهنجي چوڻ موجب هڪ ڪهاڻي لکڻ شروع ڪئي اٿم. دعا ڪر تہ منَ پڄاڻيءَ ڪري جلد تنهنجي نظر ڪريان. ڪهاڻي يا مضمون وغيره لکڻ منهنجي وس جي ڳالهہ نہ آهي، مڙوئي تو پيچ ٻڌي مهري ڪيو آهي. هڪ ڳالهہ ٻي تہ مٿي لفظ ”دعا ڪر“ ڪم آندو اٿم جيڪو شايد توکي نہ آڻڙي ڇو تہ تنهنجي خط ۾ لکيل آ تہ ”همدرديون وٺڻ جا قائل ٿيندا پيا وڃون............“ ايئن ناهي تہ ڪو مان تنهنجي ڳالهہ نہ ٿو سمجهان، اهي لائينون جنهن بہ خيال سان لکيل آهن، بلڪل ٺيڪ آهن پر اهي مون سان انفرادي تعلق بہ گهرو رکن ٿيون جنهن ڪري مون کي چوٽو ٿو پئي تہ مون کي همدردين جي ضرورت آهي پوءِ انهيءَ لاءِ چو نہ ڏوهي چوائڻو پويم يا ڇو تہ: ”ها مان تنهنجي بنا ڪجهہ بہ تہ ناهيان“.

۽ هڪ ٻئي خط ۾ تو جا سچ جي ڳالهه ڪئي آ سا بہ سچي آهي ، بس ضرورت آهي منهنجي فارمولي ”وار جي وٿي“ کي ڌيان ۾ رکڻ جي ڇو تہ ذاهن ڇيو آهي تہ ”تر جي ڳتي سوَ چوٿون کائي“. سچ ۽ حقيقت ۾ جيڪو فرق محسوس ڪيو ويندو آ سو هي آهي تہ ”ضروري ناهي تہ اج جو سچ سياڻي جو سچ بہ هجي پر حقيقت، حقيقت ئي رهندي آهي.“ اهو حق آهي تہ فلسفا ۽ نظريا عملَ جا محتاج رهيا آهن يا ايئن ڪٿي چئون تہ عمل کان سواءِ اڌورا هوندا آهن.

- هڪ ڳالهه هتي بي بہ چوندس تہ مان تو مان ڏاڍو خوش آهيان، منهنجو سڏ نہ ئي سهي پنهنجي ضمير جو سڏ ورنايو اٿئي. مبارڪن جي مستحق آهين.
- مون پاران قاضي راشد کي پٽائيءَ جي هي سٽ ٻڌائيندين تہ تهنجو ٿورائتو رهندس.”سَرَ ۾ سارينئي“.

تنهنجو

علي بخش پٺاڻ

(39)

ڪراچي
12.12.2006

عيسيٰ
حق موجود

هن ويل جڏهن سوچي رهيو آهيان ته ڪتابن پڙهڻ جو نشو ڇو ڇڏائجي ويو اٿم ته سمجهه ۾ آيم ته تون پنهنجي خطن ۾ ڪوٽيشن ذريعي ڪيترائي ڪتاب پڙهايو ڇڏين، نتيجي ۾ ڪو ڪتاب پڙهڻ جي ہاڙ ئي نه ٿي لڳم. سچ ته تو وڏي تپسيا ڪئي آهي، اهو سڀ ڪجهه ڄاڻڻ لاءِ. مان به دماغ جي مانڌاٽيءَ سان دل کي ولوڙي لکڻ جا جتن ڪيان پيو شال مطمئن ڪري سگهانءِ.

ڪڏهين ڪڏهين زندگيءَ ۾ تسلسل جون ڪڙيون ٽٽي ٿيون پون جن کي جوڙڻ لاءِ ڏاڍا جتن ڪرڻا ٿا پون. اصل ۾ هيڪڙائي پسند هوندي به مان اڪيلو نه ٿو گهاري سگهان. شايد تون،راشد قاضي ۽ ارشد ميراٽي ايئن ڪري سگهندا هجو. اڪيلائيءَ ۾ سوچون ڏنگڻ ۽ ڪائڻ پيون انديون آهن. تيزاب وانگر اڪيلائي ڳارڻ لڳندي آهي. ايمرسن چيو "ڪوئي به اڪيلو سنو نه هوندو آهي". .........ستي جاڳائي سسئي" وانگر تنهنجي خط اڃي جاڳايو اٿم. ممڪن هجي ته ٿيل Gape کي پري نه به سگهان پر وري گيپ ڪرڻ جو گناه نه ڪندس.

هن وقت سوچون، خيال حملي آور ٿيون آهن ۽ شايد انهيءَ ڪري هن خط ۾ ڪو تسلسل نه رهي ۽ عبدالقادر جوڻيجي وانگر ڇڙوڇڙ ڳالهيون ئي رهن.

تنهنجو هاٺوڪو سياست کي سي آف ۽ ادب ۾ وري زورشور سان اٿتر وارو فيصلو منهنجي آئڊيا مطابق ئي آهي، اها ڳالهه مون توکي اڳ به

چئي ئي ۽ توکي سمجھ ۾ کو نہ آئي ھئي، شايد سياست جي عشق ۽ جوانيءَ جي جوش ۾.

چڱا خاصا ڪتاب پڙھي چڪو آھين ۽ پڙھين پيو. چڱي ڳالھ آھي. پر جھان جو مطالعو لڪل حواسن کي ڇھي ٿو ۽ نوان راز ۽ رمزون چٽيون ٿي اڳيان اچن ٿيون.

تنھنجي خواھش رھي آھي تہ ھن بحث کي جاري رکجي پر ھڪ ڳالھ بہ منھنجي لاءِ مونجھاري جو سبب آھي تہ تنھنجا منھنجا خيال بہ ساڳيا ، سوچ بہ ساڳي ! پوءِ بحث ڇا جو.

پٽائي نہ ٿو چوي تہ:

ڏوڏا تون نہ ڏئين، آڳ اوڏو نہ وڃين،
ايو ائين چئين، آءُ اڳڙيو آھيان.

پيارا عيسيٰ !

باھ جي خبر انھن کي ھوندي آھي جيڪي آڳ اوڏو ھوندا آھن. آڳڙيو ٿيڻ لاءِ باھ کي پاڪر پاتا پوندا آھن. عشق راند ناھي جو ڪي ڳيرو ويھي کيڏندا.

اچوڪي ڪاوش ۾ تصوف جي حوالي سان امين قريشيءَ جو مضمون ڇپيو آھي، ضرور پڙھجانءِ. ھن مضمون ۾ حوالي طور ھيءَ سٽ ڇپيل آھي تہ "برھما گيان عقل ۽ ڪتابن بجاءِ عشق سان حاصل ٿئي ٿو".

آفتاب سرھيي ھفتيوار پنھنجي انٽرنيٽ تي موڪليل ڪالم منجھ يورپ ۾ ھلندڙ تازين بينڪن جو ذڪر ڪندي چيو آھي تہ "آمريڪا جي ڪيليفورنيا ۾ صوفي ازم جي حوالي سان اٺون ساليانو سمپوزيم ڪوٺرايو ويو جنھن کي بعد ۾ انٽرنيٽ تي بہ جاري ڪيو ويو. جنھن جو مقصد انسان جي روحاني ڪيفيتن کي اجاگر ڪرڻ ھو. ان ڳالھ تي ڌيان ڏنو ويو تہ الله جي ذات سان انسان جو روحاني رشتو جڙيل آھي. ان

سلسلي ۾ عبادتن ۽ مراڪبن جي وسيلي انساني روح کي اجرو ۽ پاڪ بڻائڻ لاءِ ڪوششون ورتڻ هيو. ( منهنجي خيال ۾ روح اجرو ۽ پاڪ هوندو آهي). هن سمپوزيم جو اصلي مقصد هيو تہ جڏهن انسان جو الله سان رشتو جڙي پوي ٿو تہ پوءِ سندس زندگيءَ ۾ پاڪيزگيءَ جو عنصر ڦٽي نڪري ٿو. ان سمپوزيم ۾ اها ڳالهہ چئي وئي تہ اسان نہ صرف زبان سان الله جو ذڪر ڪريون پر ڪيس دل ۽ دماغ سان بہ ياد ڪريون.

مٿين ڳالهہ تصوف ۽ اڄ جي دنيا تي هڪ نظر هئي ۽ هاڻي ڏسون تہ تصوف ۽ اڄ جي دنيا ڪي بدا ابڙو ڪيئن ٿو محسوس ڪري: "مادي ۽ روح يا شعور مان اوليت ڪنهن کي آهي؟ روحانيت کي جديد سائنس جي روشنيءَ ۾  ثابت ڪرڻ جي ڪوشش جاري آهي. مادي ۽ روحاني دنيائن تي هلندڙ تڪرار جو مرڪزي نقطو " ڪائنات جو مرڪز" ڳولڻ آهي. ٻئي ڌريون گهٽ ۾ گهٽ ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ ڪائنات جو ڪو هڪ بنيادي مرڪز ۽ محور آهي............. ۽ ڪائنات جو سڄو سرشتو ان جي تابع آهي.

پنهنجو ڏنل دليل پڙه ۽ ڏس تہ ڪير حق تي آهي. " جيڪڏهن اسان پاڻ کي ڳوليو. خدا کي پاڻ سمجهيوسين ، تڏهن يقيننن اسان تصوف جي بنياد Them  کي سمجهي ورتوسين ۽ ڪائنات جا باقي راز، راز ئي نہ رهندا." تنهنجي خط جي پڇاڙيءَ واري صفحي جو وچيون سٽون Misunderstanding  کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهن. ظاهري آهي لڳ ڀڳ ٻيو سال آهي جدا رهندي انهيءَ جو ڪو تہ Affect ٿيندو نہ!

جو حال پريان نال مطابق هي خط حاضر آهي، هن خط ۾ هر ڳالهہ کي واضح نموني چوڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، ممڪن آهي تہ ڪجهہ ڳالهيون رهجي بہ ويون هونديون.

راشد کان خط جي تقاضا ڪرڻ ٻيرن کان ٻير گهرڻ ٿيندو. مون توکي هن خط لاءِ ڏاڍو ستايو آهي، جاڻي واڻي نہ نہ سهي. جيڪا تو انتظار جي پيڙا ڀوڳي آهي اميد تہ مون کي انهيءَ کان بچائيندين. هن خط لکڻ مهل منهنجا احساس، پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ وارا هئا، ايئن محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ پنهنجو پاڻ سان ويٺي ڳالهايم. آخر ۾ تصوف جي حوالي سان ڀٽائيءَ جا ڪجهہ بيت پڙهہ:

صوفيءَ سير سين ۾، جيئن رڱن ۾ ساهہ،
سا نہ ڪري ڳالهڙي، جا پريون پروڙي پساهہ،
آهيس اي گناهہ، جي ڪا ڪري پڌري.

الف جنهن جي اڳ ۾ سا ست ئي نہ سارين،
نا حق نهارين، ٻنا ٻيا پرين لئي.
وحدت تان ڪثرت ٿئي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو، وائي ٻي مَ ٻيل،
هو هلاچو هل، بالله سندو سڄٽين

احد، احمد پاڻ ۾، وچان ميم فرق،
آهي مسغرق، عالم انهيءَ ڳالهہ ۾.

جيڪڏهن ڪجي تہ ڳالهہ اجان ڍگهي ٿي پوندي تہ چڱو موڪلاڻي ڪانهي.

تنهنجو : علي بخش پناڻ

(40)

كراچي

06_03_2005

عيسيٰ!

جيئي سنڌ

تون ڪراچيءَ آئين ته تي ڏينهن رهي واپس هليو وئين. هڪڙي ڳالهه جيڪا مون محسوس ڪئي ۽ شايد نوٽ به تو ڪرائي ته مان توکي ڳالهه ڳالهه تي دڙڪا پئي ڏنا. مون کي ان ڳالهه جو احساس به آهي ته ڏک به. ڳالهه اها آهي ته مون توکي ڪجهه چوڻ پئي چاهيو، توکي ڪجهه ٻڌائڻ ۽ شيئر ڪرڻ پئي چاهيم پر تون هر وقت پنهنجي موڊ کي اهڙو ٿي رکيو جو مان توکي ڪجهه چئي، ٻڌائي نه ٿي سگهيس.

هونءَ به گهڻو وقت ٿيو آهي جو ماڻهن سان ميل جول گهٽائي ڇڏي اٿم ۽ اهو ته تو به نوٽ ڪيو هوندو ته خط پٽ به لکڻ ڇڏي ڏنو اٿم.

زندگي ڄڻ ته بور ڊرامو آ،

مان اڌ مان اٿي رهيو آهيان.

تون جڏهن زندگيءَ جي ڳالهه ٿو ڪرين، اميد جي ڳالهه ٿو ڪرين ۽ چوين ٿو ته ماڻهو مانيءَ بنا چاليهه ڏينهن پاڻي بنا هفتو جي سگهي ٿو پر اميد بنا هڪ منٽ به جِي نه ٿو سگهي، تڏهن ڏاڍو سنو لڳين ۽ تون سئو سيڪڙو سچ تي به آهين پر ڇا ڪجي هاڻي ته ٻار به نه رهيا آهيون جو اهڙين ڳالهين سان ڪٽي دل وندرائجي!

حقيقت اها آهي ته مان ڏئي وني ببنو آهيان. مون کي ڪائي وات نه ٿي سجهي. ڪنداٽتو ان ڪري به ٿيڻ چاهيم جو توهان مستقبل جي ڳالهه ڪري رهيا آهيو ۽ مان فراريت جي.

تنهنجو علي پناڻ

(41)

ڳوٺ پيندو شريف
01_03_1998

هونئن ته هر ڪنهن ٻار ۾، مهڪي پئي مٽيا،
پر جيڪي سنڌ ڄڻيا، تنهنجو مٽ آ ڪينڪي.

(ادل سومرو)

سدا سلامت خوش هجو
مانوارا عيسيٰ!

السلام عليڪم:
احوال آهي ته هت سڀ خير آهي ۽ اوهان ڏانهن به ڌڻي تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان ڪُل خير هوندو. (آمين).
ادل!! اوهان جو خط ۽ دعوت نامو مليو پڙهي تمام گهڻي خوشي ٿي ۽ پوءِ ڊپ به ٿيو ۽ ڊپ وچان ڪٿ جي هينيان لڪي ويهي رهيس ته بابا چيو پٽ خير ته آهي جو ڪٿ جي هينيان لڪيو وينو آهين. موٽ ۾ مون اوهان جي نالي ٻڌايو مانس ته پائو عيسيٰ ميمڻ ڏوڪري مان ”سنڌي ٻاراڻي ادب جي اهميت ۽ ان جي موجوده صورتحال“ جي عنوان سان 10 فيبروري تي پرائمري اسڪول ڏوڪري ۾ ٿيندڙ سيمينار جو دعوت نامون موڪليو آهي ۽ ان ۾ لازمي شرڪت ڪرڻ لاءِ پڻ لکيو اٿس. ان تي بابا وراڻيو ته عيسيٰ جي پروگرام نه وڃ ڇاڪاڻ ته عيسيٰ پاڻ ڪنهن جي پروگرام اچي ئي ڪونه.
ادا عيسيٰ! ڇا بابا اوهان کي سڃاڻي ٿو؟ جو ائين پيو چوي. ڇا توهان واقعي ڪنهن جي پروگرام ۾ شرڪت ڪونه ڪريو؟ ضرور ٻڌائيندا.

ادا اهيو جيڪو اڳيان آئون لکي آيو آهيان اهيو سڀ اوهان سان مذاق خاطر لکيو اٿم. ڇاڪاڻ ته منهنجو والد محترم اوهان کي سڃاڻي ٿي ڪو نه ان ڪري اوهان جي لاءِ اهيو سڀ ڪجهه ڪيئن ٿو چئي سگهي؟ دراصل حقيقت هي آهي ته آئون ڪڏهن گهر کان ايترو پري اڪيلو نڪتو ئي نه آهيان بيو ته وري ڏوڪري ڏٺل ئي ڪونهي ان ڪري گهران اڪيلي سر پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ جي اجازت نه ملي. جيڪڏهن ڪنهن ويجهي جڳهه تي پروگرام هجي ها يا ڏوڪري ڏٺل هجي ها ته پوءِ ضرور اوهان پائرن جي حاضري پرڻ اچان ها. ڇاڪاڻ ته اوهان جنهن خلوص، پابوهه ۽ پيار مان دعوت موڪلي هئي ان جي موٽ ۾ اوهان جي پروگرام ۾ نه اچڻ جو سوال ئي نه ٿو پيدا ٿئي. بيو ته هي پروگرام به ٻاراڻي ادب جي اهميت تي هو ان ڪري آئون هن سيمينار ۾ لازمي شرڪت ڪريان ها. ڇا اهيا اوهان کي چڱيءَ ريت ڄاڻ هوندي ته آئون پيدوار ئي ٻاراڻي ساهت جو آهيان مون پڙهڻ جي شروعات به ٻاراڻي ادب کان ته لکڻ جي شروعات به ٻاراڻي ادب کان ڪئي ۽ انشاءَ الله تاحيات اهيو سلسلو جاري رهندو.

يقين ڪريو مون کي ڏاڍي خوشي ٿي ته ان دور ۾ جڏهن اسان جا مهان قلمڪار به اهو چيو لنوائيو وڃن ته ٻاراڻو مواد سرجڻ لاءِ ٻار ٽيڙو ٿو پوي ۽ اهيو ڪم اسان جي وس کان ٻاهر آهي جهڙا جملا چيو جند ڇڏايو وڃن. ان حالت ۾ به اوهان نوخيز هوندي، جهڙي ريت ٻاراڻي ادب جي جياپي ڪارڻ جيڪي جتن ۽ عملي ڪوششون ڪري رهيا آهيو سچ پڇو ته تمام گهڻو ساراهه جوڳو آهي ۽ ان تي اوهان کي داد نه ڏيڻ سراسر ناانصافي ٿيندي.

منا! اوهان جون تحريرون وقت بوقت مختلف ٻاراڻن رسالن ۽ اخبارن ۾ نڪرندڙ هفتيوار ٻاراڻن صفحن ۾ پڙهڻ لاءِ ملنديون رهن ٿيون. اوهان

تمام سٺو لکي رهيا آهيو. جيڪڏهن اوهان انهيءَ تسلسل سان لکندا رهيا ته منهنجي دعا آهي ته اوهان اڳتي هلي سنڌ جا وڏا ليکڪ ٿي سگهو ٿا. پر گڏوگڏ هڪ ننڍڙي گذارش ته وڏا ليکڪ ٿي هن ٻاراڻي ادب کي وساري نه ڇڏجو موجوده سنڌي اديبن جيان.

ادا! زندگي رهي ۽ وري اوهان جيڪڏهن اهڙو ميلو مچايو ۽ ياد ڪيو ته انشاءَ الله ضرور حاضري ڀري اوهان جي ميار لاهينداسين.

خط لکي ياد ڪرڻ لاءِ مهرباني، مهرباني ۽ مهرباني.

دعاڳو

وفا مولابخش قمبراڻي

(42)

ڳوٺ پيندو شريف

11_04_1998

روئندي روئندي نير ڪئي ويو لهو اچي ويو لڙڪن ۾،
آئون ڪلندي ڪيئن ڪير پيان منهنجي سنڌڙي آ سڏڪن ۾.
(نياز همايوني)

قابل احترام ساٿي عيسيٰ ميمڻ صاحب
اميد ته خيريت سان هوندا.
سدا جئي سنڌ

السلام عليڪم:

مٺا! اوهان طرفان مانائتي موٽ 1998_04_10 تي شام جو 7 بجي ملي پڙهي تمام خوشي محسوس ڪيم. خط جو وقتائتو جواب ڏيڻ لاءِ وڏا وڙ. ياءُ اوهان لکيو آهي ته جن به دلي دوستن اسان جي سڏ تي اسان جي پروگرام ۾ شرڪت نه ڪئي آهي. مان ايمانداريءَ سان ٿو چوان ته انهن اسان کي ڪنهن به اهميت جي نگاهه سان نه ڏٺو.

ادل! اهڙي ڪا به ڳالهه نه آهي. آئون بين متعلق ته ان باري ۾ ڪجهه به نه چوندس پر پنهنجي لاءِ ايترو ضرور چوندس ته گهٽ ۾ گهٽ منهنجي ذهن ۾ اهڙي ڪا به ڳالهه نه آهي اوهان منهنجا ياءُ آهيو ۽ پاڻ سڀ هڪ ئي منزل جا مسافر آهيون. اوهان جي لاءِ منهنجي دل ۾ لک عزتون آهن ۽ اوهان منهنجي لاءِ مهذب ۽ محترم آهيو. پر آئون اڳ به پروگرام ۾ شرڪت نه ڪرڻ جو سبب اوهان اڳيان وضاحت سان عرض ڪري چڪو آهيان ۽ باخدا بي اهڙي ڪا به ڳالهه نه آهي جيڪا اوهان سوچيو ٿا.

اوهان جن دوستن جا نالا ڄاڻايا آهن منهنجي خيال ۾ هڪ ٻن کي ڇڏي باقي سڀن جو تعلق اوهان جي ضلعي سان آهي پر پوءِ به انهن پروگرام ۾ شرڪت ڇو نه ڪئي ان جو سبب هڪ ته شرڪت نه ڪندڙ ۽ ٻيو خدا ئي بهتر ڄاڻي ٿو.

مٿا رفيع لغاريءَ سان ڪچهري واري پروگرام جي ڄاڻ اٿم مگر ڪن مجبورين سبب اچي نه سگهندس ان لاءِ وري به معذرت. مٿا اوهان لکيو آهي ته اوهان يعني (منهنجو) تخليقي سفر تمام سستي سان هلي رهيو آهي. ڀاءُ ان جا ڪيترائي سبب آهن هڪ وڏو سبب وقت جو نه ملڻ آهي ڪم ڪاريون ايتريون آهن جو ان جو اوهان سان کهڙيون ڳالهيون ڪريان. والد صاحب تمام غريب آهي ۽ هاڻي جهونو به ٿيندو پيو وڃي نه اٺئون ڪو ٻني ٻارو ۽ نه وري بابا کي ڪا نوڪري. نوڪري به ڪيئن ملي ها بابا ته پڙهيل ئي ڪونهي. ان ڪري گهر جو خرچ وغيره هلائڻ لاءِ مون کي محنت ۽ مزدوري ڪرڻي پوي ٿي. ڇاڪاڻ ته پٽن ۾ سندس وڏي ۾ وڏي اولاد آئون آهيان. ان ڪري اهيا ذميواري مون تي عائد ٿئي ٿي. هن وقت به هڪ باغ تي ڪم ڪري رهيو آهيان جيڪو شايد جولاءِ تائين هلندو. هي خط به اتان اوهان ڏانهن تحرير ڪري رهيو آهيان. ان کان علاوه ڪجھ رسالا جن ۾ ”سنڌي ٻارڙا“، ”پچار“ ۽ ”سنڌ سرهاڻ“ ٻارڙن جي اخبار گهرائي 33 سيڪڙو ڪميشن تي وڪڻندو آهيان ۽ ڪتاب ڪاپين جو خرچ ڪيندو آهيان ۽ ادبي ڪتاب وغيره وٺندو آهيان. هاڻ توهان ٻڌايو ته جيڪو ماڻهو صبح جو 6 وڳي روزگار جي تلاش ۾ نڪري وڃي ۽ شام جو 7 وڳي موٽي اچي ان وٽ ڪهڙو ٽائيم هوندو ادب پڙهڻ يا تخليق ڪرڻ جو. بهرحال وري به وس آهر ڪوشش ڪندو آهيان ڪجھ لکڻ جي ۽ جڏهن ڪجھ لکي وٺندو آهيان ته پوءِ ڪنهن رسالي يا اخبار ڏانهن موڪليندو آهيان.

ادا انهن مالي پريشانين تائيم نہ هئڻ سبب ئي مئٽرڪ ۾ 577 مارڪون هئڻ باوجود بہ فرسٽ ييئر آرٽس گروپ ۾ پڙهي رهيو آهيان. هاڻي توهان پاڻ ٻڌايو ڏوهہ منهنجو يا حالتن جو؟

نهايت پيارا: پروگرامن ۾ شرڪت نہ ڪرڻ واري ڳالھ مون اوهان سان مذاق خاطر لکي آهي. اوهان شايد ان کي سيريس سمجهيو آهي. ان ڪري پروگرامن جو تعداد لکي موڪليو آهي. باقي اهڙي ڪا بہ ڳالھ نہ آهي. پلا اوهان پاڻ سوچيو تہ هڪڙو بهترين بالڪ ليکڪ جيڪو باقاعده ٻارن لاءِ لکندو هجي سو ٻارن جي پروگرامن ۾ شرڪت کان لنوائي سگهي ٿو. هرگز نہ؟

ادل زندگي رهي ۽ اوهان وري اهڙا ميلا مچايا ۽ ياد ڪيو تہ ضرور حاضري ڀريندس.

اوهان ڏانهن هي خط لکندي شام ٿي آهي سج لهڻ وارو آهي. آئون سوچان پيو ڪڏهن منهنجي زندگي جو سج بہ ان سج وانگر لهي ويندو. ڇو تہ آخر سب ڪجھ فنا آهي.

سڄي سنگت کي منهنجي طرفان سلام چوندا.

ساهن جي موجودگيءَ تائين گڏ

”وفا“ مولابخش قمبراڻي

(43)

ڳوٺ پيندو شريف
تاريخ 22 آڪٽوبر 1998ع

جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهہ بہ اوڏيائي مڱان
ريءَ ٽنيي، ري ٽوٽين، تون ڇپر تون ڇانءُ،
آئون ڪڄاڙو ڪهانءُ، توکي معلوم سڀ ڪا.
(شاهہ)

سدا وهيڙي گل جهڙا عيسيٰ ميمڻ
اميد تہ خيريت سان هوندا.
جئي لطيف - جئي سنڌ

السلام عليڪم:
بہ ٽي هفتا اڳ اوهان جي محبت ڀري موٽ پڙهڻ جو شرف حاصل ٿيو هو. اوهان جنهن سڪ ۽ اُڪير سان جواب لکو ٿا. ان لاءِ اوهان جو هي حقير بندو نهايت گهڻو ٿورائتو آهي ۽ اميد ٿو ڪري تہ آئنده بہ ائين وڙڪندي دير سوير سارينداره رهندا.
منا! اوهان سوچيندا تہ هيڏو ليٽ سان هي جواب پيو مُڪان آخر ڇو؟ ادل ننڍا وڏا ڪيترائي سبب آهن جي سهيڙي اوهان آڏو پيش ڪيان تہ هوند بہ ٽي ڪتاب جڙي پون. پر في الحال اوهان جي عدالت ۾ پنهنجي صفائي پيش ڪرڻ خاطر هڪ اهم سبب حاضر آهي.
ادل! اوهان جو خط 26 سيپٽمبر 1998ع تي مليو هو. انهن ڏينهن ۾ اسان سنڌي ادبي سنگت شاخ پيندو شريف طرفان محترم اسرار شام صاحب سان 3 آڪٽوبر 1998ع تي شام ملهائڻ جو پروگرام طئي ڪري رهيا

سون. ان جي تيارين ۾ ايترا تہ مصروف هئاسين جو اوهان پيارن ڏانهن خط لکڻ تہ ڇا پر دعوت ڏيڻ جهڙو اهم ڪم پڻ وساري وينس. هي پروگرام ايترو تڪڙو ۽ مختصر وقت ۾ آرگنائيز ٿيو جو ان جو ٻڌي اوهان تعجب ۾ پئجي ويندا. 27 سيپٽمبر جي گڏجاڻي ۾ اهيا ڳالهہ رکي ويئي تہ محترم اسرار شام سان سندس ادبي خدمتن جي مڃتا طور شام ملهائي وڃي، دوستن چيو تہ ٺيڪ آهي ۽ اهيو پروگرام 3 آڪٽوبر تي ملهايو ويندو. مون ان ڳالهہ جي تمام گهڻي مخالفت ڪئي تہ هڪڙو هفتو پروگرام پوئتي هٽايو وڃي پر سنگت منهنجي هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ ائين هي پروگرام 3 آڪٽوبر تي ٿي ويو. آئون اوهان ڏي دعوت موڪليان ها! پر جنهن شخص کي پروگرام جي صدارت ڪرڻي هئي. ان اچڻ جي پڪ ڏني ئي 03 آڪٽوبر تي. ان ڪري صرف انهن دوستن کي دعوت ڏني سين جن جا فون نمبر هئا. يا وري جيڪي ويجها هئا. هاڻ مون کي اميد آهي تہ اوهان انهيءَ سلسلي ۾ مون کان ڪا بہ وضاحت طلب نہ ڪندا ۽ منهنجي ننڍڙي غلطي کي فراخ دليءَ جو مظاهرو ڪندي معاف ڪندا. باقي خط دير سان لکڻ واري ڳالهہ تہ ڪجهہ ٽائيم آئون پروگرام جي ڪمن ڪارين ۾ مصروف هئس ۽ ان کان پوءِ وري ڪجهہ ذاتي ڪم هئا، ان ڪري ليٽ ٿي ويئي. مون کي وري بہ اميد آهي تہ اوهان پنهنجي اعليٰ ظرف جو مظاهرو ڪندي منهنجي غلطين کي درگذر ڪندا. ڀائو! هاڻي ڪجهہ اوهان طرفان موڪيل خط طرف.

جاني ڀاءُ! اوهان لکيو آهي تہ مون اڄان تائين سائين اسرار شام کان ”جاڳو ٻارڙا“ جي فوٽو اسٽيٽ ورتي يا نہ؟ ڀاءُ! مون اهيا فوٽو اسٽيٽ ورتي ۽ ٻنهي جو غور سان مطالعو ڪيو. اهيا سٺي ڳالهہ آهي. جو اوهان هڪ اهم شيءَ تي قلم کنيو. تنقيد جي اسان جي ادب ۾ تمام گهڻي کوٽ آهي. ان جو مکيہ ڪارڻ صرف تنقيد جي سهپ نہ هئڻ آهي اسان جا ليکڪ

دوست جن تي بہ تنقيد ڪجي ٿي تہ اُهي چڙي پون ٿا ۽ پوءِ الائي ڪهڙا ڪهڙا الزام ٿا هڻن ۽ ڪٿي تہ هڪٻئي کي لنيون ۽ مُڪون هڻڻ تائين ڳالهہ پهچي وڃي. اوهان کي جس آهي جو اوهان ان ڳالهہ جي پرواهہ نہ ڪندي، واحد تي تنقيد لکي آهي. تنقيد جي حوالي سان اوهان جي ٻولي سنجيده آهي. اوهان تمام سٺو لکيو آهي. اوهان ۾ سٺي تنقيد نگار ٿيڻ جون سڀئي صلاحيتون موجود آهن. پر گڏوگڏ هڪ عرض ڪندو هلان تہ واحد جو سائين مقصود گل نالي ڪالم مون پڙهيو هو. مون کي تہ ان ۾ ايڏي ڪڙاڻ نظر نہ آئي جو ان لاءِ چئجي تہ اهيا منهن ۾ چماٽ هڻڻ برابر آهي. بهرحال وري بہ اوهان بهتر ڄاڻو ٿا. ادا توهان آخر ۾ لکيو آهي تہ هي خط حسام سومري، واحد پارس جو دوست هئڻ ڪري، هلال ۾ نہ ڇپيو ۽ هاڻ جاڳو ۾ پيو ڇپجي. ڀائو هي لفظ توهان کي نہ لکڻ گهرجن ها. ڇاڪاڻ حسام جيڪڏهن واحد پارس جو دوست آهي. تہ بہ ائين نہ لکوها. ڇاڪاڻ تہ ڪافي ماڻهن کي اهيو موقعو ملي ويندو تہ رفيع لغاري، عيسيٰ جو دوست آهي. ان ڪري عيسيٰ کي جاڳو ۾ ٿو ڇپي. ان ڪري ٿورو سمجهہ کان ڪم وٺو. بهرحال مجموعي طور اوهان جي تنقيد ساراهہ لائق آهي. سائين اسرار شام پڻ اوهان جي تنقيد کي ساراهيو آهي، بهرحال وري ٻئي خط ۾ واحد وارو ڪالم جيڪو سائين مقصود گل جي نالي لکيل آهي پڙهي پوءِ وري توهان ڏي تفصيلي خط لکندس.

ادا. حزب الله کان مون پڇيو آهي تہ علي بخش جو خط پهتو يا نہ. باقي توهان جي ائڊريس تي اخبارون روانو ڪري چڪا آهيون جيڪي توهان وٽ پهچي چڪيون هونديون.

ڀاءُ توهان جو انٽرويو ۽ عطا سنڌيءَ جو انٽرويو تمام سٺا آهن. توهان جو انٽرويو اڳ ۾ هلال ۾ ڇپيل آهي، عطا سنڌي جو توهان جاڳو لاءِ انٽرويو ورتو هو. جاڳو ۾ نہ ڇپيو هجي تہ پوءِ توهان جي ۽ عطا جي انٽرويو دوران

نڪتل جيڪا تصوير موڪليو اسان بلڪل شايع ڪنداسين. اخبار جو تازو شمارو ٻالڪ ادبي فورم جو سالگرهہ نمبر آهي جيڪو 27 آڪٽوبر تي پڌرو ٿيندو.

جاڳو ٻارڙا جي پنجين ڪڙي جي رزلٽ اوهان وٽ هجي تہ موڪلجو.

سائين اسرار شام، دوست سنڌو شڪيل جوڻيجو ۽ ٻئي سنگت جا سلام قبول ڪندا.

اوهان جي نڪور مواد ۽ خط جي جواب جو انتظار رهندو.

فقط خادم خاڪسار

**”وفا“ مولابخش قمبراڻي**

(44)

ڳوٺ پينڊو شريف

29_03_2000

جــن ريءَ سري مَ ساءِ، رتي رس مَ تــن سيــن
هو جهٽڪن تون جهڪو ٿي، پاند ڳچي پاءِ،
پــاڻ وجي پــرچاءِ، مــتــان رٺو ئي رهجي وڃي.
(شاهہ)

ساٿي عيسيٰ
هميشہ مرڪندا رهو.
سدا جئي سنڌ.

اوهان جو نوازش نامون مليو پڙهي خوشي ٿي ماناٿنو جواب لکڻ لاءِ وڏا وڙ. هن خط جي ٽڪڙي جواب لکڻ جا انيڪ سبب آهي جن مان هڪ وڏو سبب اوهان جي مايوسي دور ڪرڻ آهي جيڪا اوهان جهڙي بهادر ۽ ارڏي نينگر مٿان حاوي ٿي ويئي آهي. توهان سمجهي ويندا هوندا. تہ آئون ڪهڙي حوالي سان مايوسي جو ذڪر پيو ڪريان. ها بلڪل توهان سهي سمجهيو ڪتابن جي حوالي سان مايوسي. دوست! توهان ۽ علي بخش ڪافي عرصي کان ”سنڌي ٻارڙا“ گهرائي اسان سان سهڪار ڪندا رهو ٿا. پر ڪجهہ وقت کان وٺي توهان ڪجهہ نروس آهيو جنهن جو ثبوت 50 هين ڪڙيءَ جي وي پي جي واپسي آهي. ڇو؟ ڇا ڳالهہ آهي ۽ ڪتاب سيل نہ ٿا ٿين يا توهان مصروفيت سبب ٽائيم نہ ٿا ڏئي سگهو. ڪجهہ ان تي روشني وجهندا. ڏوڪري تہ تعلقي جي حيثيت رکي ٿو. ان ۾ تہ توهان 17 نہ پر 100 کان 200 تائين ڪاپيون سيل ڪري سگهو ٿا. آئون رڳو پنهنجي ڳوٺ ۾ جيڪو تمام ننڍڙو ڳوٺ آهي ۽ علم ادب جي حوالي سان تمام پوئتي آهي ان ۾ بہ 30 ڪاپيون وڪٽي وڃان ٿو ۽ ٻيون

جڳهيون تہ اجان تائين الڳ آهن ائين مجموعي طور آئون هڪ ڪڙيءَ ۾ ٻہ ٽي سئو ڪاپيون وڪٽي وجان ٿو.

دوست! توهان تہ هيڏي وڏي شهر ۾ رهو ٿا ۽ جنهن هاءِ اسڪول ۾ پڙهو ٿا پوءِ بہ ڪتابن جي حوالي سان ايڏي مايوسي ڇو؟

دوست! سنڌي ٻوليءَ جي بقا جو آخري مورچو صرف ادب آهي جيڪڏهن اسان ان مان بہ هٿ ڪڍي وياسين تہ پوءِ اسان جي خدائي حفاظت ڪري سگهي ٿو. توهان مايوس نہ ٿيو. توهان لاءِ سندم استاد آسي زميني جو نڪور غزل جو مطلع حاضر آهي.

اجان تہ پنهنجو پري پنڌ، ڇو ٿڪو آهين،
اِهو نہ آهي اُهو هنڌ، ڇو ٿڪو آهين.

دوست! ان منزل ڏور پنڌ اڙانگو ۽ واٽ ڪٺن آهي. ان ڪري تتي ٿڌي ڪاهي ان تي رسڻو آهي ۽ رسڻ لاءِ مسلسل جدوجهد جي ضرورت آهي. توهان ڏهين جو امتحان ڏنو آهي منهنجي دعا آهي بلڪ اسان سڀني يعني سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن جي سٿ جي اجتماعي دعا آهي خدا توهان کي پنهنجي نيڪ مقصد ۾ ڪامياب ڪري.

خطن جو هي سلسلو ساهن جي ٽنڊ تائين جاري رهندو ۽ اوهان کي آئون ڪيئن ٿو وساري سگهان. توهان مختلف ڪتابن مان چونڊ ڪري مون کي سٺيون شيون پڙهائيندا رهو ٿا. ان لاءِ مهرباني.

اوهان جو پنهنجو
”وفا“ مولابخش قمبراڻي

(45)

كنڊيارو

03_10_1998

محترم عيسيٰ ميمڻ صاحب

السلام عليڪم: اميد ته اوهان بلڪل ٺيڪ ٺاڪ هوندا.

اوهان جو خط ۾ سوال ڪجهه ڏينهن کان مليل آهي. ڪافي مصروفيت سبب جواب دير سان موڪلي رهيو آهيان. ٻالڪ ادبي فورم جي ٻي سالگرهه 8 نومبر 1998ع صبح جو ڏهين وڳي پٽ شاهه ۾ ملهائي رهيا آهيون سڄي سنڌ جا ٻالڪ ۽ ٻالڪ ادب ليکڪ شرڪت ڪندا. اوهان ۽ ٻالڪ شرڪت ڪري سگهو ته وئيلڪم چئون ٿا. وڌيڪ خط لکي احوال کان واقف ڪندا. اوهان فورم جو يونٽ قائم ڪريو ۽ نالا لکي موڪلجو. جيئن مرڪزي سوئيز ڇپائي رهيا آهيون. ان ۾ نالا شامل ڪري گهون. عهدا هي آهن. 1. صدر. 2. نائب صدر. 3. جنرل سيڪريٽري. 4. جوائنٽ سيڪريٽري. 5 خزانچي. 6 پريس سيڪريٽري باقي ٻالڪ ميمبر ۽ علم ادب دوست اعزازي ميمبر ٿيندا.

انٽرويو ٽڪڙ ۾ لکيو آهي ٻئي پني تي فيئر ڪري اخبار ڏانهن موڪليندا "سنڌ سرهاڻ" نومبر وارو پرچو خاص ٻالڪ ادبي فورم نمبر هوندو. ان ڏانهن انٽرويو موڪليو ڇو ته ايڊيٽر منهنجو دوست آهي. ضرور هلائيندو ۽ مان پنهنجو فوٽو ڪيس ڏياري موڪليندس. سنڌ سرهاڻ ۾ اوهان ٻه ٻالڪ ادبي فورم تي ڪجهه لکو ته جلدي سندس ايڊريس تي ڏياري موڪليو. شايع ٿيندو. وڌيڪ خط لکي آگاهه ڪندا ته انٽرويو ڪهڙي رسالي / اخبار ڏانهن ٿا اماڻيو. بهرحال سنڌ سرهاڻ ڏانهن ضرور موڪليندا. جيئن خاص نمبر ۾ شايع ٿي سگهي. وڌيڪ جلدي حال احوال کان واقف ڪندا. فورم جي منشور جي ڪاپي ايندڙ خط ۾ اوهان ڏانهن روانو ڪندس. ٻيو سڀ خير. سڄي سنگت کي سلام چوندا.

منظور ابڙو

ج. س. ٻالڪ ادبي فورم سنڌ

(46)

کنڊيارو

09_02_1999

محترم عيسيٰ ميمڻ صاحب!

السلام عليڪم:

اميد ته اوهان بلڪل خوش و خيريت سان هوندا آمين.

ادا اوهان ٻالڪ ادبي فورم جي يونٽ قائم ڪرڻ لاءِ لکيو هو ان لاءِ اسان اوهان کي اجازت ڏني هئي. اوهان ڀرپور ڪوشش ڪئي پر يونٽ نه کلي سگھيو. ان لاءِ اوهان اڪيلي سر يونٽ کان سواءِ به ٻاراڻي ادب لاءِ جاکوڙي سگھو ٿا.

اوهان سنڌي ادبي سنگت جي اليڪشن ۾ بيٺا آهيو. اميد ته اوهان کي ڪاميابي ملي هوندي. سياسي حوالي سان به خدمتون سرانجام ڏيئي رهيا آهيو ۽ ان لاءِ اوهان کي تڪليفون به برداشت ڪرڻيون پَون ٿيون.

اوهان انٽرويو لاءِ چيو آهي. هڪ ڪاپي سنڌ سرهاڻ ڏانهن رواني ڪئي اٿم پر اڃان نه ڇپيو آهي. هي اوهان ڏانهن ڦوٽو موڪليان ٿو. ٻيلي عوامي آواز ڏانهن موڪليو ۽ اطلاع ڪندا ته ڪڏهن روانو ڪيو اٿو جيئن ان آچر تي عوامي آواز جو انتظار ڪريان.

اسان جا دوست ڪنڊيارو مان هفتيوار ”سنڌ سڏار“ جاري ڪري رهيا آهن جنهن ۾ مان ٻارڙن جو صفحو رکرايو اٿم. ان لاءِ اوهان يا اوهان جي دوستن جو ٻاراڻو مواد هوندو ته هلائيندا سين.

ٻالڪ ادبي فورم جهول پاران ”جشن لطيف“ لاءِ دوست ڪنڊيارو ڪارڊ ڪڍي آيا هئا. ڪنڊيارو جو مشهور ٻالڪ ڊبيٽر حافظ عبدالحئي ميمڻ کي پروگرام ۾ شرڪت لاءِ دعوت ڏيڻ آيا هئا. پوءِ ان پروگرام ۾ مان نه وڃي سگھيس. پروگرام تمام بهترين ٿيو هو. ٻارڙن موٽي اچي حال احوال ڏنا. وڌيڪ اوهان سنڌ سرهاڻ ۾ پڙهيو هوندو. ٻيو سڀ خير.

اوهان جي حال جو انتظار رهندو.

منظور ابڙو ڪنڊيارو

(47)

گهوٽڪي

23_05_1998

پيارا ساٿي، مسٽر عيسيٰ ميمڻ!

سلام!

ڀائي جان! مون کي اُن وقت تمام گهڻي خوشي ٿي جڏهن اوهان جو خط پڙهي. اوهان جي جذبن کان آگاهه ٿيس. سنڌ جي تمام نئين نسل، جيڪڏهن اوهان جيان باصلاحيت، ذي شعور، ذميوار ۽ فرض شناس هجي ته ڪُو به سندس استحصال نه ڪري سگهي.

ادل، مان اوهان کي مبارڪ ٿو ڏيان جو اوهان شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي هٿن سان جوڙيل تنظيم جا همدرد ٿي رهيا آهيو اُميد اٿم ته اوهان هن انقلابي سٿ جا سرويچ ساٿي ثابت ٿيندا.

ڀائي جان! مان اوهان ڏانهن ميمبرشپ فارم ۽ منشور موڪلي رهيو آهيان، فارم ڀري مون ڏانهن موڪليو ۽ منشور پاڻ به پڙهو ۽ پنهنجي ٻين دوستن کي به پڙهايو ۽ ڪين تنظيم ۾ شموليت جي دعوت ڏيو.

فوٽو نه هجڻ جي صورت ۾ فارم بغير فوٽو جي به ڀري موڪلي سگهو ٿا ۽ وڌيڪ فارم گهرجن ته خط لکي گهرايو يا انهي فارم جي فوٽو ڪاپي به ڪم آڻي سگهو ٿا.

وڌيڪ حال احوال ٻي خط ۾، تيسيتائين اجازت ڏيندا، زياده خير!

اوهان جو خيرانديش ساٿي

اسد پتافي

مرڪزي آرگنائيزر

سنڌ پيپلز ٻارڙا سنگت، سنڌ.

(48)

كراچي

21_04_1998

پيارا ساٿي! محمد عيسيٰ ميمڻ

اميد تہ خوش هوندا.

پيارا! توهان جاڳو ٻارڙا ۾ اشتهار تہ پڙهيو هوندو. انهيءَ اشتهار جي روشني ۾ پاڻ جاڳو ٻارڙا ڪچهري ڪري رهيا آهيون توهان 9 اپريل تي ڏوڪريءَ ۾ ڪوئايل ادبي ڪچهري لاءِ سرگرمي تيز ڪيو. ٻالڪ ادب تخليق ڪندڙ تر جي سمورن ادبي ۽ شاعرن دوستن کي اطلاع ڏيو جيڪي توهان کان يا جن کان توهان ناراض هجو تن کي بہ دعوت ڏيو. هن ڪچهري کي ڪامياب بڻائڻ توهان جو فرض آهي.

مون کي اميد آهي تہ توهان پاڻ تي سونپيل ڪم بهتر نموني سرانجام ڏيندا ۽ ان ۾ ڪا بہ ڪوتاهي نہ ڪندا. توهان جي خيال ۾ جي ڪي همراهہ اناپرست آهن ۽ ڪچهري ۾ رڪاوٽ بڻبا تن کي پلي دعوت نہ ڏيو. آءٌ توهان ڏانهن ڪچهري جا دعوت نامہ بہ موڪلي رهيو آهيان جيڪي اديب ۽ شاعر ساٿين کي ڏيو.

ڀاءُ منير سومري ۽ ضامن هيسباڻيءَ کي بہ چئجو تہ هو پنهنجو فرض پورو ڪن ۽ هن گڏجاڻيءَ کي ڪامياب بڻائن.

آءٌ پوري 10 وڳي صبح جو نائين اپريل تي توهان جي دوڪان تي پهچي ويندس. ٽائيم جي پابندي ڪندا چو تہ ان ڏينهن تي مون کي ٻيا ڪم بہ آهن. خط ملڻ کان پوءِ جلدي ڪراچي ”جاڳو“ آفيس تي مون سان رابطو ڪندا. آءٌ توهان کي آفيس ۾ صبح جو 12 وڳي کان شام جو 5 وڳي تائين فون نمبر تي ملي سگهندس. فون 212348 ڪراچي. سدائين گڏ.

سچ سلامت. ساٿ سلامت.

محمد رفيع لغاري

(49)

نصير آباد
19_06_1999

پيارا ادل عيسيٰ ميمڻ
اميد تہ خوش هوندا.
جيئي انسان.

توهان جو سنيهو مليو. پڙهڻ کان پوءِ تمام گهڻي سُرهائي ٿي. جيڪڏهن آءٌ ائين چوان تہ توهان ڪافي عرصي کان پوءِ ياد ڪيو آهي تہ توهان جو کهڙو جواب هوندو. بهرحال مون کي توهان جهڙا پيارا ۽ مخلص ساٿي هميشہ ياد هوندا آهن.

توهان جهڙي نموني ”ٻارڙا مئگزين“ شايع ڪرڻ جي همت افزائي ڪرائي آهي تنهن لاءِ آءٌ توهان جو ٿورائتو آهيان. مون کي اميد آهي تہ توهان رڳو لفظي ”هام“ نہ هڻئي آهي پر توهان عملن ۾ بہ ساٿ نڀائيندا.

پيارا، اسين رڳو کائڻ لاءِ پيدا نہ ٿيا آهيون پر اسان جي جياپي جو مقصد ٻين لاءِ جيئڻ آهي ۽ نہ رڳو ٻين لاءِ جيئڻ پر ٻين لاءِ ڪجهہ ڪرڻ بہ آهي. اسان جو لکڻ ۽ پڙهڻ سڀ هن سماج کي سڌارڻ ۽ ناهڻ آهي.

ادل! زندگي عظيم مقصدن کان سواءِ اڻپوري ۽ واهيات آهي. ان کي زندگي چوڻ بہ فضول آهي اچو تہ پنهنجي سمورين صلاحيتن کي عظيم مقصدن لاءِ ارپي ڇڏيون.

هر گهڙي هر پل اوهان جو
محمد رفيع لغاري

(50)

نصير آباد
15_11_1995

کل مُک ۾ پر خلوص رهو.
(سقراط)

پيارا ادل عيسيٰ
جيئي انسان
اميد تہ سَرها هوندا.

اج اوهان جو سنيهو مليو. پڙهيم توهان خط لکي مون کي ياد ڪيو. تنهن لاءِ آءٌ توهان جو ٿورائتو آهيان.

پيارا عيسيٰ! ڪڏهن توهان اهو سوچيو آهي تہ آخر اهو ڪهڙو رشتو آهي، جو اسين هڪٻئي لاءِ احترام لائق آهيون؟

ادل عيسيٰ! توهان خط لکي ميار ڏني آهي تہ آءٌ توهان کي ياد نہ ٿو ڪريان ۽ توهان خط نہ ٿا لکو. توهان تہ مون کي "وڏي ماڻهو" جو خطاب بہ ڏيئي ڇڏيو. حقيقت ۾ مون کي ان خطاب تي ڪاوڙ تہ نہ لڳي آهي پر حيرت ضرور ٿي آهي ڇو تہ اهو ڪهڙو ڪارڻ آهي جو آءٌ عيسيٰ جي اڳيان "وڏو ماڻهو" ٿي ويو آهيان. بهرحال ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي.

توهان ٻڌايو توهان جا ڪهڙا حال آهن. توهان جي "ٻارڙا ڪيبن" جا ڪهڙا حال آهن؟ روزگار ٺئي ٿو يا نہ.

عيسيٰ ادل! توهان جنهن تيزي سان ۽ خوش مزاجي ۽ پرخلوص جذبي سان زندگي جو سفر طئي ڪري رهيا آهيون. سو توهان لاءِ وڏو اعزاز آهي.

آءٌ توهان کي صرف ايترو چوندس تہ ڪڏهن بہ تعريف جا محتاج نہ ٿجو. ڇو تہ ڪيترائي تعريف جا ڪوڏيا توهان مٿان تعريف جا پهاڙ ڪِيرائي

توهان کي اَنا جي بيماري ۾ مبتلا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. اصل ۾ تعريف ڪن حالتن ۾ اهڙي ڏيڻ آهي جنهن مان نڪرڻ تمام مشڪل آهي. توهان جيترو لکوٽا ان کان وڌيڪ پڙهو.

- پاڻ ۾ خود اعتمادي پيدا ڪريو.
- پاڻ ۾ هر تڪليف برداشت ڪرڻ جي سگهه پيدا ڪريو.
- نوان دوست ناهيو.
- هن معاشري جي سمورن پهلوئن کي سمجهڻ لاءِ محنت ڪريو.
- مايوسيءَ کي ويجهو اچڻ نه ڏيو.
- پنهنجي غربت تي پشيمان نه ٿيو.

پيارا ادل! زندگي ۾ تمام گهڻا مرحلا ايندا پر هر صورت ۾ پراعتماد رهڻ جي ڪوشش ڪريو.

هن هيٺين چوٽي تي عمل ڪريو. بهتريءَ جي اميد رکو ۽ بدترين لاءِ تيار رهو.

سچ سلامت ساٿ سلامت.

اوهان جو ادا

محمد رفيع لغاري

(51)

خيرپور ناٿن شاهہ
14_11_1999

نهايت ئي پيارا سڄڻ عيسيٰ ميمڻ.

اميد تہ سرهو هوندين.

دوست اسان جيڪي بہ لطيف فن سان واڳيل آهيون (خاص ڪري اسان شاعر / اديب) نہ رڳي لطيف فن سان واڳيل آهيون پر ائين هڪٻئي سان بہ واڳيل آهيون. جنهن ڪري ئي هڪٻئي ڏانهن ڇڪ رکون ٿا. اها ڇڪ جنهن ۾ سڪ آهي. ان ڪري اسين هڪٻئي کي پيارا بہ آهيون. اسان جي هن وقت تائين چاهي جو هڪ ٻئي سان روبرو ملاقات نہ ٿي آهي تہ ڇا اسين هڪٻئي جا دوست ناهيون ڇا؟ اسين هڪٻئي جا دوست آهيون. تون منهنجي لاءِ ٿڌا مٺا ۽ پيارا جذبا رکين ٿو. تہ ڇا منهنجي تنهنجي طرف انسيت نہ هوندي؟! ڪيئن نہ هوندي؟

تو دير سان ئي صحيح خط جو جواب تہ ڏنو آهي. مون کي بهرحال اوهان جي خط ۽ رسالي جو اوسيئڙو هيو. رسالو نٺو اچي. رسالي آڻڻ لاءِ جيڪا پئسن جي ڊونيٽ ٿي هوندي، اهي پئسہ گم ٿي ويا. ڏک جي خبر آهي. پر وري هڪ دفعو ڪوشش ڪريو. ڦڙي ڦڙي تلاءُ آ. پاڻ ۾ جيڪي سوبر قسم جا دوست آهيون ڪوشش ڪريو. ٿي سگهي شوق جو پورائو ٿي وڃي. جي اُن ڪوشش ۾ توهان ڪامياب وڃو ٿا نيڪ آهي، توهان پلي ڪهاڻي رکي ڇڏيو. پر جي نہ تہ اها پوءِ پلي پهرين فرصت ۾ ئي موڪلي ڏيو ۽ ها توهان کي اها ڪهاڻي ڪيئن لڳي: ان کي توهان ڪيئن ڏٺو ڇا پنهنجي اُن راءِ کان آگاهہ نہ ڪندئو؟ راءِ اها ناهي تہ سٺي لڳي يا خراب. راءِ اها آهي تہ اُن تي صفحي ڏيڍ جيترو تبصرو هجي. جيڪڏهن ڪو اُن کي ڇپرائڻ چاهي تہ ڇپرائي سگهي ٿو. ائين جيئن ”پاڇي“ ڪتاب ۾

مشتاق جو ڪجهہ ڪهاڻين تي تبصرو آهي. تو پاڇي تہ پڙهيو هوندو. جي نہ تہ وفا صالح راڄپر وٽ اٿئي. اُن کان اِهو ڪتاب وٺي، اُن تان گائيڊ لائين وٺ.

مان هاڻي انتظار ڪندس تہ تون اها ڪهاڻي تبصري سان گڏ ڪڏهن ٿو موڪلي ڏين.

الله واهي

تنهنجو پنهنجو

ذوالفقار گاڏهي

(52)

باڊهه

20_12_2006

منهنجا پيارا عيسيٰ!

جن ڏينهن کان ننگر چنو سنڌ ڏرتيءَ سان محبت ڪرڻ جي ڏوهه ۾ سنڌ ڏرتيءَ ۾ جيئري پوريو ويو آ، تڏهن کان منهنجي مَنَ ۾ هڪڙي آنڌ مانڌ رهي آهي ته ڪير اهو خال ڀري سگهندو؟! آنءُ ڪنهن سان اُها قلمي دوستي رکان جيڪا ننگر سان هوندي هئم؟ چاڪاڻ ته جانيٰ! خط به ماڻهوءَ جي سوانح عمريءَ جو هڪ باب هوندا آهن. نه رڳو خط لکڻ هڪ فن آهي پر بهتر خطن کي سنڀالي رکڻ به هڪ فن آهي يا ائين چئجي ته ڪن خاص موقعن تي اهو ڪم جهاد ۽ زبردست قسم جي ادبي خدمت جو مقام ماڻي وني ٿو.

گهڻي سوچ وِيچار کان پوءِ مون کي لڳو ته شايد تون هڪ بهتر چينل هوندين. منهنجي لکڻين ۾ ڪٿي ڪٿي مزاح جو حس ۽ بي تڪلفي نمايان ٿي پوندي آهي جنهن لاءِ آنءُ معذرت ٿو ڪريان.

مون کي اندازو آهي ته تون هڪ مُنجهيل، ڏُکي ۽ هڻ — هڻان واري زندگي پيو گهارين ۽ لڳ ڀڳ ساڳيو ئي حال منهنجو به آهي يا وري ائين ڪٿي چئجي ته اجوڪي سنڌي اديب يا سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت رکندڙ فردن جو اهو گڏيل مسئلو آهي. ان ڪري ذاتيات، پنهنجون رام ڪهاڻيون ٻڌائڻ يا پاڻ پڏائڻ وارن جذبن کي پاسي تي رکندي اسان کي علمي موضوعن کي ڇُهڻ گهرجي، جيتوڻيڪ انهن موضوعن تي بحث ڪندي اسان جي پنهنجي ذات به ڳالهائجي ويندي چاڪاڻ ته فرد ۽ معاشري جو ڪردار جُزءِ ڪُل وارو آهي ۽ جهڙي طرح اِهي ٻئي اڪيلي سِر نه سونهندا آهن ائين ئي اسان جو معاملو به آهي پر مان ڀانيان ٿو ته

اسان جي حيثيت اعرابن واري هئڻ گهرجي. نہ ڪي نُقطن واري. تنهن جي لاءِ اِها ڳالهہ شايد حيرتناڪ نہ هجي پر مون ڪي تہ ان وڏي عجب ۾ وجهي ڇڏيو تہ ليو ٽالسٽائي پنهنجو جڳ مشهور ناول War and Peace ڪي گهٽ ۾ گهٽ ٽيهہ ڀيرا Rewrite ڪيو هئو!!.

عيسيٰ! سچ پڇين تہ منهنجو وات ئي گودو ٿي ويو هئو جڏهن مون ڪي اها خبر پئي! يار! اِهي ماڻهو هئا يا مجسما! جن منجهان ڪم جان ڇڏائڻ چاهيندو هئو. منهنجو پنهنجو تجربو اِهو آهي تہ پنهنجي تخليق ڪي بار بار فيئر ڪرڻ دنيا جو هڪ ڏکيو ڪم آهي ۽ اهو بہ ٿي هزار صفحن جي ناول ڪي ٽيهہ ڀيرا فيئر ڪرڻ!

تنهنجي لاءِ شايد اها نئين ڳالهہ نہ هجي تہ عدم تشدد جي نظريئي جو باني سمجهيو ويندڙ مهاتما گانڌي نہ رڳو روحاني طور ٽالسٽائي جو شاگرد هئو پر ناتال (ڏکڻ آفريقا) ۾ هوندي ڇئن سالن تائين ٽالسٽائي سان گانڌيءَ جي خط پَٽَ لکڻ جي ڪري سندس عدم تشدد جو فڪر سرجندو رهيو.

پيارا! گانڌي ۽ ٽالسٽائي جي ذڪر ڪان هي خط انتشار جو شڪار نظر اچي ٿو چاڪاڻ تہ اِتان ڪان مان پاڻ ذهني انتشار جو شڪار ٿي پيو آهيان چاڪاڻ تہ منهنجي پيِن منهنجو ساٿ ڇڏي وئي آهي. ان ڪري اتي ختم ڪريون ٿا في الحال.

تنهنجو

اثر امام

(53)

ڄامشورو

25_11_2007

محترم عيسيٰ ميمڻ!

خوشيءَ جي جهوليءَ ۾ لڏندا هوندئو. عيسيٰ اڄ گھڻي مدت کان پوءِ مان توهان ڏانهن خط لکي رهيو آهيان. شايد انهيءَ ڪري جو اڄ مان فائيلس (Files) ۾ ڪاغذ ڳولهيان پيو تہ پھريان اوهان جا محبت سان لکيل خط منهنجي سامهون سرخ گلابن جيان پيل نظر آيا. هيانءُ پرجي آيو ۽ دل سٽ کاڌي تہ انهن خطن کي ورائي پڙهي سندن مان محبت جو مناس وٺان ۽ ايئن ئي ٻين خيالن کي مروڙي سروڙي پھريان اوهان جي اُڪير ۾ پيپر تي نقش ٿيل لفظ ڀڪي ڀڪي پڙهي ورتا.

خط پڙهڻ کان پوءِ عجيب ڳالھ اها تہ مون کي احساس ٿيو تہ دوست جيڪو پائرن جھڙو پيارو ۽ پنهنجي خوبصورت لفظن ۾ سچ کي اڇي پيپر تي اتاري مون کي سدائين پاڻ سجاڳ ۽ سماج جي ڀلائيءَ ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ اڳتي وڌڻ جو اتساھ ڏنو آهي، پر مان، انهيءَ دوست کي وساري ويٺو آهيان. ان تي مون کي پاڻ تي نہ صرف افسوس آهي پر تمام گھڻو لڄي بہ آهيان.

عيسيٰ اڄ کان بہ ڏينهن پوءِ منهنجو پيپر آهي جنهن جي تياري ڪيان ٿو ۽ ان کان اڳ بہ هڪ پيپر نالي (News Writing) جو ٿي ويو آهي جيڪو پڻ سٺو ٿيو. منهنجو آخري پيپر 20 ڊسمبر تي آهي تيستائين تہ پاڻ نہ ملي سگھنداسين پر هن خط ذريعي اسان هڪ ٻئي سان احساس ۽ خوشيون تہ ونڊي سگھون ٿا.

عيسيٰ، انسان ايترو مطلب پرست يا خوددار ڇو ٿيندو پيو وڃي ۽ پنهنجي هڪ روپئي جي فائدي ڪري ٻين جي پنجن روپين کي نقصان پھچائڻ

سندس کي هچڪ بہ نہ ٿي اچي. ڇا واقعي انسان ازل کان ائين رهيو آهي ۽ ابد تائين ائين ئي رهندو؟ جيڪڏهن اهو سلسلو ائين رهندو تہ ڇا عيسيٰ ميمڻ!، جيڪو حضرت عيسيٰ مسيح جو تسلسل آهي، اهو حضرت عيسيٰ جي عدم تشدد ۽ ماڻهن جي ذهني تبديليءَ ۽ انهن جي ڀلائي واري وات ڇڏي صرف پنهنجي فائدي لاءِ سوچيندو؟!

عيسيٰ مان اڄ حقيقت ٿو بيان ڪريان تہ (مون کي پل گهڙين ڳالهين جي خبر نہ هجي يا مان صرف هش ۾ خوش هجان) ائين جڏهن هَيانءُ جُهري پوندو آهي. پر گهڙي پَل لاءِ ذهني تارچر جو نشان ٻڌجي ويندو آهيان. اسان سڀ جيڪي هڪ ئي خيال جي ڪڙي آهيون يا هڪ ئي نظريي جا پوئلڳ آهيون تڏهن بہ ڇو اسان هڪ ٻئي جا مخالف آهيون؟

بهرحال هڪ ڏينهن ايندو جنهن ڏينهن تي عيسيٰ، مسيح جي ڀرم کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پنهنجي ماڻهن ۾ سچ جو نعرو بلند ڪندو ۽ انهن ۾ هيڪڙائي جي پرچار ڪندو. ان هجوم ۾ پلي ان عيسيٰ جا دشمن يا مخالف ڇو نہ هجن پر انهن کي بہ سيني سان لائي سندن کي سچ تي بيعت ڪرائيندو!

باقي مان تہ سدائين عيسيٰ جي ڇانوَ ۾ رهڻ چاهيو آهي، اها ڇَانوَ مون کي سانوڻَ جو گهاٽي نِم جي ٿڌي ۽ مني ڇانوَ کان بہ وڌيڪ وڻندڙ ۽ دلڪش لڳندي آهي، پر عيسيٰ جيڪو ٻين کي تہ پنهنجي رهبريءَ جي ڇانوَ ۾ رهڻ ڏيندو آهي پر شايد مون کي سانوڻ جي باهہ مثل سمجهندو آهي جيڪا گهاٽي کان گهاٽي نم کي بہ هميشہ لاءِ ختم ڪري سگهي ٿي. پر مان توهان کي لکي ٿو ڏيان تہ مان باهہ مثل نہ پر هڪ گل جيان آهيان. جيڪو ظالم هٿن ۾ نپوڙي پيگل روڊن ۽ رستن تي سانوڻ جي اس ۾ سڙي ڪپي هميشہ لاءِ انهن ظالمن ماڻهن جي نظرن کان اوجهل ٿي ويندو آهي جنهن جي ڪنهن کي بہ خبر نہ هوندي آهي.

عيسيٰ توهان پنهنجي زندگي جو سفر ڪيئن طئہ ڪيو آهي؟ ان حوالي سان توهان هڪ بردبار ۽ باهمت نوجوان آهيو پر اوهان ۾ جيڪا وڏي خوبصورت ڳالهہ جيڪا نہ صرف منهنجي زندگي گذارڻ لاءِ رستا ۽ فيصلا طئہ ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي، پر هر ان ماڻهوءَ کي بہ انسانيت جي پٽڙيءَ تي آڻي بيهاري ٿي جن جو صرف اوهان جي پاسي مان گذر ٿيو آهي. پر دوست هڪ ڳالهہ اوهان کي بہ سوچڻ گهرجي تہ انهن ماڻهن کي صحيح رستي تي آڻڻ جي ڪوشش ڪندو جيڪي ڪلر جي رڻ ۾ رُلي ويا آهن ۽ سندن جي ذهنن تي صرف ڪلراٺي مٽي ڄمي وئي آهي!

هت سڄي سنگت خوش آهي جن سان ڪچهريون بہ ٿينديون رهن ٿيون، ڪڏهن ڪڏهن اوهان کي ڪنهن حوالي تي ياد ضرور ڪندا آهيون جنهن جي ڪري سنگت بہ اوهان سان ملڻ جي خواهش تي ڏيکاري پئي. جيڪڏهن هن وقت ملي ونجي يا حيدرآباد اچڻ ٿئي تہ اسان کي پنهنجو ديدار ضرور ڪرائجو. ڏوڪري جي سنگت کي گهڻي ڪان گهڻا سلام. اوهان لاءِ نيڪ تمنائون.

اوهان جو پنهنجو

منصور رمضان عباسي

(54)

چامشورو

14_11_2003

السلام عليڪم!

هونئن تہ ٻڌو آهي تہ ياڻي بنگال جو جادو مشهور آهي. ادا ڪهڙو جادو؟ بنگال جو ڪارو جادو، جواب ۾ چوندا آهن تہ شايد حضرت نوح جي دور ۾ (يا ڪنهن ٻئي نبي جي دور ۾) خدا جبرئيل کي هيٺ موڪليو تہ انهن ماڻهن جي پرک ڪري اچ. جبرئيل هڪ ننڍڙي ٻار کان پڇيو "ٻڌاءِ جبرئيل ڪٿي آهي؟" "مان جي نظر 7 آسمان ڦاڙي لنگهي وئي پر جبرئيل نظر نہ آيو. منهنجي نظر زمين جا سڀ تهہ ڦاڙي جاچي جوچي موٽي آئي پر جبرئيل نظر نہ آيو. هاڻي يا تہ تون جبرئيل آهين يا مان! ننڍڙي جواب ڏِنس.

عيسيٰ، هن معصوم تہ شڪ ۾ چيو تہ "يا تون جبرئيل آهين يا مان" پر مون کي پڪ آهي تہ "مون ۾ آهين تون....!" سو مان توکي ڪيئن ٿو وساري سگهان نہ مون کي مشيني ڪارخانو هلائڻو آهي ۽ نہ مان ڪو روبوٽ آهيان، مان هڪ جيئري جاڳندي جان آهيان ۽ مون کان يا منهنجي Memory مان تنهنجي Data ڪڏهن بہ خارج نہ ٿي، ٿي سگهي. ها خارج ٿئي ها البتہ مان جڏهن روبوٽ هجان هان!

ها ها.... ڪل ڙي، عيسيٰ، ڪل Very Good يعني ڀيهر، ڪِلُ بس يا ڀئي ٿي زندگي گذري، مهيني سوا کان مدٿرم جي لَٽ لڳي پئي هئي جيڪا خير سان 10 نومبر تي پڄاڻي تي پهتا، حقيقت پڇين ڊيلي روٽن ۾ ايترا مصروف آهيون جو پنهنجون گنجيون ۽ جوراب بہ نہ ٿا ڌوئي سگهون، اهو بہ هفتي ۾ هڪ دفعو.

هن دفعي ڪجھ ججها ڪتاب خريديا اٿم، جنهن مان فقط 3 ئي پڙهي سگهيو آهيان، باقي ٻيا ڳوٺ پڙهي سگهندس. ها، راشد قاضي ۽ علي بخش جا ڪهڙا حال آهن. يا هڪ ڳالھ سمجھ ۾ نہ ٿي اچي تہ اڄ ڏينهن تائين يعني سال اچي پورو ٿيو مگر علي بخش ڪڏهن بہ ٻہ سٽون نہ لکيون آهن، ڇا جي ڪري؟ آيا ايترو تہ مصروف آهي يا ڪجھ ٻيو چڪر آ....!؟ زندگي ۾ لاها چاڙها ايندا رهندا آهن پر ايترا وڏا لاها چاڙها، انسان کي بلڪل ٽڪائي ماريندا آهن. هاڻي تون مون جهڙو نفيس ماڻهو ڇا نہ ٿو ٽڪجي سگهي؟ اهو ساڳيو سوال مناسب سمجهين تہ علي بخش کان بہ ڪجانءِ. سپاهي تہ رهيو ئي سپاهي يا سڌريو بہ آهي؟

باقي YES جون ڪاميابيون ڏسي، بيحد خوشي ٿي آهي، مون کي پڪ آهي تہ اوهان نامعقول تنقيد نگارن جي تنقيد تي قطعي بہ غور نہ ڪندا هوندا ڇو تہ انهن جون تنقيد براءِ تنقيد ڪرڻ هڪ ڏنڊو يا عادت بڻجي وئي آهي. پنهنجي ابي کي گهڻي کان گهڻا سلام ۽ منهنجي پاران پيرن تي هٿ. طبيعت ڪيئن اٿس؟ اميد تہ ٺيڪ هوندو. باقي صيفي جا حال احوال روبرو اوريندا سين.

طفيل سوهو کي سلام ۽ سندس جا لک لائق جو ڪڏهن تہ ياد ڪيائين.

تنهنجو پنهنجو

**ارشد نواب ميراڻي**

(55)

لاهور

01_02_2002

محترم پائرن وانگر پيارا عيسيٰ

السلام عليڪم، نمشڪار

اج تنهنجو پريم پتر مليو پڙهي بيحد خوشي ٿي ۽ آئون دور ڪي دهرائڻ لڳم. جيڪو اسين گڏ گڏ گذاريو اُهي ڪچهري جا ڏينهن هميشه ياد رهندا. هن دفعي آئون گهڻو ڪجهه ڪرڻ آيو هيم. پر الائي ڇو يار آئون نه ڪري سگهيم. وقت ائين گذري ويو جو سوچڻ جو وقت به نه مليو. مون کي نه ٿو لڳي ته ڪو آئون ٻوٽ ۾ به آيو هيم. ڪي پل ويهي دوستن سان ڪچهريون به ڪيون هيون. بس ائين ٿو محسوس ڪيان جيئن ڪي صديون آئون مالڪن ۽ دوستن کان دور هجان.

پر چوندا آهن ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه وڃائڻو به پوندو آهي بس ان ڪوٽيشن کي دهرائي مات ڪري ويهندو آهيان. هن دفعي گهڻو توسان ڳالهائڻو هيو ۽ گهڻيون ڳالهيون شيئر ڪرڻيون هيون. طفيل سان به، پر نه ئي طفيل سان شيئر ڪري سگهيم ۽ نه ئي توسان.

دوست ته منهنجا گهڻا آهن پر الائي ڇو جيترو وقت آئون تو سان ڳالهيون ڪرڻ ۾ گذاريندو آهيان اهو بلڪل ٿورو هوندو آهي. جيڏي مهل به آئون ڪا ڳالهه طفيل سان ڪرڻ چاهيم منهنجي زبان کي چپ جو تالو پيو لڳي وڃي ۽ آئون انهن رنڊڪن Resistances کي پار نه پيو ڪري سگهان.

يار عيسيٰ، آئون پنهنجي لائيف کي تبديل ڪرڻ ٿو چاهيان. پر الائي ڇو آئون Changeable نه ٿو ٿي سگهان. ان رات مطلب آخري رات جيڪا گڏ گذاريسين. يقين ڪر! منهنجي زندگي جي شايد اُها انمول رات آهي.

مان هميشہ دوستن کي چوندو آهيان مون کي Critisize ڪيو مون کي منهنجون غلطيون ٻڌايو. ان رات واقعي گهڻيون خوشيون ماڻي لاهور لاءِ روانو ٿيم. مون کي يقين آهي تہ ٻي رات توهين سڀ منهنجي ڳالهين کي دهرايو هوندو. اڄ هر ڪو چوندو هوندو تہ عرفان ۾ هيءَ خامي هئي. هيءَ تنقيد هيس. پهريان جڏهن توهان سوالن جو سلسلو شروع ڪيو تہ دل دڙڪڻ لڳي متان ڪو ادبي سوال ڪن. پر آءٌ ان رات سڀني سوالن جا جواب دل جي گهراين سان توهان جي آڏو پيش ڪيان پيو. واقعي عيسيٰ آءٌ تمام گهڻو سيريس ٿي ويو هيم.

صبح جو ساجهر گهر کان نڪرندي طفيل جي دوڪان تي پهتم ۽ سوچي آيو هيم تہ طفيل کي هي سڀ ڪجهہ چوڻو آهي پر آءٌ ان کي ڪجهہ بہ چئي نہ سگهيم ۽ موڪلائڻ جو وقت ٿي ويو ۽ آءٌ طفيل ۽ ڪامران سان موڪلائي سڌو بس تي اچي چڙهيم. گهر وارن سان موڪلائڻ جو ٽائيم جو ٿيو. سڄي گهر جو ماحول خاموشي جي وَر چڙهي ويو هيو. ڀائو وارا ننڍ مان اُٿي کڙيا ٿيا. بابي کان پهريان موڪلايو هيم ڇو جو هو ٻني تي وڃڻ لاءِ تيار هيو. پهريون پهريون ڏاڏيءَ کان موڪلايم هميشہ وانگر هن دفعي چيائين "الله خير سان توکي تنهنجي مقصد سان ماڻي" منهنجا پرديسي پٽ. انهن لفظن رهندو اندر جهوري ڏاري وڌو. پوءِ اَمان سان ۽ ٻين گهر وارن سان موڪلايم. گهر جو ماحول ائين ٿي ويو جيئن آءٌ پهريون دفعو ڪو گهر کان ٻاهر ٿو وڃان. آخر ۾ امان ڪجهہ منيون ڏنيون. موڪلائڻ لاءِ اُٿي عجيب وقت هو!

هوڏانهن اَمان روئي ٿي ۽ مون کي چئي ٿي "الله خير سان پهچائيندءِ" دل هن دفعي مطمئن نہ پي ٿئي تہ ڪو گهر کي ڇڏيان پر نيٺ وقت پنهنجو پاڻ مجرايو ۽ پنهنجي منزل ڏانهن هلڻ لڳس. روهڙي اسٽيشن تي پهتم ۽ خير سان گاڏي هلڻ لڳي ۽ پنهنجي دل کي آٿت ڏيندو. سيٽ تي وڃي

ويهي رهيم. ٽرين جي دري مان روهڙي شهر کي الوداع ڪندو رهيم. مون کان پوءِ ڊاڪٽر غفار منگي جا ڪهڙا حال آهن، ڪيئن ٿو وقت گذاري. اسان جي ياد اچيس ٿي يا نه! ڏوڪري ۾ اجان رهيو پيو آهي يا الوداع ڪري ويو. محمد وريل جي گهر جا ڪهڙا حال آهن. ڪيئن ٿو وقت گذاري. تنگ ته نه ڪندو آهينس. منهنجا سلام ڏيندو ڪرينس. وڏيڪ سڄي سنگت کي سلام ۽ پياري ارشد ميراڻيءَ کان وٺي پڳت تائين سڀني کي سلام

تنهنجو پنهنجو

**عرفان موريو**

(56)

لاهور

08_03_2002

ڊيئر عيسيٰ ميمڻ!

السلام عليڪم يا علي مدد، نمشڪار، جيو هزار برس
God Bless You

ڪافي عرصي مطلب ڪافي ڏينهن کان تنهنجي ياد تڙپائيندي رهي آهي. ان ڪري سوچيم تو ڏي چو نه دوستي نامون لکان. اميد آ ته قبول، پوندو. ڊيئر: معنيٰ اسان جا ٻئي جهان تنهنجي وس آهر آهن. سو مهرباني ڪري، خدا کي پارت ڪري اسان کي دوزخ ۾ جڳهه ڏي. عيسيٰ منهنجي خيال ۾ ته اجا تائين توکي پينٽ پاتل هوندي ۽ اهيا ڳني شرٽ يار مون کي افسوس آ جو آءٌ پنهنجو واعدو نڀائي نه سگهيم. اهو ان ڪري جو ڪافي پريشانيون هيون جنهن ڪري هن دفعي آءٌ ڳوٺان ڪٽي لاهور لاءِ روانو ٿيان پيو. ان ڪري آءٌ معذرت ٿو گهران. پيو ته يا منهنجي پيڪنگ ٿي ويئي هتي. بهرحال تون فڪر نه ڪر آءٌ هن دفعي ضرور توکي شرٽ ڏيندس.

ٻيو عيد تي جيڪي ڦوٽو ڪيرايا هياسين مطلب ادبي سنگت ۾. ۽ ها ياد اٿئي نه پروگرام جنهن جي سيٽنگ موئن دڙي جي کبڙن ۾ پهريون هئي پوءِ وچي سيڪريٽري کي دبڙاٽ ڪيڌي نيٺ ميدان تي پروگرام کي هيلڊ ڪرايو. ان ميدان تي جتي سڀ ميمبر سڀ عهديدار هڪ هئا. جتي ڊانسون ٿيون هيون جتي محفل ۽ مشاعرو ٿيو هيو منهنجي خيال ۾ توکي ياد اچي ويون هونديون. مان ان تصويرن جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان جيڪي حاڪم منگريي ڪيڍيون هيون.

ڊيئر اسان هتي سينڊ اپ شروع ٿي ويا آهن ۽ هن مهل تائين مطلب اڄ تائين 3 پيپر ٿيا آهن. جن مان ٻه سٺا ٿيا آهن باقي هڪڙو ايڏو خاص نه ٿيو آهي. اهو ان ڪري جو تياري جو وقت نه مليو سگهيو جيڪو پهريون پيپر هيو. باقي ٻئي سٺا پيپر ٿيا آهن. اڪنامڪس جو به سٺو ٿي ويو آهي.

تون ٻڌاءِ ڪا ڏوڪري جي تازه ترين خبر چار. طفيل سوهو سان ڪچهريون ٿين ٿيون. يار جيڪو مسئلو مان توکي ٻڌايو هيم ڪافي حل ٿي ويو آهي. اڃان تائين جڳهه شفٽ نه ڪئي آهي. بهرحال پيپرن کان بعد ۾ مطلب مهيني جي اندر ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڪنداسين. يار آءٌ معافي ٿو گهران ڇو جو آءٌ هن ليٽر کي ان ڏينهن پوسٽ نه ڪري سگهيس اهو ان ڪري جو ڪافي مصروفيت هئي پيپرن جي ڪري اڄ به پيپر ڏيئي. ذهن ۾ اهو خيال رکي ته ليٽر ضرور پوسٽ ڪرڻو آهي سو هاڻي پوسٽ ڪيان پيو. اميد آهي ته پنهنجن نازڪ ۽ ڪنڙن هٿن ۾ هن مهل ليٽر تنهنجي گنهگار اکيون پڙهڻ ۾ مصروف ٿي ويون هونديون.

عرفان موريو

لاهوري

(57)

لاهور
17_05_2002

ڊيئر محمد عيسيٰ!
آداب عرض آ.

تنهنجو خط مليو ڏاڍي خوشي ٿي ڇو جو آءٌ اڃان تائين توکي ياد آهيان. ائين نہ اڙي شرم ڪريو پرديسين سان اهڙي مذاق نہ ڪبي آهي، بهرحال چڱو ٿيو جو (You are fall in love) وڏيڪ خدا بهتر ڪندو. ماءِ ڊيئر، آءٌ ڪڏهن ڀڌو آهي ۽ ڪافي ڪهاڻيون بہ پڙهيون آهن ان ٽاپڪ تي پر مون کي سمجهہ ۾ نہ آيون آهن. ٿي سگهي ٿو ان ڪري جو مان عشق اڃان تائين نہ ڪيو آهي. اڃان تائين مان ڪنهن عورت جي نگاهن جو نشانو نہ بڻيو آهيان. وڏيڪ خدا کي پارٽ آهي جيڪڏهن تون واقعي Real Love ۾ آهين تہ پوءِ ڊاڪٽر عنايت مگسي اهو توکي نفسيات جو ليڪچر ڏيندو ۽ تون پنهنجا هوش حواس ساڳئي ڪنڊيشن ۾ پائيندين. باقي يار آءٌ عشق نہ ڪيو آهي جو آءٌ توکي ان باهہ کان بچائي سگهان پر ايترو ضرور چوندس تہ زندگي جو حصو آهي. پر ها ڪڏهن چري ٽيڻ جو سوچجان بہ نہ اڳ ۾ ئي ڪافي ڏوڪري ۾ موجود آهن.

پيپر تنهنجا ڪيئن ٿا ٿين. جيڪڏهن تو عشق پيپرن جي هوندي ڪيو آهي تہ مون کي يقين آ تہ منا پيپر تنهنجا نہ ٿيا هوندا. عورت آهي ئي اهڙي شيءِ جنهن اسان جي ڏاڏي آدم کي پٽڙي تان کسڪايو تہ ”اسين کس باغ کي مولي هين“. ٻين دوستن جا پيپر ڪيئن ٿيا. خاص طور تي راشد قاضي، ارشد ميراڻي، موٽو (امام بخش ڀٽ)، بوسي جو نهيل، ان جو بہ خط مليو. بدي ۾ آءٌ خط لکيو اٿمانس ڏاڍيون گاريون لکيون اٿمانس. وڏيڪ تون خود ان سان ملجانءِ، عشق جي باري ۾ صلاح وٺڻي اٿئي تہ پوءِ

طفيل سان چو نہ ملين اهو تہ اسان جو استاد آهي. اسان وري بي سينڊ اپ جُون جي آخري تاريخن ۾ آهن خدا بهتر ڪندو. ان ڪان اڳ ۾ ڪو بہ پروگرام نہ آهي اچڻ جو. باقي خطن جو سلسلو جاري رهندو. پيپرن ڪان بعد ۾ ڇا پيو ڪرين؟ وڌيڪ خير، سڄي سنگت کي سلام.

عرفان موريو

(58)

وڏي وهڻي

27_11_1999

عيسيٰ ميمڻ!

سدائين سنڌ جي محبت ۾ مدهوش رهين!!

شايد آءٌ هن پيپري ڏوڪريءَ نہ اچي سگهان. جيڪڏهن اچڻ بہ ٿئي تہ اوهان سان نہ ملي سگهان. اَن لئہ جيترو بہ جلد ٿي سگهئي تہ ذلفيءَ کي پيمنٽ ڏيندا ضروري ناهي تہ تون اچ ئي ڏينس. بڻ ڏوڪري تعلقي ۾ جيڪي ٻاراٽو ادب لکن ٿا انهن سيني ۾ تون نہ رڳو ميچوئر آهين، پر ذهني طرح وڏيڪ بالغ بہ آهين توکي اديب دوست وجائڻ نہ پر ناهڻ گهرجن تو ان ڏينهن منظار لئہ جيڪي ريمارڪس ڏنا. اُهي مون کي سٺا نہ لڳا. منظار تي تنقيد ڪرڻ لئہ توکي حق آهي پر تنقيد جا بہ ڪي اصول هوندا آهن تون نہ ٿو ڄاڻين تہ آءٌ منظار کي ڪيڏي شدت سان چاهيندو آهيان. رڳو آءٌ منظار کي شدت سان نہ چاهيندو آهيان پر هُو بہ مون کي شدت سان چاهيندو آهي. منهنجي هڪ طبيعت رهي آهي تہ آءٌ جنهن سان پيار ڪندو آهيان تہ بہ شدت سان ۽ جيڪڏهن ڪنهن سان نفرت ڪندو آهيان تہ بہ شدت سان. بهرحال آءٌ گهرائي ۾ وڃڻ نہ ٿو چاهيان. آئينده لئہ منهنجي مُنهن تي منظار لئہ اهڙا ريمارڪس نہ ڏيندو ڪر. جنهن تي ڪنهن جي دل آزاري ٿئي. تون ڀل مرڪز تي منظار کي ووٽ نہ ڪجانءِ هن کي توهان ۾ اميد هئي تہ تون مرڪز تي منظار ۽ مون کي ووٽ ڪندي. آءٌ مرڪز تي جوائنٽ تي بيهندس. اها منظار جي خواهش آهي. کٽڻ هارائڻ ڪم آهي. ضروري ناهي تہ جيڪي شيون مون کي آئڙن ۽ اهي شيون توکي بہ آئڙن. وڌيڪ احوال ڪڏهن روبرو ڪنداسين.

تنهنجو پنهنجو

**”وفا“ صالح راڄپر**

(59)

ڏوڪري

12_10_2004

ڪا سار تہ لهبي آ
رڳو هام نہ هڻبي آ (زخمي)

پيارا، عيسيٰ ميمڻ!
سنڌ موجود

پيارا تنهنجو خط طفيل ڪان معلوم ٿيو ۽ اهيو خط ارشد جهڙي محبوب ساٿي سان گڏ ڪيل ٽرين جي سفر جو مختصر احوال هيو. دوست جنهن سماج مان اسان مس اوپرائپ جو نالو ڪڍي ڪنهن گندي نالي ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو هيو. سو اڄ ڪن ماڻهن جي روپ ۾ ڦوٽهڙو ڪائڻ شروع ٿي ويو آهي. ها دوست جڏهن پهريون درجو پاس ڪري ٻين درجي ۾ پهتو هيس. تڏهن هڪ عجيب و غريب ڳالهہ سامهون آئي هئي ۽ جنهن سان منهن ڏيڻو پيو هيو. اهيا ڳالهہ هيءَ سبق جي پوئين پاسي ڪان خال پريو خانو. توڙي جو اهي خال سبق ۾ موجود هيا. پر سبق ڪي بار بار پڙهڻ ڪان پوءِ بہ خال پرڻ ڏاڍا ڏکيا لڳندا هيا. ها جڏهن ڏوڪري جي نوجوانن جي ٽهيل هڪ قطار ۾ ڪو خال پيو آهي تڏهن ماضي جا سبق ياد ٿا اچن ۽ انهن سبقن جيان هي خال پرڻ بہ مشڪل آهي. دوست اوهان جي وڃڻ ڪان پوءِ ڪنهن ماڻهو چيو تہ ”عيسيٰ جي وڃڻ تي آزاد ڏاڍو خوش ٿيو آهي“. تڏهن اهيا ڳالهہ مون ڪي مذاق لڳي هئي تہ جڏهن ان ماڻهو منهنجي سامهون ڪئي هئي. پر ساڳي ڳالهہ ڪن ٻين ماڻهن ۽ ان ماڻهو اهيا ڳالهہ ٻين سان ڪئي ٻئي يا هر هنڌ پرپٽ ڪئي ۽ انهن اهيا ڳالهہ ماڻهن ڪي ائين چئي ڪئي تہ واقعي هي سچ آهي جرور، عيسيٰ جي وڃڻ ڪان پوءِ خوش آهي. سنڌ جيجل جو قسم آهي مون ڪي ايترو ڏک ٿيو جو

شايد ايترو ڏک مون کي پنهنجي ماءُ مرڻ جو بہ ڪو نہ ٿيو هيو. ماڻهو اَنا جي سمنڊ ۾ گوتا کائي رهيا آهن. جو نڪرن ٿا تہ شفاف ۽ اندر وڃن ٿا تہ ڪاراٽيءَ جهڙا ٿين ٿا. هونئن بہ ڪنهن شاعر سچ چيو آهي.

هر شخص جي چهري جي مٿان
ڪو چهرو چڙهيل آهي.

اسان سيني جڏهن "مان" واري ٻولي وساري، تڏهن سمجهيو اسان "اڄ ڪان" ان وقت ڪان ٽيائي کي سمجهي ورتوسين. اسان جنهن سماج ۾ رهون ٿا اتي جا ماڻهو انا پرستي ۾ غرق ٿي ويا آهن. هتي سچ چوڻ ڏاڍو سولو ٿي پيو آهي. پر سچ ٻڌڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اسان وٽ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي مڃڻ ۽ مڃائڻ لاءِ جدوجهد پيا ڪن. بس خد پرستي بي پاڙي وَل جيان مٿيءَ جي ماڻهو کي وڪوڙي وئي آهي. اوهان پنهنجي مستقبل کي ياد رکندي ڇڏيل ماضي کي بہ ٽيائيءَ جي هن شعر جيان ياد رکجو.

سک نہ ستا ڪڏهن، ڪر ڪٽا لاهي،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو.

باقي هن سماج ۾ رهندڙ ماڻهن جي بي غيرتي، بي ضميري ۽ ڀڙوت تي لکبو تہ ان کي شايد اوهان جذبات سمجهندئو. قسم سنڌ جو تہ اهي ماڻهو قاضي قاضن ۽ نائو مل وارو ڪردار ادا پيا ڪن. جن لاءِ ٻيو ڪجهہ چوڻ مناسب نہ ٿو سمجهان. جتي هجو سکيا هجو. اهي لفظ اسان جي زبان مان نڪرن ٿا. توهان انهن کي دعا سمجهو يا دغا اهيو اوهان تي ڇڏيل آهي. اوهان تہ اسان کان موڪلايو بہ نہ الائي ڇو ۽ ڇا جي ڪري. مون اوهان لاءِ اڳ چيو هيو تہ جي منهنجو ٻيو ڪو محبوب آهي تہ اهيو عيسيٰ آهي.

عاشق محبوب جي وڇوڙي تي خوش ڪونہ ٿيندا آهن. انهن جو من سدائين گڏ رهڻ لاءِ آتو هوندو آهي جي اگر ويندا بہ آهن تہ انهن پرين جي انتظار ۾ هوندا آهن ۽ ان جي نمائندگي ٽيائيءَ هن ريت ٿو ڪري.

سَر نِسريا پانڌ، اتر لڳا آ پرين،
مون تو ڪارڻ ڪانڌ، سهسين سکائون باسيون.

(شاهه)

دوست هتي ماڻهو پاڻ مڃائڻ ۾ مصروف آهن. جن سان اسان جو هلڻ مشڪل آهي. اوهان جي ڪري ڪجهه ماڻهن سان ملڻ ٿيندو هيو. پر اوهان جي وڃڻ کان پوءِ سچ پچو ماڻهن کان نفرت ٿي وئي آهي. يا اسان خود بيڪار ۽ سست ٿي پيا آهيون. بهتر آهي ته سڄو ڏوهه پاڻ ڏانهن ٿا کڻو ته اسان هاڻي اهڙن ماڻهن سان گڏ ان حالت ۾ هلڻ لاءِ بلڪل تيار ناهيون. اگر جي ماڻهن تي لکبو ته سچ پچ مان آزاد پنهنجي سوچ ۽ سمجهه آهر الائي جي ڪيترا پنا پري سگهان ٿو. صرف انهن ماڻهن جون ڳالهيون لکندي. دوست ارشد ميراڻيءَ کي مون چيو هيو ته هاڻي سنڌ يونيورسٽي اچبو. چو جو هڪ بابا جي پگهار جو مسئلو هيو ۽ ٻيو منهنجو خدا منهنجو پهريون محبوب به سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا وٺي رهيو آهي ۽ انهن حيدرآباد ۾ گهر به ورتو آهي. هُن خط لکيو هيو ته هو هاڻي هتي پڙهڻ چاهي ٿي ۽ منهنجو محبوب روز يا ٻين ٽين ڏينهن سنڌ يونيورسٽي ايندو آهي چو جو ان جو پياءُ اتي پڙهي پيو. هاڻي ته ٻيو محبوب (عيسيٰ ميمڻ) به حيدرآباد آهي سو حيدرآباد زندهه آباد.

دوست سنڌي روايت مطابق ارشد نواب کي ڳَلَ ڳرانڙي پائي سلام چئجو ۽ قاسم آباد ڏانهن منهن ڪري حيدرآباد کي آزاد جي اچڻ جو نياپو ڏي ڪا دلجاءِ ڏجو. سنڌ يونيورسٽي جي سونهن پرين، حسن جي ديوئن کي سلام چئجو. ها دوست طفيل سوهو پنهنجي يتيمي تي پاڻ ماتم پيو ڪري پر اوهان به ان گناهه جي ڪم ۾ شريڪ ٿي طفيل سوهو جي يتيمي تي ڪي به چار لڙڪ هارجو ته ڪير ماڳ ۾ مئو ڪڏهن ڪڏهن ته سارجو. طفيل سوهو ۽ ٻي سڄي سنگت جا سلام قبول ڪجو. اوهان ٻنهي ڪافرن کي. سنڌ موجود ساٿ موجود.

دعائن ۾ ياد

**آزاد جروار**

(60)

قمبر
09_05_1998

پيارا دوست!

السلام عليڪم

اسان خيريت سان آهيون ۽ توهان لاءِ بہ ساڳي اميد آهي، احوال تہ توهان جو خط پڙهي دل کي آٿت پهتي ۽ تمام گهڻو ڏک ٿيو. ڇو تہ ادا مان توهان وٽ بہ چڪر آيو آهيان پر ادا توهان کي ڪو بہ خيال نہ ٿيو آهي. يار غلام عباس مون ڏي بہ چڪر آيو آهي پر مان نہ ويو آهيان. توهان جڏهن مون ڏي پهريون خط لکيو هيو تہ توهان لکيو تہ مون کي قمبر اچڻ جو پروگرام ڏيو. اهو پروگرام ڏنو مس تہ بہ نہ آئيو. وري مان توهان ڏي آيس تہ بہ نہ آئيو. وري ٻيهر آيس تہ بہ نہ آئيو. توهان خط ۾ ان جي باري ۾ لکيو تہ مون کي معاف ڪيو. مان تہ هڪ بندو آهيان. الله تعاليٰ جو باقي توهان نہ آئيو. ان ۾ ڪا بہ ڳالهہ نہ آهي ڇو تہ توهان ايندئو تہ توهان جي مهرباني ٿيندي ۽ نہ ايندئو تہ مان ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندس. دوستي هڪ ان شيءَ جو نالو آهي. جڏهن ڪو دوست ٿئي ٿو ان سان نڀائڻ هڪ وڏي ڳالهہ آهي. انسان کي سدائين ڪم هوندا آهن تَانِ موت نہ اچي ڪم کي هيڏي هوڏي ڪري انسان پنهنجي دوستن سان ملندو آهي.

توهان کي ڪجهہ ٿئي ها. توهان سوچو ها. مان توهان ڏي رلي، توهان جي گهر گهاٽ جي خبر بہ نہ. اچي ڪري بہ مان توهان جي اڱڻ تي پهچندو آهيان. ڇو تہ توهان سان ملڻ جو شوق هوندو آهي. خدا جو قسم جي توهان هن خط کي سمجهندئو تہ مون ڏانهن ضرور ايندئو.

نبي صلي الله عليه وآله وسلم جن جو فرمان آهي جيڪو واعدو ڪري ۽ نہ پاڙي تہ اسان جي جماعت مان نڪري ويو. مون کي ڏک ٿيو تہ اسان

دوست جي در تي وڃون ٻہ صحيح ۽ اڇو ٻہ نہ خدا جو قسم دل اڏوري ٿي ويندي آهي ۽ سندن دل جي راءِ نقصان ڪار ثابت ٿيندي آهي. ائڊريس تمام سولي آهي. توهان اچو اسان دل جي گهرائن سان ڀليڪار چونداسين ۽ اسان کي ڏاڍي خوشي ٿيندي. جي اچڻ عار ٿا سمجهو تہ جي بسم الله. ڪا ڳالهہ نہ آهي. As Your Wish, As You Like الله توهان کي خوش ڪندو. مان هت قمبر ۾ ئي آهيان ڪو پروگرام ڪو نہ آهي ٻاهر وڃڻ جو. جي اچو تہ ٺيڪ.

وڏيڪ الله پاڪ توهان کي خوش ڪندو.

هڪ التجا آهي. دوستن سان سٺو سلوڪ ڪندا ڪريو. جيئن هو دوست ئي هجي. دوست تہ ڏکيا ملندا آهن ۽ نيائڻ مشڪل هوندو آهي. مان توهان جو پاءُ آهيان. باقي ٻين جي لاءِ چئون ٿا. ڪيترو لکيو صحيح لکيو منهنجي خيالن ۾ هن کي ڪولي خط کي پڙهندا تہ سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو.

اوهان جو پنهنجو

**غلام عباس گوپانگ**

(61)

شهداد پور
18_04_2004

پيارا عيسيٰ ميمڻ!

توهان جو خط مليو. يقين پڇو ته ڏاڍي خوشي ٿي ۽ اميد ته آئينده به ائين ياد ڪندا رهندا. اسان جهڙن ماڻهن لاءِ جيڪي ٽيليفون (ڪمپيوٽر) اي ميل جهڙين سهولتن مان فائدو نه ٿا وٺي سگهن، خط ئي واحد ذريعو آهي رابطي جو. زندگي؟ جيڪڏهن زندگي جي باري ۾ پڇو ٿا ته بس ورثي ۾ مليل حالتن جي رحم ڪرم تي آهيون. هينئر تائين مان نه ٿو سمجهان ته حالتن جي رخ موڙڻ جي صلاحيت حاصل ڪري چڪا آهيون! ها ايترو آهي ته انهن مليل حالتن سان منهن ڪيئن ڏجي. اهو ڪنهن حد تائين ڄاڻي چڪا آهيون. جنهن معاشري ۾ اسان جي سٺي رهنمائي ڪئي آهي. جيڪڏهن زندگي تڪليفون برداشت ڪرڻ ۽ مشڪلاتن سان مهاڏو اٽڪائڻ آهي ته توهان ڪي اسان ۾ زندگي جي هر علامت ملندي پر جيڪڏهن صورتحال ابتڙ آهي ته پوءِ اسان محض گهمندڙ ڦرندڙ لاش آهيون.

جڏهن سرڪاري نوڪري نه هئي ته سوچيندا هئاسين رڳو نوڪري ملي باقي هر شيءَ ٺيڪ ٿي ويندي سڀ مسئلا حل ٿي ويندا. خير امتحان پاس ڪري ماستر ٿياسين، تڏهن به حالات ساڳيا رهيا. پوءِ سوچڻ لڳاسين هي به ڪانو ڪري آ. ٽن سالن جو ڪانٽريڪٽ، 2700 فڪسڊ پگهار ۽ سروس ڪائونٽ نه ٿئي، ڪا ٻي سٺي نوڪري ملڻ گهرجي. اجهو تقريبن ست مهينا ماستري ڪرڻ کان پوءِ صوبيداري پاس ڪئي. سوچڻ لڳاسين هاڻي ته نٽ ٿي ويا. رڳو ويهي ڪائبو هاڻي ته ماڻهو گهر وٺي ڏئي ويندا. پر خبر پئي ته هاڻي عوام ۾ شعور اچي ويو آهي ۽ اڳيون دور ڪو نه رهيو آهي. جڏهن هڪ سپاهي ڏهن چٽن ڪي ٻڌي ايندو هيو. هي ته ڪم

ئي خراب ٿي ويو. ماڻهن کي رڳو شعور ئي اسان ويچارن پوليس وارن لاءِ اچي ويو. اِهو ڪم بہ هاڻي ٿيڻو هيو. خير پوءِ بہ چڱي ڳالهہ آهي. شعور تہ آيو.

صوبيدار صاحب ڏاڍي لئہ سان پيو گھمي هوڏانهن Accounts وارا چڱا چوکا الائونس صاحب جا روڪيون ويٺا آهن. همراهہ پاڻ ۾ ئي پورو لڳو پيو آهي تہ گھر ڪيڏانهن هلائي. ماستر هيو تہ جيڪي ڪجهہ ملندو هيو سو گھر ۾ خرچ ڪندو هيو. هاڻي صاحب ٽريننگ ڪري يا گھر هلائي. هي تہ انگرين وانگي Jobless in Disquise جڻ تہ سال ڏيڍ لاءِ بي روزگاري، رڳو سال ڏيڍ پاڻ مس هلائي تہ بيروزگاري نہ چئبي تہ پيو ڇا چئبو؟ مختيارڪاريءَ لاءِ بہ جيتري محنت ڪري سگھياسين اُها ڪئي. تجربو بہ سٺو حاصل ٿيو. وقت ۾ وزن جي بہ خبر پئي. بهرحال لکت پاس ڪرڻ کان پوءِ جيڪي اميدون پيدا ٿيون سي سڀ مٽي ۾ ملي ويون. ڳالهہ آ مقابلي جي، پر مقابلو بہ هم وزن واري سان ٿيندو آهي. هڪ ٻانهن وارو ٻن ٻانهن واري سان ڪيئن وڙهندو ۾ اسان جي هڪ ٻانهن گھرو ذميواريون ڪٽيون ويٺيون آهن نہ تہ ماشاالله. ان سڄي مرحلي مان گذرڻ کان پوءِ مان چئي سگھان ٿو تہ پاڻ بہ گھٽ ڪو نہ آهيون. پر مڙئي ٽپڻ مومن ڪيو آهي. هتي ٽريننگ تمام سخت آهي. تقريبن ماڻهو ڪي Bound رهڻو ٿو پوي. ان جي باوجود پنهنجي پڙهائي، پنهنجي تياري جاري و ساري آهي. اُهي سڀ مسئلا ڪجهہ نہ ڪرڻ جو بهانو ڪو نہ ٿا ٿي سگھن. نہ ئي ڪا رڪاوٽ.

چو ڪٿي رڪجون رفيقو، ارتقا رڪجي نٿي،
زندگيءَ جي آرزو ۾، جستجو ٿڪجي نٿي،
ساٿيو! سندرا ٻڌو هلندا هلو ڊُڪندا هلو.
پاڻ چو بيهي رهون، دنيا جڏهن بيهي نٿي.

عيسيٰ! پر اميد آهيون تہ اسان جي محنت رنگ لائيندي ۽ اسان پنھنجي منزل مقصود تي ضرور پھچنداسين. ان سڄي سفر ۾ دوست هڪ وڏي وٿ هوندا آهن. هڪ سهارو هوندا آهن. مون کي فخر آهي توهان جهڙن دوستن تي جيڪي سالن کان پوءِ خط لکن ٿا. توهان کي تہ خبر آهي مان مذاق تمام گهٽ ڪندو آهيان.

اڄڪلهہ مان ڏسان پيو تہ اسان جي ٽيم جنهن ۾ گهڻيون اميدون رکي سگهجن پيون، اُها غير منظم ٿيندي پئي وڃي. Combined Class جيڪو توهان شروع ڪيو هيو توهان کي خبر نہ آهي ان جي Dsitrub ٿيڻ سان توهان کي ڪيترو نقصان ٿي سگهي ٿو. مان مجموعي طور تي ڳالهايان ٿو تہ توهان سڀئي (يعني پوري ٽيم) ايندڙ ڇئن مهينن يا سال کان اڳتي ڪجهہ ڏسي ڪو نہ ٿا سگهو. توهان کي اها خبر ناهي تہ توهان جو مقصد ڇاهي، ڪرڻو ڇاهي ۽ ڪهڙيون شيون آهن جيڪي توهان کي هڪ کان وڌيڪ Fields ۾ مدد ڏئي سگهن ٿيون. ڪهڙيون شيون آهن جيڪي توهان کي ان قابل بڻائينديون تہ مستقبل ۾ ملندڙ Chances مان فائدو حاصل ڪري سگهجي، ڪهڙيون خوبيون يا ضروري شيون آهن جيڪي توهان کي هن معاشري ۾ هڪ منفرد مقام ڏئي سگهن ٿيون ۽ وڏي ڳالهہ اها ڪهڙي شيءَ آهي جيڪا توهان کي Self Satisfication, Peace of mind ڏيندي. مان سمجهان ٿو تہ ان ٽيم کي وري منظم ٿيڻ گهرجي. شخصي ليول تي ۽ اجتمائي ليول تي يعني هڪ ٽيم جي حيثيت سان. شخصي ليول تي يعني توهان هڪ شخص جي حيثيت سان پنهنجو پاڻ ۾ منظم هجو! پنهنجي ئي اندر ڇڙوڇڙ نہ هجو. ان سان توهان پاڻ مان مطمئن نہ هوندو. توهان ۾ اعتماد نہ هوندو ۽ نتيجي ۾ توهان ڪجهہ ڪري نہ سگهندئو. خاص ڪري جبران سولنگي ۽ منير سومرو. مون کي خبر آهي تہ گهڻيون صلاحون ڪنهن کي بہ وڻنديون ڪو نہ آهن. هن دفعي مان ايندس تہ ڪي سٺيون فلمون بہ گڏجي ڏسنداسين.

اوهان جو

انور خاصخيلي

(62)

لاڙڪاڻو

27_02_1998

پرين عيسيٰ ميمڻ

السلام عليڪم.

ڪافي ڏينهن کان پوءِ تنهنجي رابطي ۾ اچي رهيو آهيان ان لاءِ معذرت! تنهنجو خط ڪافي وقت اڳ موصول ٿيو هيو جنهن ۾ هڪ سيمينار جو ڪارڊ به شامل هيو تنهن سيمينار کي به گذري ڪافي ڏينهن ٿي ويا آهن. سيمينار ۾ شامل نه ٿيڻ جي وجهه مصروفيت ئي ٿي سگهي ٿو جنهن سبب مان تنهنجي منعقد ڪيل پروگرام ۾ توسان ملڻ کان رهجي ويس ان لاءِ به معذرت اميد ته خوشيءَ سان قبول ڪندين! جيئن ته منهنجي مصروفيت کي مون کي اڳتي وڌڻ کان منجهائي رهي آهي اگر اها مصروفيت نه هجي ها ته منهنجو نانءُ اڄ سعيد ميمڻ جي نالي سان گڏ کنيو وڃي ها ڇو ته مون کي ان مصروفيت (جنهن کي منهنجي ائڊريس به ڪو نه هئي) اچي ڳولي لڌو آهي. جيئن مون کي ننڍي لاڪون در در ڳولهيو هيو جيڪو هاڻي منهنجو بهترين دوست پڻ آهي ۽ ان درد جي هوندي مان ٿورو ڪجهه سڪون ۾ رهندو آهيان. تون خط لکڻ ۾ ڪنجوسائپ کان ڪم نه وٺندو ڪر. جي ٿي سگهي ته مون کي خط ذريعي حوصلو ڏيندو ڪر پوءِ مون ۾ حوصلي جي وڏي قلت آهي اميد ته خط تفصيل سان لکندس ۽ خط ۾ حوصلو اماڻيندس.

منهنجي خط لکڻ جو ڪو خاص مقصد ڪو نه هيو سوچيم ته ڪافي ڏينهن ٿي ويا آهن عيسيٰ ميمڻ ڏي خط لکي سو خط ذريعي اڌ ملاقات ڪري رهيو آهيان. اميد ته خوش ٿيندين! منهنجي وري ائڊريس تبديل

ٿي وئي آهي سونئين ائڊريس ڊائري تي لکي ڇڏ اگر ملڻ اچين ته به انهيءَ ائڊريس تي توکي آرام سان ملي ويندس، اگر ملڻ اچين ته اسان جا ڀاڳ. منهنجي طبيعت به اڪثر خراب ٿي رهي ان لاءِ دعا ڪجان ته جلد صحتياب ٿي وڃان. وڌيڪ پاڻ اچي ملين يا خط لکين ته جلد لکجان، انتظار رهندو.

تنهنجو احسان مند

نويد ناز ڀٽي

(63)

لاڙڪاڻو

18_04_1998

محترم ڀاءُ ۽ ساهه ۾ تاڪيل

عيسيٰ ميمڻ!

ڪجهه وقت اڳ اوهان ڪي منهنجي لاءِ دڪان تي اوسيئڙو ڪرڻو پيو ان لاءِ معذرت توهان جي وڃڻ کان پوءِ چند منٽن کان بعد مون اچي دڪان تي ڦهڪو ڪيو ته خبر پئي ته اوهان آيا هيئو. توهان جي مختصر لکيل چِٺي مِلي ته دل کي ڪجهه سڪون مليو ته ملاقات رائگان نه وئي منهنجي چوڻ جو مقصد ته اڌ ملاقات ته ٿي نه. بهرحال خير......!!!
مان سوچڻ جي صلاحيت کي وڃائي ويٺو آهيان مطلب ته ڪا ڳالهه سمجهه ۾ اچي ئي ڪا نه ٿي، خط به ٽڙ ٽڪڙ ۾ لکي رهيو آهيان ڪجهه ڪچايون رهجي وڃن ته دل جي گهراين سان معاف ڪندا يا پاڻ ته ٿياسين فقير منش ماڻهو....!!!
”جاڳو ٻارڙا“ جي صفحي تاريخ 1998_04_16 تي پنهنجو ڇپيل گيت ڏسي ڏاڍو خوش ٿيس ته منهنجي ڪيل محنت رائيگان نه وئي ۽ سٺي موٽ ملي. يار دل چوي ٿي ته تنهنجي ان ڪيل ڳالهه تي غور ڪيان جيڪا تو پهرين خط ۾ ڪئي هئي مطلب ته انٽرويو واري ڳالهه، توکي ته ياد هوندي. پو دير ڇا جي؟ اج ئي خط ذريعي سوال موڪل ته انهن جا جواب ڏئي توکي لاجواب ڪري ڇڏيان اگر تون ان ۾ منهنجو مفاد ٿو سمجهين ته غلط آهي مان پنهنجو فرض سمجهي توکي انٽرويو ڏيان پيو. هونئن مون کي ڪنهن انٽرويو جي ضرورت ناهي پر پنهنجي محنت جو

صلو تہ مون کي ضرور ملڻ گھرجي جي سو پرين! هاڻي تنهنجي هٿ ۾ آهي وڏيڪ مان چا چوان.....!!!

ٻيو حال ڏي نيڪ تہ آهين نہ... ا مون وانگي موت جھڙو مايوس آهين اگر آهين تہ خدا خير ڪندو بس رڳو حوصلي مان ڪم وٺندو ڪر. شايد تو ۾ مون کان وڏيڪ حوصلي جي طاقت آهي. آهي نہ......!!!

تنهنجي حوصلي جو منتظر

**نويد نازيٽي**

(64)

ميهڙ

18_01_1999

محترم ساٿي عيسيٰ ميمڻ صاحب!

سدائين خوش هجو.

جيئن تہ سدائين نيڪ جذبي سان سرشار ٿي هر موڙ تي ڪامياب منزل ڏانهن روان دوان هوندا, توهان جو خير گهرندڙ هميشہ خيريت سان آهي ۽ توهان لاءِ پڻ هر وقت دعاگو رهندو تہ شل ڏکيو ڏينهن نہ ڏسو ۽ ڏکي ڏينهن ۾ ثابت قدميءَ سان مڙس ماڻهو ٿي ان جو مقابلو ڪيو. توهان جو پيار پريو شڪايت پريو نصيحت پريو خط پياري دوست وٽان مليو آهي پڙهيو ڏاڍي خوشي ٿي، مون کي حد درجي ڪان وڏيڪ افسوس آهي جو توهان جهڙن سڄاڻ دوستن جي علمي، دوستي ڪان ڪٽيل آهيان، ان ۾ منهنجون ڪوتاهيون ۽ سستيون شامل آهن توهان جي تنقيد جي آءُ آجيان ڪندي هي خط لکي رهيو آهيان.

محترم عيسيٰ! آءُ، شفيق ڪانڌڙو ۽ ٻيا دوست هئا ڪجهہ ٽائيم اڳ موهن جي دڙي وڃي رهيا هئاسين گاڏي روڪي توهان وٽ آيو هئس پر توهان نہ هئا توهان جو برادر مليو هو. مون توهان لاءِ سلام بہ ڇڏيا هئا, اهي شايد توهان تي ڪو نہ مليا هوندا. ان ڪان پوءِ وري اچڻ ڪو نہ ٿيو آهي، ڪڏهن روبرو توهان وٽ اچبو ڪچهريون بہ ڪبيون. دراصل الائي ڇو اڄڪلهہ ڪافي ڊسٽرب لڳو پيو آهيان, تنظيمي ۽ ذاتي ڪمن ڪري توهان جهڙن محبوب دوستن ڪان الائي ڇو ڪٽيل آهيان, ائين متان سمجهو تہ توهان ياد نہ هوندا آهيو ائين ڇا پلا تي بہ سگهي ٿو ڇا؟ ادبي دنيا ۾ هڪ سوپ تي انعام ڏيندڙ جج کي پلا وساري بہ سگهجي ٿو ڇا؟ مون کي توهان جو ۽ انعام جو انتظار رهندو آهي پر شايد توهان کي وسري ويو آهي خير ايڏي جلدي بہ ناهي توهان خط ۾ انعام متعلق لکيو آهي تہ مون کي پسند آهي؟ انعام جي ڪا بہ قيمت نہ هوندي آهي اها

ڪروڙ روپين جو بہ هوندو آهي تہ هڪ روپيو بہ. ان لاءِ توهان منهنجي پسند جو ڏاڍو انتظار ڪيو آهي. حقيقت ۾ نئون سال آءٌ هڪ شيءِ لاءِ پريشان ٿيس! اها يقينن نئين سال جي ڊائري ئي هوندي ۽ اها ڊائري جنهن ۾ آءٌ پنهنجي سڄي 99 سال جي گهاريل هڪ هڪ پل قيد ڪندس، اها مون لاءِ اهميت رکي ٿي پر اها ڊائري وري جي انعام طور ملي ان جي اهميت ڏهوڻ ٿي وڃي ٿي. پر پوءِ بہ آءٌ توهان طرفان موڪليل هر شيءَ قبول ڪرڻ تيار آهيان.

خير ٻيو حال احوال ڪجي. آءٌ اڄڪلھ لکان گهٽ ۽ پڙهان وڌيڪ ٿو. تازو "نوجوانن جو گيت" ليکڪ يانگ مون، "ڪراچي جا ڏينهن ۽ راتيون"، ليکڪ: شيخ اياز "ڏونگر منجھ ڏيئو"، ليکڪ: بورس پولياٽي "پليجي جا قول"، قول رسول بخش پليجو سهيڙيندڙ: اياز خاصخيلي. "دنيا جون عظيم انقلابي عورتون"، ليکڪ: تاج جويو ان کان علاوه "صبح ٿيندو رسالو "سالار" رسالو ۽ ٻيو ڪجھ پڙهيو آهي. ويجهڙ ۾ ڪجھ جاڳو اخبار ۾ ڪالم لڳا آهن جيڪي شايد توهان جي نظر مان بہ گذريا هجن. ٻيو خير. سڄاڳ بار تحريڪ جو ڪم شاندار نموني ڪيان پيو تنظيم طرفان مون کي SBT جو ضلع دادو جو صدر چونڊيو ويو آهي، جيڪا پڻ مون لاءِ باعث فخر ڳالھ آهي. هاڻي خط جي جواب ۾ توهان پڻ پنهنجي مصروفيتن جو ذڪر ضرور ڪجو. ڪهڙو ڪتاب پيا پڙهو ڪهڙا تازو پڙهيا اٿو آءٌ ڪوشش ڪندس تہ توهان سان ملاقات ڪيان پر ٽائيم نہ هجڻ ڪري چئي نہ ٿو سگهجي. ها البتہ آءٌ 17 جنوري تي نصيرآباد اچي رهيو آهيان شهيد عوام فاضل راهو صاحب جي ورسي آهي. عوامي تحريڪ جا دوست ملهائي رهيا آهن. ان ۾ جي توهان بہ شريڪ ٿيو تہ پوءِ وڌيڪ بهتر. پر لڳي ٿو تہ 17 جنوري تائين توهان کي هي خط ئي نہ ملي سگهي. وڌيڪ اهڙو ڪو احوال ڪونهي، ڪنهن ٻئي ڀيري حال احوال خط ذريعي يا روبرو ڪنداسين.

فقط

ستار ملڪ

(65)

ڏوڪري
17_10_2004

برادر عيسيٰ ميمڻ!

اميد اٿم تہ خيريت سان هوندا.

توهان جي اڳرائي تي يقين ڪرين تہ ڏاڍي خوشي ٿي ۽ مَيار بہ. پر خير آهي اها ميار هن اڳرائي خط لکڻ ۾ ايڏ ٿي وئي. توهان خط لکيو اها ئي وڏي ڳالهہ آهي مون لاءِ....!!! يار يقين ڪرين تہ مون کي ياد ئي ڪو نہ هو تہ توهان ڏي خط لکڻو آهي مون توهان کي چيو هيو تہ پهريائين عيسيٰ تون خط لکجانءِ پوءِ مان لکندس پر دل ۾ اهو ئي سوچيو هيم تہ اڳرائي مان ڪندس پر ٿيو انهيءَ جي ابتڙ آهي اهو انهيءَ ڪري جو اڄڪلهہ آءٌ ڪجهہ پريشان آهيان ڇو تہ امڙ جي طبيعت ٺيڪ ڪو نہ آهي انهيءَ وٽ سٽ جي جهان ۾ لڳو پيو هيس. اوچتو شاهہ جهان قاضي مان طفيل سوهو وٽ آياسين انهيءَ تنهنجو خط ڏنو پڙهيم ۽ انهيءَ کان پوءِ سوچيم تہ يار! جڏهن مان ننڍو هوندو هيس تہ وڏي ٿيڻ جو ڏاڍو شوق هوندو تہ آءٌ وڏو ٿيندس تہ هي ڪندس، هو ڪندس پر جڏهن هاڻي وڏو ٿي ويو آهيان يقين ڪر تہ مان هاڻي ننڍپڻ لاءِ سوچيندو آهيان تہ يار ننڍي هوندي مزو هيو ڪنهن بہ ڳالهہ جي ڳڻتي ڪو نہ هوندي هئي پر اهو وڏو ٿيڻ تہ فطري آهي. انهيءَ کان ڪير بہ انڪار ڪري ڪو نہ ٿو سگهي ۽ تنهنجي والد صاحب سان اڄ لاڙڪاڻي مان موٽي اچي ملندس ۽ حال احوال وٺي بي خط ۾ ذڪر ڪندس يا وري تو سان ميراڻيءَ ارشد واري نمبر تي ڳالهائيندس. يار منهنجي لکت ڪجهہ مٽجي وئي آهي دستاويز لکي

لکي مان پنهنجا اصل لکت پلجي ويو آهيان. انهيءَ جو مثال توکي خط مان ملندو تہ ڪٿي ڪيئن اکر لکيا آهن ۽ ڪٿي وري ڪيئن.

دوست تو لکيو آهي تہ ”پنهنجي دوستي جي نالي ڪي لڄي ٽيڻ نہ ڏنو آهي“ سچي پچي تہ آءٌ بہ انهيءَ سوچ جو قائل آهيان پر اڪثر ڪري مون کي ڪجھ دوستن کان ڪجھ شڪايتون آهن پر مون اڄ تائين انهن کي محسوس ڪرڻ ڪو نہ ڏنو آهي نہ ئي وري ڪنهن ڪڏهن ذڪر ڪيو آهي پر پنهنجي منهن (خيال) سوچيندو آهيان تہ يار ماڻهو پنهنجو سڀ ڪجھ دوست کي ڏئي ٿو ڇڏي پر انهيءَ کي وري بہ غلط سمجهيو ٿو وڃي.

جيئن تون پنهنجي پيءُ جي ڳالھ ٻڌائي هئي تہ بابا هڪ دفعي ڳوٺ طرف وڃي رهيو هيو تہ ڪو ڳوناٺو ان جو ڏاند گاڏي مٿان وينو هو تہ تو واري پيءُ پڇيس تہ وڏا ڏي خبر اجوڪي دور ۾ چڱائي ڪنهن سان ڪجي تہ انهيءَ چا چيو هو ۽ جڏهن تون واري پيءُ انهيءَ کي چيو تہ چڱائي چڱي ناهي پوءِ بہ ڪيانءِ ٿو اَنُ وهئي ٿو ۽ انهيءَ ماڻهو جو ري ايڪشن چا هيو تہ اهائي ڳالھ آهي تہ چڱائي چڱي ناهي پر پنهنجي طبيعت جو اهڙي آهي تہ ٻي کي چا چئجي. لڳي ٿو خط گهڻو لکي ويو آهيان ٻي دفعي تون لکڻ ۾ ٿورو ڪنجوس گهٽ ٿجانءِ. انهيءَ اميد سان موڪليان ٿو تہ پنهنجي دوستي ڪڏهن ڪو نہ ٽڪبي.

خدا حافظ

**منير ”ايس“ سومرو**

(66)

ڏوڪري

17_10_2004

پيارا عيسيٰ!

منهنجي نظر ۾ بهادر اهي آهن جيڪي وقت کي مات ڏين ٿا. مان سمجهان ٿو انهن بهادرن مان توهان به هڪ آهيو جيڪي پنهنجي محنت سان منزلون طئي ڪري ٻين اڳيان ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته اڄ جو غريب، غريب ناهي پر علم وارو اميرن کان به وڌيڪ شاهوڪار آهي. جيڪي پنهنجا خواب جوڙين ٿا سي ساپيان ڪرڻ به ڄاڻندا آهن. انهيءَ جي ذهن جي دنيا ۾ پنهنجو جوڙيل خواب ستاري وانگر چمڪندو رهندو آهي. اسان اميد ڪيون ٿا ته جنهن مقصد لاءِ اوهان نڪتا آهيو اهو خواب اسان جي نگاهن ۾ حقيقت جو روپ اختيار ڪندو آهي، اوهان جي وڃڻ کان پوءِ الاءِ ڇو اسان کي اڪيلائي وارو احساس اندر کي جهوري رهيو آهي اسان جي دعا آهي منزل مقصود ماڻيو. خطن جو سلسلو جاري هجي جيئن توهان ۽ اسان کي خبر پئجي سگهي. راشد قاضي، طفيل سوهو، امام بخش، عباس خاصخيليءَ جا سلام.

اوهان جو پنهنجو

**ڪامران سومرو**

(67)

ڏوڪري

16_10_2004

پيارا پيغمبر!

جيئي سنڌ، جيئي لطيف

انسان پنهنجي جدوجهد جي شروعات تہ هن دنيا ۾ اچڻ سان ئي ڪندو آهي. باقي منزل جو تعين ڪرڻ ۽ ان جي منزل کي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان کي مختلف مرحلا طئي ڪرڻا پوندا آهن. پر پوءِ بہ الائي ڇو ڪجھ ماڻهو منزل ويجهو هوندي بہ پنهنجو سفر اڌ ۾ ڇڏي ڏيندا آهن ۽ ڏوھ وري وقت ۽ حالتن تي ڇڏيندا آهن. تنهنجو خط مون کي طفيل معرفت مليو هيو. تنهنجو ڪنهن منزل طرف قدم وڌائڻ واري ادا اسان سڀني دوستن کي پسند آهي ۽ دوستن ۾ هڪ قسم جو اتساھ پيدا ٿيو آهي. ڪنهن بہ اداري ۾ ڪم سان لڳين تہ خط لکي آگاھ ڪجان يا جيڪڏهن N.G.Os سان گڏ ڪم ڪرين تہ ان بابت بہ معلومات ڏجانءِ.

علي بخش توکان تمام گهڻو ناراض ٿي ويو آهي ڇو تہ تون ان سان گڏ وڃڻ جو پروگرام ڪري ان کان اڳ ئي هليو وئين ان سان رابطو ڪري کيس پرچائجان. ڪامريڊ حاڪم مگريو ۽ ڪامريڊ قاضي امداد کي سلام چئجان ۽ ارشد ميراڻيءَ کان مون پاران هڪ مٺي وٺي ان کي بہ سلام چئجان. مٿي مون تنهنجي لاءِ لفظ پيغمبر استعمال ڪيو. ڇو تہ الله تعاليٰ طرفان جيڪي پيغمبر موڪليا ويا. انهن خاص يا محدود قسم جي نظريي جي پرچار ڪئي. پر تون انسانيت، پيار ۽ امن جو پيغمبر آهين. وڌيڪ احوال بئي دفعي.

تنهنجو پنهنجو

**امام بخش ڀُٽ**

(68)

ڏوڪري

17_10_2004

استاد عيسيٰ ميمڻ!

ڪهڙا حال ٿئي ڪٿي آهين، ڪيئن آهين ۽ ڪنهن جي لاءِ آهين وغيره وغيره جهڙا ڪوڙ سارا سوال ذهن ۾ هوندا آهن، جڏهن ڪنهن سان روبرو ملاقات ٿيندي آهي، يا خط ذريعي يا وري فون تي، پر اسان کي سچي خبر آهي تنهنجي باري ۾، اهي سوال جيڪڏهن توکان پڇبا تہ وري بہ جواب اهو ملندو جيڪو اڳ ئي اسان جي ذهن ۾ هوندو يعني ايترو تہ هڪ ٻئي سان Related آهيون جو سموري ڄاڻ رکون ٿا، هڪ سوال ذهن تي جيڪو پيو ڦرندو آهي اهو آئي پيارا ”زندگي ملي ٿئي يا جستجو هلي ٿي“.

ساڳيو ئي هڪڙو سوال توکان تہ اي هن دور جا حضرت عيسيٰ زندگي ملئي يا آسرا، دلاسا، جنهن جي بنياد تي وقت ۽ زندگي پيا ٿا هلن. پنهنجي زندگي اهائي ساڳي آهي. اڳ وارو طريقو. ڪا بہ Changing ڪنهن بہ قسم جو نئون ماحول نہ آهي. 2001 ۽ 2002 ۾ بہ عرفان موريي کي جيڪي خط لکيم اهي سڀ تقريبن ساڳيا يعني اُن وقت بہ منهنجي زندگي ساڳي ۽ اڄ بہ ساڳي، يعني دوڪان، بزنس، گهر ۽ وري دوڪان.......

تو بڌاءِ وقت ڪيئن ٿو گذري، استاد هڪ ڳالهہ ڪليئر تہ تون سنڌ جي ان خطي ۾ رهين ٿو جنهن کي شاعر جنت السنڌ يا جنت جو حصو چوندا آهن، روز هوائون، نيچرلي حسن، ڪائنات جا سمورا رنگ جتي تون هن وقت يقينن رڱجي بہ ويو هوندين، ها البتہ جڏهن بہ تنها ٿيو هوندين، يا اڪيلو روم ۾ رهيو هوندين، تڏهن توکي ڏوڪري ضروري ياد آئي هوندي.

چوندا آهن تہ وڇوڙو بہ ملاقات جي هڪ علامتي آهي، سو ڪيئن مون کي سمجهاءِ تہ سهِي ۽ ٻيو تہ وڇوڙو انسان کي گهٽو ڪجهہ سيکاري ڇڏيندو آهي. تہ تون ڇا سکيو آهين. شاعري ڪئي هوندي، ظاهر آهي تو جهڙو ماڻهو پٿرن جي شهر ۾ رهي تہ شاعري تہ ضرور ڪندو. ڏوڪري جا دوست توکي ڪيترو ٿا ياد ڪن، ان جو اندازو توکي ٿي ويو هوندو. هڪ دوست پيو چوي تہ ارشد ميراڻي جڏهن کان موبائل فون ورتي آهي ڏوڪري مان سندس گهر وارن کان سواءِ ڪنهن بہ فون نہ ڪئي هوندس ۽ هاڻي جڏهن کان عيسيٰ رهيل اٿس ان ڏي رڳو ڏوڪري مان ٿي فون وڃي، ويچارو تنگ ٿي پيو هوندو. جڏهن بہ رنگ وڃي ٿي تہ عيسيٰ لاءِ فون.......

ارشد جا ڪهڙا حال آهن، پڙهائي ڪيئن سٺي ٿي هليس نہ. ارشد کي منهنجي طرفان کوڙ ساري محبت ڏجانءِ.... هڪ انمول ماڻهو لاءِ انمول محبت منهنجي طرفان. ڏوڪري واري سموري سنگت جي حاضري منهنجي طرفان پر تون انهن ۾ غير حاضر هوندو آهين. ان شيءَ کي هو خود بہ محسوس ڪن ٿا ۽ چون ٿا تہ يتيم ٿي وياسين. آزاد جروار ۽ اقرار پيرزادو تي الزام آهي تہ انهن جي ملي ڀڳت سان تو ڏوڪري ڇڏي آهي. ها ها ها ”هر جاءِ پرين هر محفل ۾ مون کي تنهنجي ڪمي محسوس ٿي ٿئي“. اهو غزل جڏهن بہ هلي ٿو تہ دوست توکي ٿا ياد ڪن. پر مان پنهنجي مرشد کي ياد ڪندو آهيان.

ادل سولنگي سان ملاقات نہ بلڪ ملڻ ٿئي ٿو ادب ڪندو آهيانس ۽ چانهہ پاڻي جي صلاح پڻ. ان لاءِ تہ ڪٿي ائين نہ سمجهي تہ عيسيٰ ناهي تہ سڃاڻين ئي نہ ٿا.

استاد روزا بہ نہ رکندو هوندين ۽ يونيورسٽي يا ٻاهرڪائڻ پيئڻ لاءِ بہ سهولت نہ هوندي تہ توکي تڪليف تہ ضرور ٿيندي هوندي. ان لاءِ بهتر آهي تہ روزا رک. خدا لاءِ نہ سهي ڪنهن ٻئي لاءِ، متان فائدو ملئي. مان

روزا اجان شروع نہ ڪيا آهن اهو ان لاءِ مون کي ماحول ملي ٿو ڪائڻ پيئڻ جو. سيف ڪوري سان ملاقات ٿيندي آهي، ان کي حال احوال ڏئي ڇڏيا اٿم. مطلب تہ رابطي ۾ رهي ٿو چيو هيو مانس تہ ڪنهن بہ قسم جي ضرورت پوئي تہ هليو اچجانءِ... وڌيڪ خير....

هينئر مان هنن آخري سٽن تي لکڻ لاءِ هڪ شعر ڳولي رهيو هوس تہ مٿان ادل سولنگي، مجيد زهرائي ۽ غفور زهراڻي آيا، ادل کي تو وارو خط ڏنم. جنهن پڙهڻ کان اڳ اکين تي رکيو ۽ پڙهي پوءِ وري اکين تي رکي چمي ڏنئيس، مان حيرت ۾ اچي ويو آهيان تہ اهڙو ڇا لکيل هيو ان خط ۾، مان ڪو نہ پڙهيو هيم پر سوچيا پيو تہ اهڙو ڇا لکيو اٿئي. ادل جو هڪ غزل هن طرفان هن ليٽر ۾ اٿئي.

تنهنجو

**طفيل سوهو**

(69)

<u>سينٽرل جيل لاڙڪاڻو</u>

06_03_2002

اڄ پڻ اکڙين، سڄڻ پنهنجا ساريا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون، بوندون بس نہ ڪن،
سندي سِڪ پرين، لوڪ ڏٺي نہ لهي. (شاهہ)

پيارا ڀاءُ عيسيٰ!

السلام عليڪم!

اميد ۽ دل جي دعا خوشين سان گڏ گڏ هلندو هوندين ۽ پنهنجي ۽ ديس جي شمع کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ عيسيٰ اوهان جو ڪارڊ مليو ۽ پيار پريو خط بہ ڪتابن سميت مليو. تمام گهڻي خوشي ٿي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ تي نهايت شڪر گذار آهيان. هي مختصر ۽ سادن اکرن وارو احوال تو ڏانهن ان ساڳي قيدين واري هال تان لکي رهيو آهيان. جيئن تہ اڄ اسان جي حاضري هئي ان ڪري بابا سان ملڻ جو موقعو مليو ۽ اتان اوهان جا ۽ ٻين ساٿين جا خلوص ڀريا سلام انهن تائين پهچايم.

ڪتابن ملڻ تي دل تمام خوش ٿي. انهن جي اسان قيدين کي واندي ويهڻ ڪري تمام ضرورت محسوس پئي ٿي. پر ياد رهي تہ گرم جيل جي قانون سبب عام ڊائجسٽ ۽ رسالا، اخبارون وغيره سواءِ اسلامي ڪتابن کان ڪٽي وجڻ نہ پيا ڇڏين. ٻهريائين تہ خط و ڪتابن جو ڪو سلسلو نہ هو پر ناظم اعليٰ جناب خورشيد جوڻيجو عيد تي قيدين سان ملڻ بعد جاري ڪيو ويو. بهرحال اڃان صرف ٻين پنو ۽ خط وغيره لاءِ اجازت آهي. ڪتاب تنوير الاسلام جو هتي مختصر جائزو ورتم سٺو لڳو باقي ٻيو ڪتاب مجبوريءَ ڪري اجازت نہ هئڻ ڪري واپس موڪلي رهيو آهيان. باقي جيترو ٿي سگهي تہ اسلامي ڪتاب موڪليندو رهجانءِ ۽ موڪلڻ جو طريقو هي تہ صرف اسان جي حاضري جي پڇا ڪري اسان

جي ڪراڙي جي حوالي ڪري ڇڏجانءِ جيڪي باسلامت اسان تائين پهچندا. باقي ٽپال وغيره جي سلسلو صحيح نه آهي ۽ خط وغيره به ان ئي طريقي تي لکي سگهجي ٿو. اديب عيسيٰ ميمڻ اسان قيدين جو حال ته توکي معلوم آهي ته جيل جو ماحول ڪيئن آهي؟ الله تعاليٰ جي ذات تي ڀروسو آهي ته سٺي نموني نڀائي وينداسين ۽ صرف اسان کي اوهان پيارن جي دعائن ۽ حوصلا افزائي جي ضرورت آهي جيڪي اميد آهي ته جاري رکندا. تنهنجي مسئلن جي خبر پئي ته خوشي به ٿي ۽ ڏک به ٿيو. خوشي ان ڪري ته توهان جي جدوجهد نيٺ رنگ لائيندي ۽ ڏک ان ڪري جو اڪيلو هن مسئلي کي منهن پيو ڏئين. تنهنجي ته مون کي خبر آهي ته الله ڪانسواءِ ڪو به نه آهي. همٿ ڪجانءِ نڀائجي ويندي. هتڪڙي هٿن ۾ هئڻ ڪري وقت جي ڪمي جي ڪري اکر سهي نه پيا بيهن. ان ڪري پڙهڻ ۾ توکي تڪليف ٿيندي هوندي. جيڪا برداشت ڪرڻي پوندئي. امتحان ۾ پاس ٿيڻ تي دلي مبارڪون قبول ڪجانءِ ۽ اميد ته اڳلي امتحان لاءِ ڪوشش جاري رکندين. باقي في الحال اسان جي پڙهائي جو ڪو به بندوبست نه ٿي سگهيو آهي. اميد آهي ناظم صاحب جي ڪوشش سان اهو به جاري ٿيندو. جنهن کان اوهان کي آگاهه ڪنداسين ۽ آخر ۾ هي نماڻو عرض ته جيڪڏهن ٿي سگهئي ته قرآن پاڪ جو تفسير موڪليندا. ڀائو اهڙي ڏکئي وقت ۾ تنهنجي همٿائڻ جو نهايت شڪر گذار آهيان ۽ يقين به ٿيو ته دوست وفا جا پيڪر هوندا آهن. اسان جون خلوص ڀريون دعائون توهان جي محنت ۽ مستقبل لاءِ. ساٿين کي سڪ ڀريا سلام چئجانءِ. اقبال ۽ بابا جي طرف کان به محبت ڀري موٽ قبول ڪجانءِ.

تنهنجو پنهنجو

**عبدالوحيد جوڻيجو**

(70)

لاڙڪاڻو

09.07.2016

پيارا عيسيٰ ميمڻ

جيئي سنڌ، جيئي لطيف

سپ ڪان پهريان تہ توهان کي سالگره جون لک واڌايون اميد تہ قبول ڪندا ۽ ڪوڙ ساريون خوشيون ۽ نيڪ تمنائون توهان سان گڏ

۔ مان ڄاڻان ٿو تہ توهان زندگيءَ جو وڏو حصو اڪيلي تنها ٿر ۾ پهتل ڪنهن اجنبي جيان زندگيءَ جي تتل واريءَ تي پنڌ ڪيو آ ۽ ڪانڊيرن سان وڙهندي پنهنجو دامن صاف، اڇو اجرو ڪير جهڙو سفيد رکيو آ ۽ اهو ئي سبب آهي جو اڄ توهان جو ڪو بہ مخالف توهان مٿان غلط اخلاق ڪردار ۽ عمل جو الزام نٿو هڻي سگهي. مان توهان سان ان وقت گڏ نہ هيم جنهن وقت توهان ڏوڪري ۾ سگريٽن جي مانڊي هلائيندا هئا پر اهو درد محسوس ڪري سگهان ٿو تہ توهان اهو وقت ڪيئن ڪاٽيو هوندو جنهن ۾ هڪ موالي يا لوفر قسم جو ماڻهو بہ توهان کي اڙي ڪري مخاطب ٿيندو هيو. مان ان وقت بہ توهان سان گڏ نہ هيم جڏهن توهان بس اسٽان تي بيٺل گاڏين کي چند رپين لاءِ "تہ جيئن پڙهائي جاري رکي سگهجي" پوچو هڻندا هئا ۽ لوفر وڏيرن جا ٻار ٻنا پئسو ڏيڻ جي گاڏي ڪاهيندا ڌڌڙ اُڏائيندا ويندا هئا ۽ ان ڌڌڙ ۾ توهان جا ڪيترائي خواب دفن ٿيا هوندا. توهان جي شاديءَ دوران پريشانيون، جيل جا ڏينهن، هڪ پڙهيل انسان کي نشائي پاڻ جا سور، گهر جون ذميواريون يا بيروزگاريءَ وارو وقت ڪيئن گذريو هوندو انهن سمورن معاملن جي بهتر پروڙ ۽ سمجهہ آهي مون کي احساس آهي تہ اسان جي هن سماج ۾ خاص ڪري هيٺئين طبقي جي ماڻهن جي زندگي ڪيئن ٿيندي آهي .مون کي ياد

آهي جڏهن مان توهان سان گڏ ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻي جي ليڪچر پروگرام تي نصيرآباد هلي رهيو هيم توهان خاموش شيشي کان ٻاهر ڏسي رهيا هئا ۽ اچانڪ هڪ قبرستان تي نظر پوندي ئي توهان مونکي چيو "ڪاشف قبرستان ڏس"، مونکي ڪجهه خاص نظر نه آيو توهان وري چيو "قبرستان کي مڪمل ۽ غور سان ڏس". ڳوٺ جي لاڙي سبب گاڏي آهستي هلي رهي هئي مونکي تڏهن به سمجهه ۾ نه آيو ته آخر هن قبرستان ۾ اهڙي ڪهڙي خاص ڳالهه آهي؟ ۽ توهان هڪ ٻيو سوال ڪيو ته ڇا تون ڪڏهن طبقاتي قبرستان ڏٺو آهي؟ پوءِ مونکي قبرستان جو نقشو ذهن تي تري آيو جتي هڪ طرف پڪيون قبرون ٿوريون وٿيءَ سان ٺهيل هيون ۽ ٻئي پاسي ڪچيون قبرون ڳتيل هيون، مان اجان جواب ئي نه ڏنو ته توهان ٻڌايو "منهنجي ڳوٺ ۾ به قبرستان آهن هڪ اميرن لاءِ ۽ ٻيو غريبن لاءِ منهنجو پيءُ ڳوٺ جي ٻاهران ٺاهيل غريب قبرستان ۾ دفن آهي" اُن ڏينهن مونکي ايترو تعجب ٿيو ۽ سمورو ڏينهن ته ڇا پر ڪافي مهينا مان صرف ايترو سوچيندو هيس ته قبرستان به طبقاتي ٿيندا آهن ڇا؟ ۽ خبر ناهي ڇو پورو پيپل منهنجي سامهون اچي ويندو هو ۽ چوندو هئو ته "ها قبرستان طبقاتي، هندو مسلم، شيعا سني، ڪوري ميمڻ، عباسي ڪلهوڙا به ٿيندا آهن تون قبرستان جي ڳالهه پيو ڪرين هاڻي ته خدا ۾ به ورهاست پئي ٿئي عيسائين جو خدا، ٻڌن جو خدا، يهودين جو خدا، هندن ۽ مسلمانن جو خدا .عبدالواحد آريسر چيو آهي ته منهنجو ٽي دفعا جنم ٿيو آهي هڪ جڏهن ماءُ کي ڄايس ٻيو جڏهن پهريون دفعو اسڪول ۾ ويٺس ۽ ٽيون جڏهن پهريون دفعو سائين جي ايم سيد سان ملاقات ٿي. اج مان چوان ٿو ته منهنجو به ٽي دفعا جنم ٿيو آهي پهريون جڏهن آءٌ پنهنجي اُستاد مرحوم نواب الدين کهڙو وٽ سليٽ ۽ پٽيءَ تي پنهنجي ڏڪندڙ هٿن سان الف جو اکر لکيو هيم، ٻيو جڏهن پهريون دفعو

منهنجي اُستاد سيد ساجد شاهہ امر جليل جو ڪتاب دل جي دنيا تحفي طور ڏنو جتان منهنجي پڙهڻ جي شروعات ٿي ۽ تيون جنم تڏهن ٿيو جڏهن توهان منهنجي چيچ ۾ هٿ وجهي سائين جي ايم سيد جي هن قومي قافلي ۾ گڏ وٺي هليا. مونکي اهو جي ايم سيد سمجهہ ۾ اچي ويو جيڪو سنڌي قوم جو رهبر آ، سنڌ جي غلاميءَ مان نجات جو واحد رستو آ، هڪ اُميد، هڪ آسرو، هڪ لاٽ ۽ هڪ جاڳ آهي .سيد ۽ سنڌ ٻئي پيا صدين کان جاڳن، ستا ئي ناهن انڌيرن جي اک ۾ .قومي ڪارڪن ڇا ٿيندو آ؟ نظرياتي گفتگو، سماجي سڃاڻ، ادبي سگهہ زندگيءَ جا قاعدا قانون ڇا ٿيندا آهن؟ دوستي، دشمني، پنهنجائپ، ڏک سک جو احساس سڀ ڪجهہ مونکي توهان کان مليو آ، سائين جي ايم سيد جا ڪتاب تہ موجود هئا پر اهي پڙهائڻ ۽ سمجهائڻ وارا توهان آهيو زندگي، سماج، ۽ قومي تحريڪ ۾ مانار، انتشار ۽ خوف واري ماحول ۾ توهان جي اٽل رهڻ تي مونکي رابندر ناٿ ٽئگور جا اهي لفظ ٿا ياد پون "لهندڙ سج وڏي واڪ پڇيو تہ مونکان پوءِ هن ڌرتيءَ کي روشن ڪير ڪندو؟ تہ هڪ غريب جي جهوپڙي ۾ ٻرندڙ ڏيئي چيو تہ آءٌ ڪوشش ڪندس تہ سوجهرو ڪريان" شايد توهان سج نہ ئي صحيح پر ٽئگور جي انهن لفظن ۾ ڏيئو ضرور ٿا جيڪي پنهنجي وس آهر بيٺل سماج ۾ منصور جو آواز ٻڌجي پيا آهيو .ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ حسين بن منصورحلاج، سرمد، حسين ابن علي کان صوفي شاهہ عنايت شهيد، مخدوم بلاول ۽ جي ايم سيد کان عيسي ميمڻ تائين جي سمورن غيرمعمولي، اعلي ڪردارن مٿان ئي تعزيرن جا تاج ڇو پيل آهن؟ ڇو هيءُ سماج هميشہ پٿر کڻي سنگسار ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيندو آهي؟ آخر ڇو هر دؤر ۾ ۽ هر روز ڪنهن عيسي کي صليب تي ٽنگيو ويندو آهي؟ ۽ پوءِ هڪدم لطيف ياد پوندو اٿم جنهن چيو "الا ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن" ۽ مسڪراهٽ باوجود

بہ ڳوڙها ڳڙي پوندا آهن .مون وٽ هڪ عليشا نالي ڇوڪري پڙهندي هئي منهنجي ڪلاس مان امتحان ڏئي ٻئي ڪلاس ۾ وئي ۽ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ هن جو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ جي صلاحيت وڃائي ويٺي تمام هوشيار ۽ ذهين ڇوڪري هئي مون بہ هن تي پنهنجي وس آهر محنت ڪئي جڏهن ان واقعي جي خبر پئي تہ ڏاڍو رنو هيس جو هُن ۾ روشن مستقبل جا خواب سمايل هئا مان سمجهان ٿو تہ هڪ شاگرد جنهن کي ڇيچ ڪان وٺي هلڻ ڪان لکڻ پڙهڻ ڳالهائڻ سيکارجي ۽ هو وقت جي وهڪري ۾ وهي وڃي تہ ان جو درد ڇا ٿيندو آهي؟ يقينن جنهن کي توهان ڇيچ ڪان وٺي هلڻ سيکاريو ان جو ائين توهان ڪان پرتي ٿيڻ سو بہ هڪ غلط رستي ڏانهن وڃڻ توهان لاءِ ڪيترو تڪليف جو باعث بڻيو هوندو حقيقت ۾ هنن توهان سان نہ پر تاريخ ۽ سنڌ وطن سان غداري ڪئي آهي ۽ تاريخ وڏي بيرحم ٿيندي آهي غدارن کي بہ نہ بخشيندي آهي.

اوهان جو پنهنجو

**ڪاشف سنڌي**

# جيل جا خط

مان سياست ۾ 1998ع ۾ پير پاتو جڏهن انون ڪلاس پاس ڪري نائين ڪلاس ۾ داخل ٿيس. سياست ۾ هوش ڪان وڏيڪ جوش جي ڪري سياست کي پنهنجو مشغلو بڻائي ڇڏيو. ان جوش سبب 22 ڊسمبر 1999ع ۾ جسقم چئرمين بشير خان قريشيءَ جي آزادي لاءِ لاڙڪاڻي پريس ڪلب اڳيان مختيار عالماڻيءَ سان گڏ مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال تي ويناسين. جتان پوليس گرفتار ڪري لاڙڪاڻي جي مارڪيٽ ٿاڻي تي لاڪ اپ ڪري ڇڏيو. جتي ڪو بہ ڪيس داخل ڪرڻ بجاءِ ٻئي ڏينهن تي آزاد ڪيو ويو. ٻيو دفعو 10 جون 2001ع تي جسقم جي سڏ تي ٻيرلوءِ باءِ پاس تي سنڌو درياءَ تي لڳندڙ ڊاڙن خلاف ڌرڻي ۾ شرڪت لاءِ رات جو 60 ڄڻن جي قافلي سان ڏوڪري مان نڪتاسين. رات جو 2 وڳي دادو موري پل تي اسان جي سموري بس کي گرفتار ڪري موري لاڪ اپ ۾ بند ڪري ، مختلف ڪيس داخل ڪيا ويا. ٻہ ڏينهن موري ۾ ٿاڻي تي لاڪ اپ ۾ رهڻ ڪان پوءِ نوشهري فيروز عدالت ۾ چالان ڪري سينٽرل جيل سکر ۾ قيد ڪيو ويو. جتان 8 جولاءِ2001ع تي ضمانت تي آزاد ڪيو ويو. هي خط ان جيل دوران مختلف دوستن جا لکيل آهن. جيڪي رڪارڊ طور هتي ڏجن ٿا. جيل ۾ شفيق آريجو، عثمان جيسر، جانب جيسر، نسيم جيسر، سائين ڏنو جيسر، حافظ نور احمد آريجو، حسين سولنگي، عثمان جيسر، نديم باغي، مرتضيٰ جوڻيجو، هدن جيسر، ايم پي پيان، عرس جيسر، سرور جوڻيجو سميت 60 سياسي ڪارڪن پڻ گڏ هئا. هنن خطن ۾ نہ صرف ذاتي حال احوال معلوم ٿين ٿا پر سياسي ۽ قومي تحريڪ جي حوالي سان پڻ ڪافي ڳالهيون سامهون اچي وڃن ٿيون.

(71)

مورو جيل

11_06_2001

پيارا راشد

ساڃ سلامت - سچ سلامت.

توکان موڪلائي جيئن ئي پنهنجي منزل ڏي اچڻ لاءِ بس جي مقرر وقت ۽ جاءِ تي ڳجهڙ 8 وڳي پهتس تہ نيڪ ٻن ڪلاڪن کان پوءِ بس آئي ۽ اسان وري ڏوڪري کان ٿيندي راڏڻ روڊ سان روانا ٿياسين. اسان جي بس مختلف پوليس چوڪين کان پاڻ بچائيندي 12 وڳي ميهڙ ۾ ڪجهہ وقت لاءِ آرام ۾ ماني کائي 12.45 تان ميهڙ مان نڪتاسين ۽ مُوري طرف پارٽيءَ چيئرمين جي ڏنل حُڪم مطابق داخل ٿيڻ وارا هياسين تہ مورو پوليس گهٽي منهن ماري کان پوءِ سڄي بس کي گرفتار ڪري ٺاٺي تي 2.45 تي نيٺ پنهنجو اسان کي مهمان ڪيو ۽ هيءُ خط بہ توکي جيل مان لکي رهيو آهيان.

پاڻيءَ جي کوٽ خلاف ڏرٽي جي حوالي سان تہ خبرون اخبارن ۾ پڙهيون هونديئي تہ ڪيئن نہ رياست ڏاڍ مڙسيءَ جو مظاهرو ڪندي قومي ڪارڪنن جي مٿان لنبازي، گوليون ۽ شيلنگ ڪري اسان کي پنهنجي راهہ تان هٽائڻ جي ناجائز ڪوشش ڪئي آهي ۽ جڏهن بشير خان قريشي جي مٿان بلڪل سڌيون گوليون هلايون آهن ۽ بشير خان خود پاڻ تمام ٿلهو ڏنڊو کڻي ڪارڪنن سان گڏ ڪيترن ئي پوليس اهلڪارن جا مٿا ڦاڙيا آهن. نيٺ آخر ڳالهہ ڳوري ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي جان بچائي واقعي معجزاتي طور تي پوليس کي اکين ۾ ڌوڙ وجهي نڪري ويو. خير انهيءَ لاءِ سامهون تفصيل بيان ڪيا. هن وقت جيل ۾ طبيعت خراب ٿيڻ لڳي آهي مسلسل ماني ٺيڪ وقت تي نہ ملڻ، آرام صحيح نموني سان نہ

ڪرڻ سبب ڪافي مسئلا ٿي پيا آهن پر حوصلا بلند آهن مايوس نه آهيون مڙس ٿي جيل ملهائبو.

امان ۽ بابي جن ڏاڍا پريشان هوندا انهن سان ملي ڪين هي خط ۽ دلجاءِ پڻ ڏجانءِ ۽ ڪيس سمجهائجاءِ ته مان ستت ئي ايندس. اڄ ٿي سڳهي چالان ٿي وڃون ۽ چالان ٿيڻ کان پوءِ سست پارٽي ضمانت ڪرائي ڇڏيندي. باقي ٿي سگهي ته ڪجهه ڏينهن لڳندا اهو ڪو مسئلو ناهي. ارشد، بني، امام بخش، اياز ۽ جيڪو پڇئي سلام، قرب دعائون ڏجانءِ. وڌيڪ ٻيهر خط لکندا سانءِ باقي جيل جي زندگيءَ ۾ پنهنجو مزو اٿئي. ڪُل اسان 60 ڄڻا ڏوڪريءَ جا ئي آهيون.

عيسيٰ ميمڻ

مورو جيل

(72)

سکر سينٽرل جيل
12_06_2001

سڄڻ راشد قاضي

ڪهڙا حال اٿئي مان تہ خوش آهيان, اڄ موري جيل کان صبح جو 5.50 پوليس بند موبائيل مان سکر سينٽرل جيل ۾ آندو ويو آهي. مورو ۽ سکر 155 ڪلوميٽر جو مفاصلو آهي تقريبن ٽن ڪلاڪن جي اندر سکر پهتاسين. شروعات ۾ تلاشي ورتي وئي ۽ ٻئي مختلف جيل جون فارملٽيون پوريون ڪري هڪ ڪشاده هال ۾ رهايو ويو آهي. جتي جيئي سنڌ جا ٻہ سئو کان مٿي ڪارڪن آهن. هتي ٻہ ٻہ ويلا ماني ملندي آهي مانيءَ جا وقت توکي اڳ لکي چڪو آهيان. هتي جيل جي حوالي سان سمجهہ موري کان وڌيڪ سهولتون مليل آهن. ڏينهن ۾ ٻہ دفعا وهنجڻ ٿئي ٿو. توکي اهو ٻہ ٻڌائيندو هلان تہ هيءُ جيلُ برطانيہ دور حڪومت ۾ ٺهيو ويو هن جيل جي ايراضي تقريبن هڪ سئو چاليهہ جريب آهي. برطانيہ دور حڪومت ۾ هت ڪل هزار قيدي رهائي سگهبا هئا پر هاڻي صورتحال ڪجهہ ٻي ٿي وئي آهي. هن وقت ٻہ هزار ست سئو قيدي رهيل آهن. سياسي قيدين کان سواءِ ٻين قيدين سان انتظاميہ جو ورتاءُ انتهائي اڻ وڻندڙ آهي. اهو ورتاءُ ڏسي انسانيت ۽ انسان جي عظيم عظمت تان ويساهہ ئي کڄي وڃي ٿو. باقي مستقبل رهائش رکندڙ سياسي يا مڃي مانيءَ لائق چور کي ڪافي سهولتون مليل آهن.

هتي مستقبل رهائش رکندڙ قيدي عام پورهيو مثال طور ٽوپيون ٺاهڻ, پرٽُ پرڻُ, استري ڪرڻ, برف ڪپائڻ وغيره جهڙا ڪم ڪندا آهن. جن کي محنت آهر معاوضو جيڪو ٻہ ٻاهر جي پورهيو کان ٻنهہ گهٽ ملي ٿو. هن جيل ۾ تقريبن ست ڊويزنون (اسان ڊويزن کي ڀاڱو چئي سگهون ٿا يا

ڪالوني) آهن. جن ڪي سرڪل پڻ چيو وڃي ٿو. هر سرڪل اندر مختلف قسم جا باغيچا، راند جا ميدان پڻ ميسر آهن. جن تي قيدي گهمي ڦري ۽ راند ڪري سگهن ٿا.

هتان جي هڪ ڪراڙي جيڪو جيل جي قيدين جو خدمتگار آهي تنهن ٻڌايو تہ جيل ۾ برطانيہ دور حڪومت ۾ قيدين ڪي پڙهائڻ لاءِ باقاعده اسڪول هوندو هو. قيدين کي عام تعليم سان گڏوگڏ ڌوهن کان باز اچڻ ۽ پڻ مختلف قسم جا ليڪچرار ليڪچر ڏئي سندن ذهني نشونما ڪندا هئا. پر هاڻي اهو سمورو نظام System ختم ٿي چڪو آهي. هاڻي تہ قيدي جيل ۾ نہ سکن ٿا ۽ وري انهن جي ٻي ڪا تربيت آهي. انهن سان هتي حسين سولنگي ۽ مان هڪ قيديءَ سان ملاقات ڪئي جيڪو ٺوبي ٺاهي رهيو هو. هي دوست جيڪب آباد جو آهي پاڻ تمام سنو پڙهيل لکيل پڻ آهي. ساڻس ڪچهري جيل ۾ سندس ذاتي زندگي بابت ڪئيسين جنهن مان ڪافي مطمئن ٿياسين. جنهن لاءِ الڳ ڪچهريون ڪنداسين.

هتي منهنجي قمبر جي جسقم ڪارڪن سان ڪچهري پڻ ٿي. جن سان سياسي ۽ ادبي معاملن تي ڳالهايوسين، دوست ڪافي سنجيده هئا پر اسان جي پارٽيءَ طرفان استڊي سرڪل نہ هلائڻ سبب سندن ڪتابن جي مطالعي جي حوالي سان ڪافي جهول هئا ڪين انهيءَ جهول کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ صلاحون وغيره ڏنيونسين. سڀني مون کي قمبر جي گهمڻ لاءِ دعوت پڻ ڏني. شام جو آرام ڪيم. رات جو ماني ڪائڻ کان پوءِ پارٽي ماليات سيڪريٽري سرمد ميراڻيءَ ڪجھ جيل جي حوالي سان هدايتون ڏنيون ۽ ڪجھ وقت لاءِ قومي راڳ رنگ جي محفل پڻ ٿي جنهن ۾ مختلف دوستن پنهنجا انقلابي گيت ٻڌايا. ڪارڪن ۾ آزاديءَ جو جذبو ۽ روح پئي ڦوڪيو. ان کان پوءِ ٻارهين وڳي سمهڻ جيتري جاءِ

ملي ۽ آرام ڪرڻ تي جون جي ڏينهن جي پڇاڙي خيريت سان ٿي. سپاڻي چا ٿيندو جنهن لاءِ خبر خدا کي.

اڄ خبر پئي تہ اسان جو ڪيس عدالت ۾ هلندڙ آهي ممڪن آهي تہ ڏينهن ٻن ۾ اسان جي آزاديءَ سان پڇاڙيءَ تي پهچي. نمبر ٻي ڳالهہ اڄ طبيعت ٺيڪ نہ اٿم گهمرا ٿي پيا اٿم. جنهن لاءِ نديم باغي ٽيبليٽ وغيره کارايو جنهن کان پوءِ ڪجهہ فرحت محسوس ڪري رهيو آهيان. نمبر ٽين ڳالهہ ٽي چار ڏينهن ٿي ويا آهن ايڏانهن ڪير بہ ملاقات ڪرڻ نہ آيو آهي، جنهن جو ٿورو گهڻو ڏک ٿئي پيو تہ ڇا سپني کي ڪٿي وسري ويو آهيان؟ نمبر چوٿين ڳالهہ امان ۽ بابي، ڀينرن ۽ ياءُ جي ڳڻتي اٿم. خبر ناهي انهن جو ڪهڙو حال آهي؟ ڇگو ننڊ پئي اچي، موڪلاڻي ناهي.

عيسيٰ ميمڻ

(73)

ڏوڪري

24_06_2001

پٽ عيسيٰ!

هتي اسان بلڪل خوش آهيون. ڪنهن به قسم جي اسان لاءِ ڳڻتي نه ڪجانءِ ۽ جوان ٿي منهن ڏجانءِ متان ڀاڙي ٿي پوين، دوستن ۾ مون ڪي لڄائي وجهين، مان به ته سعوديءَ جا جيل ڪاٽيا هئا. تون ته هتي آهين ۽ 59 دوست گڏ آٿَيئي. تون ته اڪيلو به نه آهين.

ڪالهه سارنگ ماچي به آيو هئو جنهن دلاسا ڏنا ان جي دلاسن ڪان پوءِ ڳڻتي بلڪل لهي وئي آهي. پٽ منهنجي تو لاءِ اِها دعا آهي ته شل ڪنڌ نه جهڪائين.

تنهنجو بابا

**الله ڏنو ميمڻ**

(74)

سينٽرل جيل سکر

16.06.2001

پيارا بابا سائين

امید تہ خوش هوندا.

اسان کي هتي اج پنج ڏينهن ۽ پنج راتيون گذري چڪيون آهن. بابا! اسان هي جيل ڪنهن چوريءَ يا ڌاڙي جي ڪيس ۾ ڪو نہ پيا ڪاٽيون پر سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي حقن لاءِ ۽ انهن جي آزادي جي لاءِ پاڻ کي تڪليفون ڏيون ٿا. مون کي افسوس آهي تہ مان توکي ڪراڙپ ۾ سُک ڏيڻ بجاءِ ڏک ڏنا آهن پر بابا تون اُهو پورو پورو يقين رک اهو ڏينهن پري نہ آهي جو اسان جا سمورا ڏک، درد دبي جي پاڻيءَ جيان سُڪي ويندا ۽ اسان پنهنجي زندگي ڏاڍي سُڪون سان گذاريندا سين ۽ مان توکي ماڻهن جي اڳيان شرمندو ٿيڻ نہ ڏيندس.

اسان کي جيل ۾ ڪا بہ تڪليف ڪا نہ آهي پارٽيءَ پنهنجي طرف کان مڪمل مالڪي ڪئي آهي جيڪڏهن هتي ڪنهن شيءَ جي تڪليف آهي يا ڪوٺ آهي تہ صرف امان، تنهنجي، پوپري، صيفل، روبينہ، حسينہ، ناديہ، ادي، اشرف، پاڳل، سوني، زينت، چاچي، ادا رجب، ادا شبير وارن ۽ پنهنجي مٽ مائٽن جي. نہ تہ اسان کي هر شيءِ ملندي رهي ٿي. منهنجي توهان ڪنهن بہ قسم جي ڪا بہ ڳڻتي نہ ڪيو هتي صرف توهان جو اڪيلو پٽ مان نہ آهيان ڏوڪريءَ جا 60 ڪارڪنن سميت پيا سوين ڪارڪنن اسان سان گڏ آهن اُهي اسان جو خيال پائرن کان وڌيڪ ڪري رهيا آهن. مون کي رڳو ٿورو مٿي ۾ سُور پيو تہ سڀ پريشان هئا، اُن وقت ڊاڪٽرن کي گهرائي منهنجو علاج ڪرايو ويو. مطلب تہ اسان کي ڪنهن بہ قسم جي (سوا توهان) بي ڪا تڪليف نہ آهي.

مان ڄاڻان ٿو تہ اسان جي گهر جي چلهہ ڏاڍي ڏکي ڏُکي ٿي انهيءَ ڪري پئسن جي بہ ڳڻتي نہ ڪندا منهنجا بہ سئو ڪن ٽيبل جي هيٺان ڪوڪي ۾ بلو فائيل ۾ پيا آهن..............

اسان جو ڪيس پڻ عدالت ۾ هلندڙ آهي پر عدالتن جو ڪم آهي تہ هل تہ پڇاڻ وارو تنهن ڪري بہ دير ٿي آهي نہ تہ اسان ڪڏهوڪو ٻاهر هجون ها.

صيفل ۽ پاڳل کي پڙهڻ لاءِ موڪليندا. راشد قاضي پنهنجا ٻار ٽيوشن تي منهنجي ٻاهر نڪرڻ تائين پڙهائيندو. انهن کي خاص هدايت ڪندا تہ پڙهو چاڪاڻ تہ علم / پڙهڻ ڪان سواءِ ماڻهو دنيا ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي.

سلام: امان کي پيرن تي هٿ رکي، پينرن، ياٺرن، سئوٽن، چاچي جن ۽ سمورن مٽن مائٽن کي سلام، قربَ ۽ دعائون ڏجو. چڱو موڪلايون ٿا. دعا ڪَجُو رنجُ نہ ڪجو. الله سڀ ڪجهہ چڱي ڪندو.

**عيسيٰ ميمڻ**

سينٽرل جيل سکر

(75)

ڏوڪري

17_06_2001

پيارا عيسيٰ!

خوش هجين شال!

هتان جي ماڻهن جي Nature اهڙي تبديل ٿي وئي آهي جو ڪو به ذاتي مفادن کانسواءِ ڪم نه ٿو ڪري سواءِ ڪجهه ماڻهن جي. جيڪي نعرا هڻڻ ۾ پيش آهن ۽ نعرن هڻڻ کان پوءِ جي پنهنجي ذاتي ڪچهرين ۾ مصروف ٿي وڃن ٿا. انهن لاءِ سياست ڪرڻ ۽ سياسي معاملن تي ڳالهائڻ جڻ سوپ Without compensation جڻ ڪا هنن لاءِ ڪينسر کان وڌيڪ مرض هجين جنهن جي بچاءَ لاءِ وينا وجهه ڳولهين ۽ جڏهن سياسي معاملن تي ڪچهري ٿيندي ته ڪوشش اها هوندي اٿن ته اهڙي قسم جي ڪچهريءَ ۾ نه ويهن پر جيڪڏهن ڪو ويهڻ لاءِ چوندن ته ٽپ چپ ٿي ويندا جڻ ڪنهن ڪڪڙ مٿان مينهن پئجي ويو. اڄ حاڪم مگريي سان ملندس ۽ وضاحت (تنهنجي جيل ۾ پوڻ جي) ڪندو مانس. ڪالهه مان، امام بخش ۽ اياز موريو چاچي ڏي وياسين تنهنجو سئوٽ (رجب) نڪري آيو جنهن چيو ته چاچي جي طبيعت خراب ٿي پئي آهي. پوءِ چاچو پاڻ نڪري آيو. ڏاڍو بخار هئس بڏاياڻين ته ڏينهن لڳي ويو آهي. اسان چيوسونس ته عيسيٰ جي ڳڻتي ٿي پئي اٿئي چا. نه نه ڪا به ڳالهه ناهي چيائين باقي به تي ڏينهن آهن عيسيٰ جي آزاديءَ ۾ اسان چيوسين پلي ڏهه ڏينهن هجي به چيو ڪا پرواهه ناهي ۽ چيائين ته چئجوس ته جوان ٿي منهن ڏئي.

ڪجهه ماڻهن تنهنجي جيل پوڻ تي ڏک جو اظهار ڪيو ڪجهه ماڻهن خوشيءَ جو اظهار ڪيو (اهي ائين پيا چون ته جيڪر اسان به وڃون ها)

خير اهي تہ حوال آهن ۽ وري ڪجهہ ماڻهن تنهنجي ڏرٽي ۾ وڃڻ تي ۽ گرفتار ٿيڻ تي ڏاڍو اعتراض ڪيو جن چيو تہ ڇا جي ڪاڻ وڃي هٿ سان پاڻ ڦاهو وڌو اٿئين. غريب ماڻهو گهر جو ڇا ٿيندس؟ ۽ پنهنجي ڪريڪٽر تي ڪيڏو اثر پيس؟ هاڻي وينو هرويرو حاضريون ڪاٽيندو. خير، اهي تہ هيون ماڻهن جون ڳالهيون ماڻهو جيئن وڻين تيئن وينا چون چو تہ ماڻهن ۽ کوهن جا وات بند نٿا ڪري سگهجن.

پلا تون ٻڌاءِ ڪيئن ٿو گذارين؟ مون کي تہ هاڻي تنهنجي لاءِ پريشاني وڪوڙيندي ٿي وڃي. دل بہ ڏاڍيون سٽون ٿي کائي پٽي ڇا ڪريان. پاڻ کي خبر هوندءِ تہ مان ڇا جي ڪري نہ ٿو اچي سگهان. ارشد سان ملندس ۽ چوندو مانس تہ ٽيوشن پڙهائي ۽ ٻي ڳالهہ تہ ASWA جي طرفان لائبريريءَ تي صوفي آزاد سان شام ملهائي وئي ۽ هن کي ”تصوف“ جي Topic ڏني وئي. جنهن ۾ شرڪت لاءِ ڪامريڊ حيدر جوبي کي بہ دعوت ڏني وئي هئي. ڪامريڊ آيو پر صوفي آزاد جا هٽي پاڳا ئي لاهي رکيائين. ويچارو صوفي آزاد ڳالهائڻ کان ئي بس ٿي ويو. باقي ان کان موضوع تي روبرو ڳالهائيندا سين ۽ امام بخش واري ڳالهہ تہ ان ۾ اهي ئي خصلتون اجا آهن جن جي اڳ ۾ تو نشاندهي ڪئي هُئي. پر Meteralism ۾ ويساهہ پڪو ٿي ويو اٿس. خط مليا پڙهي خوشي ٿي. باقي احوال ڪامريڊ حاڪم ۽ ارشد سان ملڻ کان پوءِ ڪندو سانءِ. ڀائو حسين سولنگي ۽ عثمان جيسر کي سلام رَسن. بني ڀان، راحيل قاضي، هريش اوڏ، عرفان موريو غفار کيهر، اياز استاد فياض، ارشد ميراڻي ۽ امام بخش ٻٽ جي پاران سلام ۽ سڪ جو اظهار.

ساٿ چڙهندو لڪين وري بہ

**راشد قاضي**

(76)

<u>ڏوڪري</u>
21_06_2001

پيارا عيسيٰ!

اميد تہ خوش هوندين!

مون کي ڏاڍي چڙ لڳي جڏهن ماما فتاح قاضي توکي خَط نہ ڏنا شايد وسري ويا هئس پر ڦاڙي تہ نہ ها. ان جو نهايت افسوس اٿم بهرحال خير ۾ ماما وارن ٻڌايو تہ اڄ اهي ضرور آزاد ٿيندا. مان ڏاڍو خوش ٿيم پر هن وقت چوطرف پريشاني وڪوڙي وئي آهي. ٻڌاءِ تہ ڇا ڪريان. سڪ بہ ڏاڍي لڳي آهي. امر پنهنجي رهبر کان پڇيو تہ آخر انتظار ايڏو طويل ڇو ٿيندو آهي، چار ڏينهن چار صديون ڇو لڳنديون آهن. اهو ساڳيو ئي سوال منهنجي ذهن ۾ گردش ڪري رهيو آهي مان صدين جو سودائي ٿي ويو آهيان. اها ساڳي ئي ڪيفيت موٽي آئي آهي جا اڳ هوندي هئي. ڪنهن سان ڳالهائڻ تي دل ئي نہ ٿي چئي. صرف هڪ جي لاءِ سوچڻ. ٻي دنيا کي وسارڻ. خبر نہ ٿي پئي تہ آخر ڇا ٿي ويو آهي. پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ دلچسپي گهٽ. All activities تي اثر پئجي ويو آهي. ڪوشش بہ ڏاڍي ڪئي اٿم تہ ائين نہ ڪيان پوءِ بہ. وڌيڪ ٻئي خط ۾.

**تنهنجو**

**راشد قاضي**

(77)

ڏوڪري

24_06_2001

ادا عيسيٰ!

مون ڪان اها ڳالهہ ئي وسري وئي جنهن جي ڪرڻ لاءِ هن ڪان اڳيون خط لکيو مانءِ. حاڪم مگريو سان آچر ڏينهن مليس تنهنجي ڳالهہ ڪري ٻڌائي مانس تہ جيسيتائين عيسيٰ اچي تيسيتائين مان ٻارن کي پڙهائيندس. نہ خير ٻارن جو تسلسل نہ ٽٽندو. جيسيتائين عيسيٰ اچي تيسيتائين توهان تڪليف ڇو ڪريو ڇيائين. مون ڇيو تڪليف ڇا جي، ائين نہ سمجهو تہ عيسيٰ ٻيو ۽ مان ٻيو آهيان، مون لاءِ عيسيٰ جا ٻار پڙهائڻ ڪا تڪليف ناهي. پوءِ بہ ڇيائين تہ جيڪڏهن فري آهيو تہ ٻار پڙهايو مون ڇيو مان ان وقت بلڪل Free هوندو آهيان. پوءِ ان ڏينهن ئي ٻارن کي پڙهائڻ شروع ڪيو جيتوڻيڪ آچر هيو ڇو تہ هنن (ٻارن) کي هيڏي هڪ هفتي جو گيپ پئجي ويو ۽ پوءِ بہ ڪامريڊ سان ڪچهري ٿي، تنهنجي معافيءَ لاءِ ڇيومانس. هن ڇيو ”ڪو ريءَ وڻ جي ڏار تي ويهي وري ان کي ئي ڪٽيو آهي“ پلي پلي تجربو ڪري ڏسي“ (ڪاوڙ واري انداز ۾) ۽ ٻيو ڇيائين تہ جيڪڏهن هنن کي خبر هجي تہ هي پوليس جا ٽيئر ئي اڏائي سگهن ٿا، (جيڪا خبر ياڻس امداد ٻڌائي هئي) پر هنن کي خبر ئي نہ پوندي. ٻيو تہ ارشد سان مليس ۽ ٽيوشن پڙهائڻ لاءِ ڇيومانس جواب نہ ڏنائين. هاڻي هي ٻارن کي پڙهائيندو آهي. وڌيڪ ٻئي خط ۾ لکندوسانءِ.

اهوئي تنهنجو

**راشد قاضي**

(78)

ڏوڪري
25_06_2001

عيسيٰ!

چا پلا ائين بہ ٿيندو آهي چا جو دوست پنهنجي دوست کي اوکيءَ ويل وساري ڇڏي. ايئين ڇئي شرمندو تہ نہ ڪر Friendship جون ڪيتريون ئي Requirements ٿيندون آهن جيڪي اجان تائين پوريون نہ ڪري سگهيو آهيان پر انهن کي پورو ڪرڻ لاءِ جي ڪوشش ضرور ڪئي اٿم. هن خط کان اڳ بہ خط لکيا آهن جنهن ۾ هڪ خط اهڙو آهي جيڪو متان توکي پريشان ڪري. اهڙي ڪائي بہ ڳالهہ ناهي اها ڪيفيت وقتي هئي پر هن وقت وري ساڳئي (صحيح) ڪيفيت ۾ موٽي آيو آهيان. تون مون لاءِ ڪا بہ ڳڻتي نہ ڪجان ۽ صيفل ايندو آهي. پڙهندو بہ چڱي نموني سان آهي مون کي اميد آهي تہ اڳتي نڪري ايندو. باقي سحر ڪانسواءِ ٻين جو حال پورو آهي منهنجي گهٽي ڪان گهٽي ڪوشش آهي تہ سيئي ٻار سٺي پرفارمنس ڏين. ان ۾ ئي منهنجي ڪاميابي آهي ۽ ٻي ڳالهہ اها تہ بنيءَ جي سينٽر تي تقريبن منهنجي شفٽ ۾ ٻارن جو ريشو 30 ٽي ويو آهي جنهن ڪري بہ شفٽيون ڪيون آهن. هڪ اٺ نُہ نَوَ ۽ ٻي نَوَ تہ ڏهہ ۽ پوءِ پنهنجي ٽيوشن تي ويندو آهيان. اتان موٽي پنهنجي پيڻ جي گهر وڃي ان کي بہ ٽيوشن ڏيندو آهيان. تقريبن ٻارهن ٽي وينداآهن. پوءِ لائبريريءَ تي ڪڏهن ويندو آهيان تہ ڪڏهن نہ. چو تہ ڏاڍو ٿڪ ٿي پوندو آهي. اڳ ۾ منجهند جو ننڊ ڪندو هيس پر هاڻي سمهندو آهيان. پر ننڊ نہ ايندي ٿم. پوءِ 5 بجي تيار ٿي منگريي ويندو آهيان.

بنيءَ سان گهٽيون ۽ امام بخش سان گهٽ ڪچهريون ٿينديون آهن. اڪثر جڏهن بہ وڃان تڏهن تنهنجو موضوع کوليندا هئا پر هاڻي مس وڃي ڪنٽرول ڪيو اٿم مانِ. ڪوشش ڪيان ٿو تہ هنن سان گهٽيون

ڪچهريون ڪريان. پر وقت جي اڻاٺ سبب نہ ٿيون ٿي سگهن. ڪلهہ هتي ميٽنگ ٿي جنهن ۾ قاضي امداد کان ليڪچر (گلوبلائيزيشن جي دور ۾ سنڌي شاگرد جو مستقبل) جي ايجنڊا رکي وئي. ان ميٽنگ ۾ صرف انهن ماڻهن کي آندو ويو. جيڪي ليڪچر لاءِ راضي هئا. انهن کي بڏايو ئي نہ ويو جيڪي ان ليڪچر ٿيڻ لاءِ راضي نہ هئا. صرف مان اڪيلو ئي هيم جو چوان پيو تہ ليڪچر نہ ٿئي، اهو نہ تہ ليڪچر ڪندڙ خراب آهي يا ليڪچر جي ٽاپڪ خراب آهي. ٻئي سٺا آهن. تون تہ ڄاڻندو هوندين نہ، تہ ڪهڙا مسئلا آهن جنهن تي هنن جو دليل اهو هيو تہ پيسا اسان صفا گهٽ پريندا سين ڪجهہ پيسا سنڌي ادبي سنگت ۽ ڪجهہ پيسا Oxford Computers Centre وارا پريندا پر پوءِ بہ ڪٿن ٽا جيڪي هاڻي هر ميمبر تي ڏهہ ڏهہ روپيا رکيا ويا آهن وٺي پروگرام سٺو ڪندا. هر شي ڪرڻ ۾ Tricts ٽا رکن. هر ڪم پنهنجي مرضيءَ سان ٽا ڪن ۽ هاڻي هر هنڌ منهنجي گلا بہ شروع ڪئي اٿن. تن ۾ ڊاڪٽر جهڙو Genius ماڻهو بہ شامل آهي. جنهن لاءِ Resign ڏيڻ لاءِ سوچيو اٿم ۽ لکي اٿم تنهنجي ڇا راءِ آهي؟ هن وقت مون کان اهي شيون برداشت نہ ٿيون ٿي سگهن. يارَ مون کي معاف ڪجان جو هيترو وقت رسالا ۽ ڊڪشنري نہ موڪلي سگهيو آهيانءِ ڇو تہ مان اصل اها ڳالهہ نہ سمجهي هئي تہ رسالا (Indus Magazine) ساڳي ئي مهينن جا 6 يا ٻين مهينن جا بهرحال. في الحال بہ رسالا ۽ ڊڪشنري موڪليانءِ ٿو. مختلف دوستن ڏانهن ويس (بني، ارشد، غفار) جن کان خط لکرايا آهن بنا ڪنهن زور زبردستي جي. موٽ جو اوسيڙو رهندو. سڄي سنگت کي سلام پائو حسين سولنگي، عثمان جيسر، نديم باغي، ايم پي، انور جوڻيجو مرتضيٰ جوڻيجو ۽ ٻين کي سلام ڏجانءِ.

تنهنجو

**راشد قاضي**

(79)

ڏوڪري

01_07_2001

ادا عيسيٰ!

مون لاءِ وڏي ۾ وڏو مسئلو آهي تو ڏانهن خط موڪلڻ. مان سمجهان ٿو تہ توکي منهنجي بہ اکرن مان ضرور آٿت ملندو. پر مون کي بہ ايتري آٿت ملندي آهي (تنهنجي لکيل خطن مان) جيتري توکي ملندي آهي ڇو تہ تون صرف ان جيل ۾ آهين جنهن جي ايراضي سئو چاليهہ جريب آهي (تنهنجي چواڻيءَ مطابق) ۽ ان جون حدون مقرر آهن پر مان هڪ اهڙي جيل ۾ جيڪو لامحدود آهي جنهن جي ڪا بہ حد ناهي. خير خَطَ مليا پڙهي خوشي ٿي جو هھڙي وقت ۾ بہ تنهنجو ساٿ مون لاءِ هڪ شمع مثل آهي. هتي ٿئي ائين ٿو جو خَطَ، رسالا، ڊڪشنري هُن کي ڏئي هن کي ٿو ڏيان پر ڪو ٿو چوي تہ اسان اوچتو ٿا وڃو ۽ پروگرام Cancel ٿي سگهي ٿو ۽ جڏهن ان جو پروگرام Cancel ٿو ٿئي تہ وري ان کان واپس ٿو وٺان ۽ ڪنهن ٻئي کي ٿو ڏيان جيڪو وري پنهنجا مسئلا ٿو ٻڌائي نتيجي طور مواد آسري ۾ اجان تائين ياسين ڪنير وٽ پيو آهي. خبر بہ ناهي تہ تو وٽ پهچندو بہ يا نہ.

اهوئي

**راشد قاضي**

(80)

سينٽرل جيل سکر

21_06_2001

راشد قاضي!

ساٿ سلامت!

تنھنجو خط مليو ھڪ ئي وقت انتھائي گھڻي خوشي ٿي تہ ھڪ تہ توکان وسريو نہ آھيان ٻيو تہ روايتي سستي چڙي ڏني اٿئي. جنھن لاءِ توکي شابس ھجي. مختلف ماڻھن جا مون لئہ مختلف رايا ڪن جا مثبت تہ ڪن جا منفي. اھو راءِ ڏيڻ جو حق انھن جو جمھوري حق آھي مان ڪو پاڪستان جو جرنل، ڪرنل نہ آھيان جو ماڻھن جي زبانن ۽ تخيل تي پھرا لڳايان. ھر انسان بنيادي طور تي آزاد ڄائو آھي آزاد گذارڻ، اظھار جي آزادي انھن جو بنيادي حق آھي. اُھا انھن جي مھرباني آھي جو مون لئہ ڳالھائن ٿا مون کي پنھنجو سمجھن ٿا اھا ڪٿي الڳ ڳالھہ اُھي نيگيٽو ۽ پازيٽو راءِ رکن ٿا. باقي تون تہ مون کي ڄاڻين ٿو تہ ھي مون ڪنڊن جو رستو پنھنجي مٿان تاريخ ۽ قوم جي مون مٿان رکيل ذميواريءَ سبب اختيار ڪيو آھي. محبت اسان کي ھن معامري وڏو آھي راشد! نہ تہ ھوند ھي ڪشالا ڪرڻ پنھنجي وس کان ٻاھر آھن. محبت جي سفر / ميدان ۾ ڪڏي ڪاھي پوڻ سبب سانگا سر جا لاھي ڇڏڻ سڀ محبت نہ آھي تہ ڇا آھي؟

شيخ اياز چوندو ھو ذات وڏي شيءَ نہ آھي پر سچ وڏي شيءَ آھي، اسان جون سموريون ڪچھريون، بحث مباحثا سڀ ڪنھن حد تائين ذات جي ذمري (ڪاتي) ۾ شامل ٿين ٿا ھي منھنجو جيل ۾ پوڻ سَچُ آھي. سچ واقعي وڏي شيءَ آھي، ماڻھو جڏھن سچ ۾ پچي راس ٿئي ٿو تہ اھو ماڻھو پنھنجي

معنيٰ ٿئي الڳ رکي ٿو. سڄي سنڌ ۾ سنڌي قوم لٽجي ٿي پٽي ڪير داد فرياد ڪرڻ وارو ڪو نہ آهي، اُتي اسان جي پارٽيءَ کان گهگهہ اوندهہ ۾ ڏيئي ٻارڻ برابر آهي جيڪو ٻيو ڪجهہ نہ بہ سهي اهو تہ احساس ڏئي ٿو تہ ٻيلي اٿو جاڳو هي وقت جاڳڻ جو آهي. تاريخ شاهد آهي دنيا ۾ اهو قومون زندهہ رهي سگهن ٿيون جيڪي پنهنجي وجود جي بقا لاءِ وڙهن ٿيون. تنهن ۾ پنهنجو پلي وڏو ڪردار نہ بہ هجي پر هئڻ نہ هئڻ واري وچ وارو ڪردار تہ ڪائونٽ ٿيندو نہ؟

تون پنهنجي خط ۾ مون لاءِ پريشاني ۾ وڪوڙجڻ جو ذڪر ڪيو آهي، توکي گهٽ ۾ گهٽ مايوس / پريشان ٿيڻ نہ کپندو آهي، زندگي ۾ چند ڏينهن جي جدائي برداشت نہ ٿو ڪري سگهين؟ دنيا ۾ پاڻ ۾ ڪنهن بہ وقت ڪجهہ بہ سهڻ لاءِ پاڻ کي ذهني طور تي تيار رکجي. پاڻ ۾ خود اعتمادي پيدا ڪجي. تون سيني صلاحيتن هوندي بہ ائين ٿو ڪرين. حيرت ڏيندڙ خبر آهي. هن ڪائنات اندر سڀ کان وڏيڪ ۽ عزيز رشتو ڏک جو آهي. ڏک ماڻهوءَ کي سيکارين / سنوارين ٿا سسئي جڏهن رڻ ۾ پنهونءَ ڪارڻ اڪيلي سر پٽڪندي رهي، سفر ڪيو جڏهن سور انهيءَ کان الڳ ٿيا آهن تہ انهن لاءِ ڏاڍي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ ان سورن جو ٿورو مڃيو آهي.

تن سورن کي شابس، جن مون سين گهاريو. (شاهہ)

دردن جي پنهنجي ڪهاڻي آهي ڏک / سُورَ تاريخ انسان ۾ الڳ مقام آهي. گوتم ٻُڌ چيو آهي تہ "سروم دُکم دکم" معنيٰ سڀ ڪجهہ ڏک آهي. انهن سُورن انسان کي سهارو ڏنو آهي. سڀ چڙي وڃن تڏهن ويچارا اچن ٿا اسان سان اورين ٿا، اسان کي پنهنجائپ جو احساس ڏين ٿا ڇا اها گهٽ ڳالهہ آهي؟ تون مايوس ٿي وينو آهين. اهو چڱو عمل تہ ڪو نہ آهي. نثار کهڙيءَ ڏوڪري سنگت جي پروگرام ۾ هڪ ڏاڍي ڳمر جي

ڳالهہ ڪندي چيو هو تہ ”جيڪو فرد ۽ قومون مايوس ٿين ٿيون ۽ انهن کي جيئڻ جو ڪو بہ حق نہ آهي“. هاڻ ٻڌاءِ مان تولئہ ڪهڙي راءِ رکان. ڪوشش ڪر پاڻ ۾ جرئت پيدا ڪر. مڙس ماڻهو ٿي، هاڻي ئي جيڪڏهن ائين ڪندين تہ اسان کي گڏجي الائي ڪيترا ڪم ڪرڻا آهن تہ اُهي ڪيئن ڪنداسين.

سُک مَ سُتا ڪڏهن، ڪرڪڻا لاهي،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو
(شاهہ)

امام بخش خط لکيو آهي جنهن ٻڌايو تہ بنيءَ سان منهنجي موضوع تي ڪچهريون ڪري ٿو انهن کي سمجهاءِ ڇا توهان وٽ ٻيا موضوع آهن ئي ڪو نہ جو مون تي وينا ٿا ڳالهايو. جيڪڏهن اهي وينا مون تي ڳالهائيندا تہ ٻيا معاملا ڪير حل ڪندو؟ مان انهن جو شڪر گذار آهيان جو ان قابل سمجهن ٿا پر اهو سندن لاءِ نقصانڪار آهي. ڪيس چئجانءِ تہ ڪامريڊ سُوڀي چيو هو تہ ”هن وقت سنڌ ۾ اَن، پاڻيءَ جي ڏُڪار ڪان پوءِ علم جو ڏڪر اچڻ وارو آهي ۽ باقاعده تيزيءَ سان اچي رهيو آهي تنهن کي روڪڻ لاءِ پنهنجي اسٽيڊيءَ کي تيز ڪجي تہ جيئن علم جي ڏڪر کي ڪجهہ تہ منهن ڏئي سگهون ۽ جتي بہ عمل جو ڏڪر آيو آهي اُتي هي شيءَ جي تباهي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ پلئہ ڪو نہ پيو آهي ۽ پوءِ انهن علم جي ستايل / وانجهيل قوم کي ڪر موڙڻ ۾ لکها سال لڳي ويندا آهن. ڪين تاڪيد سان چئجانءِ تہ پنهنجو موضوع مٽائن جي ائين نہ ڪندا تہ اج ڪان پوءِ پنهنجا رستا الڳ سمجهن. اِها ڌمڪي نہ پر حقيقت آهي.

تو پڇيو آهي تہ ڪيئن ٿو گذاريان؟ ڪيئن گذاريان. بس ائين گذاريان پيو جيئن ڳوٺ گذاريو هو. فرق صرف ماحول جو آهي. ماڻهن جو ۽ بس.

صبح جو اڳ جيان 5.30 وڳي اُٿي، ڏندڻ وغيره ڪري شاهه جو رسالو يا ٻيو ڪتاب وغيره پڙهندو آهيان. ستين وڳي ڏاري باريڪ کلندي آهي ۽ وهنجڻ لاءِ موٽر تي واري جو انتظار ڪري وهنجندو آهيان. وهنجڻ کان پوءِ ڪچهري، تاس، لڊي يا ٻين مشغولين ۾ گذاريندو آهيان. يارهين وڳي ماني کائي ڪجهه وقت آرام ڪندو آهيان. ان دوران ڪڏهن ڪڏهن ملاقات به ايندي آهي. جنهن ۾ ڪلاڪ کن لڳي ويندو آهي. شام جو چار وڳي اُٿي ٻيهر وهنجي، راند لاءِ ٻين ڊويزنن / سرڪلن ۾ ويندو آهيان. اُتي صرف راند ڏسڻ جي حد تائين وقت گذرندو آهي پوءِ ستين وڳي باريڪ ۾ ايندو آهيان، اٺين وڳي باريڪ بند ڪئي ويندي آهي. رات جو ماني کائي ڪجهه وقت ڪچهري وغير ڪري آرام ڪندو آهيان. اها آهي پنهنجي روز جي ڊائري. ٻيو گهڻو ڪجهه ڪرڻ باوجود به ڪجهه ڪو نه ٿو ڪري سگهان ڇاڪاڻ ته پنهنجي غلاميءَ جا زنجير سوڙها ٿي جيل جي ديوارن تائين پهتا آهن. خبر ناهي ته ڪيترو وقت هت رهون. ڪُورٽ ۾ اڄ ٻڌٽي هئي پر خبر ناهي ته ڇا ٿيندو. اسان پاڻ اندر آهيون. ٻين جي سهاري جيڪو ٿيندو / نه ٿيندو سڀ ڪجهه اُهي وڏيڪ ڄاڻن ٿا. امام بخش وارن سان ڪچهرين جو سلسلو ٻيهر جوڙڻ جي ڪوشش ڪر. ٽيوشن جيڪڏهن شروع ڪئي ٿئي ته مون واري پاڻُ کي ڪنهن به صورت ۾ پڙهائڻ لاءِ آماده ڪري پڙهائجانءِ، ٿي سگهئي ته اُها ڳالهه تڪليف ڏئي پر منهنجي ڪري برداشت ڪجانءِ. مان ڄاڻان ٿو ته ڇا جي ڪري نه ٿو اچي سگهين. انهيءَ لاءِ پريشان ٿيڻ جي ڪا به ضروت ڪانه آهي. پاڻ سمجهه هر وقت گڏ آهيون. پنهنجن خيالن ۾، سپنن ۾، گفتن ۾، تصورن ۾، جنهن جي شاهدي پٺائيءَ جو بيت لکندي تو پاڻ به ڪئي آهي ته

ايڪ قصر، دَر لک، ڪوڙين ڪٽس ڳڙڪيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

(شاهہ)

پنهنجي مقرر ٽارگيٽ لاءِ جدوجهد ۾ جيل عارضي رڪاوٽ ڪڙي ڪئي آهي. تنهن بہ مايوس ڪو نہ ڪيو آهي جيترو پنهنجي مائٽن ۽ گهر وارن. خبر ناهي تہ اُهي ڇا سوچيندا هوندا؟ موڪلاٽي ڪونهي، زندگيءَ جي وڇوڙي جا لمحا ايڏا ڏکيا ڪو نہ ٿيا آهن ۽ نہ ئي ٿيندي نظر اچن ٿا. ستت پاڻ ملنداسين. مايوس نہ ٿي نہ ئي مون کي ڪر. تو لئہ حسين سولنگي، نديم باغي، عثمان جيسر، مرتضيٰ جوڻيجو ۽ ٻين سنگت جا سلام قرب.

تنهنجو

**عيسيٰ ميمڻ** / سکر

(81)

سکر سينٽرل جيل

17_06_2001

راشد ميان ساٿُ سلامت!

جيل جي ۽ عام زندگيءَ ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي. هتان جي زندگيءَ جو هر گذرندڙ لمحو پاڻ لاءِ تڪليف ڏياريندڙ آهي. زندگيءَ جون گهربل گهرجون اسان جون عام زندگيءَ ۾ مشڪل سان پوريون ٿين ٿيون پر هتي ان کان وڌيڪ ناممڪن آهي. اُنهيءَ گهٽ ۾ بوسٽ واري ماحول ۾ تنهنجا ٻه اکر لکيل پاڻ لاءِ آٿت مهيا ڪن ٿا. اُميد ته اُن کان محروم نه ڪندين ۽ خط تڪڙا تڪڙا لکندو رهندين. مون لاءِ اُها ته انتهائي فخر جهڙي ڳالهه آهي جو تون منهنجي دوستيءَ تي اعتماد، ڀروسو ڪرين ٿو ۽ مان آئنده به ڪوشش ڪندس ته تنهنجي ڏنل محبتن جو ڀَرَمُ رکان.

سَرتيون دَعا ڪجاهءُ، تہ ڀَرم ياروڙيءَ رَهِي. (شاهہ)

هتي جيل جي مختلف قيدين سان ڪچهريون ٿينديون آهن. جن جيل بابت اجان به معلومات ۾ اضافو ڪيو آهي. هتي مختلف وقتن تي جيل جو سرڪار طرفان آپريشن ڪيو ويندو آهي. جنهن ۾ قيدين کي عبرتناڪ (اذيتناڪ) سزائون ۽ تشدد ڪيو ويندو آهي. اُنهيءَ آپريشن کي هتي محاورتي طُور تي "گرم جيل" ڪري چون ٿا ۽ آپريشن / سختي نه هجي ته "ٿڌو جيل" ڪري چوندا آهن. هن وقت جيل ٿڌو آهي. جنهن ڪري سمورو جيل گهمڻ ۾ ڪنهن به قسم جا ڪا به تڪليف ڪا نه ٿيندي آهي. اُنهيءَ تفصيلي طور تي ڪچهري ڪنداسين هتي اسان سنڌ جي نوجوان قومي هيري اسان جي همعمر، هيمون ڪالاڻيءَ جي ڦاهيءَ گهاٽ کي ڏٺوسين. هيمون ڪالاڻي برطانيہ سرڪار طرفان سنڌ ۾ ناجائز هٿيارن کي روڪڻ لاءِ ريل جو پٽڙيون پنهنجي چئن ساٿين سان

گڏ اُڪيڙڻ وقت گرفتار ٿيڻ کان پوءِ ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويو هو. اڄ اهو هيمون ڪالاڻي اسان سنڌ واسين لاءِ هڪ اهم حيثيت رکي ٿو. جنهن مرڻ گهڙيءَ تائين دشمن سان اکيون اکين ۾ وجهي للڪار ڪندو رهيو پر جهڪيو نه.

سمجھوتے کا نام نہ تھا اُس کے لہو میں شامل

ورنہ جھک کر پے بھی جی سکتا تھا مرنے والے

۽ اسان کي هت اڄ اٺ ڏينهن ٿيا آهن. ڪجهه دوستن جي ڪوتاهين سبب ضمانتن نهڻ ۾ دير ٿي وئي آهي. هاڻ ممڪن آهي ته ٿن، چئن ڏينهن اندر آزاد ٿي وڃون. اسان جا حوصلا بلند آهن. پنهنجي مٿان مهل آئي آهي ته مڙس ٿي ملهايون پيا. جهڪڻ اسان کي پنهنجي رهبر سيکاريو ئي ڪُونهي. مصيبتن سان منهن ڏيڻ سُو به ڪنهن عظيم مقصد خاطر پنهنجي لاءِ زندگيءَ ۾ امتحان آهي. جنهن ۾ اي ون، اي، يا بيءَ جيتريون مارڪون نه به سهي پر پاس مارڪن جي لاءِ ڪوشش ڪيون پيا. پنهنجي سڄي سنگت ڏاڍي ياد اچي پئي. ڪين هر وقت ياد ڪندو آهيان. انهن کي چئو ته يار ٻيو نه ته به اکر خط جا ته لکندا ڪريو؟ ارشد ميراڻي کي منهنجي طرفان چمي ڏئي خط لکڻ لاءِ زور رکجانءِ. سيڻي کي. بابي جو خط پڙ ڏاڍو حوصلو ڏياريندڙ هو. جنهن لاءِ مان بابي جا اڻ ڳڻيا ٿورا ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ طرح لاهيندس. بابي کي پيرين تي هٿ رکي گهٽي کان گهٽا سلام ۽ قرب چئجانءِ. اسان کي هن ڪائنات اندر پنهنجي وجود جي بقا لاءِ ڪيڏي نه اڻ ڪٽ جدوجهد ڪرڻي ٿي پوي ۽ اُن جدوجهد ۾ ٿڪجي پوندڙ انسان پنهنجي معنيٰ به وڃائي ويهي ٿو. جيڪي انسان پنهنجي زندگي صرف پاڻ لاءِ گذارن ٿا، اُهي بي نام قبرن

مثل آهن پر پين لاءِ جيئندڙ صديون تاريخ ۾ زندهه رهن ٿا، اُنهن کي لکها ڪروڙها ماڻهو سلام ڪن ٿا.

ڪوڙين ڪن سلام، اچي اگهه اُن جي، (شاهه)

۽ انهن جي زندگي پين لاءِ مشعل راهه جي حيثيت رکي ٿي. مان به اهڙي زندگيءَ گذارڻ چاهيان ٿو. پر ائين نه به ٿي سگهي ٿو. پر پنهنجي جدوجهد اُنهيءَ لاءِ ئي آهي. اُنهيءَ ۾ ماٺ ڪري ويهڻ پاڻ لاءِ عذاب پانيان ٿو. وڏيڪ لاءِ تنهنجي ۽ تو جهڙن دوستن جي رهنمائي جي ضرورت پوندي ته مون لاءِ تي، منهنجي هر چرپر تي گهري نظر رکي منهنجي لاءِ رهنمائي ڪيو. جيل ۾ پنهنجي مڙسي پاڻ ڪرڻي پوندي آهي. ڪنهن تي به پاڙڻو ڪين پوندو آهي. مان به انهيءَ اصول تحت رهان پيو. هتي روزانو ليڪچر ڪيو ويندو آهي. هن وقت تائين سائين شفيق آريجو حسين سولنگي، حفيظ هڪڙو (جساف مرڪزي خزانچي) مختلف موضوعن تي ليڪچر پنهنجي حال آهر ڏنا آهن. منهنجي ذاتي طور تي ڪنهن سان به ڪچهريءَ سواءِ عثمان جيسر ۽ حسين سولنگي جي ٻئي ڪنهن سان ڪا نه ٿي آهي، اُن ڪري انور جوڻيجو مرتضيٰ جوڻيجو ۽ پين ساٿ قومپرستي، انسان جي تاريخ، ”سائين جي ايم سيد ۽ آزاديءَ“ جي موضوعن تي ڪچهري ٿي آهي.

هتي ڪتاب نه هئڻ سبب جسم ۾ بيقراري رهي ٿي، پر پوءِ به ڪوشش ڪري سقراط جو موڪلاڻي ۽ شاهه جو رسالو هٿ ڪيو اٿم. وقت گذارڻ لاءِ سٺي وندر آهي. خاص ڪري ههڙن موقعن تي پڙهائي واقعي پڙهڻ گهرجي. سقراط جو فلسفو به پنهنجو مَٽُ پاڻ آهي. گهر جي تانگهه، دوستن سان ملڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ جي خواهش ۽ پنهنجي ڀينرن ۽ ڀائرن کي پڙهائڻ جي حسرت، حاڪم مگريي ۽ منظور ميراڻيءَ جي ٻارن

پڑهائڻ جي تمنا ۽ پنهنجي پڑهڻ ۽ انگريزي ڳالهائڻ جي تمنا هت بار بار ستائن ٿيون. ٻي ڪا به تڪليف ڪانه آهي.

تون پنهنجي سرگرمين بابت لکي موڪل. بني يان کي به ٻه اکر لکڻ لاءِ چئجانءِ. خط لکڻ ۾ تڪليف پيش اچئي ته منظور چاچي پيرل ۽ پارٽي ڪارڪنن سان رابطي ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪجانءِ. انهيءَ وسيلي تنهنجو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو. ضمير جي پاءُ طفيل سُوهو وٽ منهنجو ڪتاب پيو آهي اهو ونجانس. غفور زهراڻي کان پڻ آريسر جو ڪتاب وٺي پاڻ پڑهه ۽ ٻين کي پڑهاءِ. سڀني کي سلام جيڪو پڇي تنهن کي ٻيڻا. موڪلايون ٿا سدائين گڏ.

نوٽ: سکر جيل جي تاريخ ۾
ڦيريون دفعو ئي هيمون ڪالاڻيءَ
کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو. (بابي
جن کي هيءُ خط پڑهائجانءِ)

تنهنجو
عيسيٰ ميمڻ

(82)

ڏوڪري

28_06_2001

يار عيسيٰ!

جيئن تہ مان بہ من اندر اڪيلائيءَ جي رڻ ۾ تو بنا رڪاوٽن جي ٿوهرن کي ٽڪر هڻي هڻي..... ٿڪيو ۽ مايوس رهيو پيو وتان، پر راشد ڏي موڪليل خط ۾ نثار کهڙي جي ڳالهہ پڙهي سيئي رڻ ۽ ٿوهر غائب ٿي ويا ۽ ان بدلي ۾ سنڌوءَ جون چوليون ۽ ڪپ تي حسين ۽ رنگين وڻن هيٺيان هڪ جستجو ڪندڙ زندگيءَ ۾ پنهنجو روپ ڏسي ۽ تنهنجي ملهايل حسين يادن جا ورق ڏسي، منهنجو من سچائيءَ، ايمانداري، محبت جي جلون سان جرڪي پيو. مَنڊُ (منظر) ڏسي بيحد......! خوشي ٿي.

تنهنجي مون تي رکيل ذميواري آءٌ هڪ سٺي استاد ۽ دوست جي حيثيت ۾ شايد نڀايان پيو يا ضرور؟ الاءِ جي شاگردن کي پڙهائي روحاني سڪون ملي ٿو ۽ پت تي تنهنجي اکرن ۾ لکيل، عيسيٰ ميمڻ ڏسي ڏاڍو مزو اچي ٿو. تنهنجي لاءِ بابو چئي پيو تہ "غريب آهي، آزار ۾ پئجي ويا (گهر سوڙو) پر تنقيد ڪان پوءِ چيائين تہ "اوهان بہ هن جي همت آهيو جو هن عمر ۾ هيڏي جستجو ۽ سائين جي ايم سيد جي نظريئي تي عمل راهہ! مون کي علي بخش بابت ٻڌاءِ خط لکيئن يا نہ؟ جهٽ ۾ قاضيءَ چيو " انهي (علي بخش) خط نہ لکيو اٿس. (خط لکڻ مهل) باقي توهان جي اها سٺي ڳالهہ آهي جو مختلف قيدين سان ملي انهي جي زندگيءَ بابت ڄاڻو ٿا ۽ مطالعو جاري رکو ٿا. جوابي خط ۾ ٿورو تفصيل سان جيل جي زندگيءَ جو احوال لکجانءِ. تنهن لاءِ چاچي الله ڏني (تنهنجي والد) هي ريمارڪس ڏنا.

خودی کو کر بلند اتنا، کہ ہر تقدیر سے پہلے،

خدا بندے سے خود پوچھے بتا تیری رضا کیا ہے۔

(اقبال)

منهنجو ياءُ عامر بنيءَ وٽ 50 روپين ۾ پڙهي ۽ مجيب اظهار ميراڻيءَ وٽ فري ۾. مان عادل ۽ مجيب کي حسابن جي Practice پريڪٽس ڪرائيندو آهيان ۽ اڪر لکي ڏيندو آهيان. آءٌ U.S.A سينٽر جو فيئر بوڪ به Complete ڪري ڇڏيو آهي ۽ باقي ٻن هفتن بعد ٽيسٽ آهي جنهن جي ڪوشش ڪري اڄ ڪان تياري شروع ڪندس ۽ پڪن جي دوڪان تي پڙ وڃان پيو. 8 تاريخ جولاءِ جي آڪسفورڊ تي امداد قاضيءَ جو اسوا طرفان ليڪچر منعقد ڪيو پيو وڃي. جنهن جي ٽاپڪ (گلوبلائزيشن جي دور ۾ سنڌي شاگرد جو مستقبل) جيڪا قاضيءَ خط ۾ غلط لکي آهي.

او يار مان تقريبن مهيني سوا ڪان شيوِ نه ڪرائي اٿم ۽ هر ڪو چوري ٿو Shave ڪراءِ جواب ۾ آءٌ ڪين چوان ٿو " پنج روپيا ڏي" يا "ڇا پلا تو تي تنهنجي ڳٽن تي آهي جو چوين ٿو ته ڏاڙهي ڪتراءِ" پر اڄ پاڻ ئي وڃي Clean Shave ڪرائيندس ڇو ته پاڻ کي ئي بُرو ٿو نظر اچان!؟ (نوٽ تصور ڪندا). هي خط گدوءَ جي دوڪان تي لکان پيو توکي ڏاڍا سلام پيو ڏئي ۽ بيحد بيحد سلامن ته ابا ۽ ادا جا سلام ياد پيا به قبول فرماءِ. شڪريه.

ارشد نواب ميراڻي

(83)

ڏوڪري

27_06_2001

دوست، عيسيٰ ميمڻ.

قومي قيدي سينٽر جيل سکر.

السلام عليڪم!

توهان جا خط گهٽن ايلازن کان پوءِ اج تاريخ 27 جون تي راشد! وٺان پڙهڻ لاءِ مليا جڏهن تون راشد ڏي خط لکيو هو تہ مون کي امام بخش ٻڌايو هيو تہ عيسيٰ راشد ڏي خط لکيو آهي انهيءَ لاءِ ٻئي ڏينهن راشد مليو انهيءَ کان تنهنجو حوال پڇيم جنهن چيو تہ عيسيٰ خط لکيو آهي توڏي سلام موڪليا اٿئين. مون راشد کي چيو تہ خط ڪٽي اچجانءِ تہ پڙهان جنهن چيو نيڪ آهي مان ڪٽي ايندس. مگر انهيءَ کي ڪجهہ ڏينهن گذريا تہ مون پڇيو مانس تہ خط اجان ڪو نہ ڪٽي آئين چيائين مون کان ڳالهہ وسري وئي. انهيءَ تي مون راشد سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو. جنهن تي راشد ڪِلي چيو تہ اهڙي ڳالهہ ڪو نہ آهي. جڏهن تہ مون کي ڪاوڙ بہ هئي مون ڳالهہ مٿائي ان کان پڇيو تہ ڪيڏانهن پيو اچين جنهن چيو تہ عيسيٰ جي پيءُ ڏانهن موٽي رهيو آهيان انهيءَ مهل مان عرفان موربي سان چڪر تي نڪتو هيس تہ راشد، احمد جي هوٽل کان مليو جنهن مون کي چيو تہ يار معافي ڏي سپاٽي ڪيئن بہ ڪري عيسيٰ جا خط ڪٽي ايندس. مون چيو نيڪ آهي ۽ چيومانس تہ سپاٽي گڏجي عيسيٰ جي پيءُ ڏي هلنداسين. انهيءَ لاءِ اج ٻئي ارشد ۽ راشد ٻئي گڏجي آيا ۽ تنهنجا خط پڻ ڪٽي آيو جنهن کان پوءِ تنهنجي سچي حال جي خبر پئي. انهيءَ لاءِ هاڻي گهر ڏي ڪو خيال نہ ڪجانءِ اج مان چاچي سان ملڻ ويندس جيڪا مون کان مدد ٿي سگهي اها بہ ڪندس ۽ جيڪڏهن ڪنهن بہ

شيءَ جي ضرورت پئي تہ مان وٺي ڏيندس. تون ڪنهن بہ ڳالهہ کان نہ گهبرائجانءِ. جيڪو تون قوم لاءِ جذبو رکين ٿو هن ننڍي عمر هوندي بہ هيڏو وڏو ڪم سرانجام ڏنو آهي انهيءَ لاءِ خدا توکي انهيءَ ۾ ضرور ڪامياب ڪندو. ڇو تہ خدا ڪڏهن بہ ڪنهن جي محنت ڪو نہ وڃائيندو آهي. انهيءَ توهان (جسقم) وارن جيڪا پنهنجي گهر وارن جي پرواهہ نہ ڪندي خاص ڪري تون جو پنهنجي گهر جو تون پاڻ اڪيلو فرد آهين جو پنهنجي گهر وارن بغير ڪنهن پرواهہ جي ڇڏي ويو آهين. انهيءَ لاءِ بہ وڏي دل گهرجي ٿي. باقي توتي جيڪي تنقيد ڪن ٿا، انهن جي توکي پرواهہ ناهي ڪرڻي ڇو تہ هر ڪو پنهنجي قبر پاڻ ڇڏائيندو آهي.

باقي تنهنجي مون ڏي هڪ نہ پر ڪوڙ ساريون مياريون هونديون ڇو تہ مان توڏي اچي ڪو نہ سگهيو آهيان انهيءَ لاءِ تون منهنجي مجبورين کان آگاهہ آهين. ڇو تہ اجان مان تو وانگر دلير يا آزاد ڪو نہ ٿيو آهيان. خير تنهنجو ساريون ميارون مون کي قبول آهن. بس خدا توکي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ڪري ۽ خير سان تون پنهنجي والدين سان اچي ملين ڇو تہ اسان کي بہ سڪ لڳي آهي. هونءَ تہ تنهنجا پيءُ ماءُ ۽ ڀينر ڀائر جن سان تون ننڍپڻ وٺي گڏ رهيو آهين شايد انهيءَ سڀنن کان هي ڀهريون ڀيرو جدائي هوندي ۽ خبر اٿئي تہ ڀهرئين جدا ئي ڪيڏي نہ ڏکي هوندي آهي. انهيءَ جي مون کي سُڌ آهي. هونءَ ڀين ساٿ ڇڏي وئي وري بي ڪنئي آهي ڇو تہ انهيءَ ڀين کي جدائي جي ڳالهہ پسند نہ هئي ۽ انشاءَ الله تون جلد اسان سان پنهنجي والدين سان گڏ هوندين انهيءَ دعان سان جتي بہ هجو سُکيا هجون اسان جي دعا اِها.

توهان جو پنهنجو دعاگو

**منير "ايس" سومرو**

(84)

ڏوڪري

24_06_2001

منهنجا عيسيٰ

جوائنٽ سيڪريٽري

سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪري.

مون کي شديد احساس آهي تہ مان ادبي سنگت طرفان تو لاءِ ڪو بيان بہ اخبار ۾ نہ ٿو ڏئي سگهان. ڪجھہ هٿ ٺوڪين اصولن جي بنياد تي جن کي نہ چاهيندي بہ مڃڻو ٿو پوي. ان لاءِ معذرت. مون کي پڪ آهي تہ تون ڪِٿُ آهين ۽ توکي سُرو نہ ٿو ڪائي سگهي, جڏهن ڪان تون جيل ويو آهين مان اهوئي سوچيندو آهيان تہ تون جيل ۾ آهين؟ تنهنجي والد صاحب سان ملڻ جلڻ آهي ۽ مون اهو بہ چيومانس تہ ڪوئي بہ ڪم هجي تہ حجاب نہ ڪجو. راشد تو واري سلسلي کي هلايون پيو اچي. سحر خوش نصيب ٿو سمجهان جنهن جو Sir باغي آهي. اي رولو ڇورا ماڻهو توسان پيار ڪرڻ لڳا آهن ۽ مان بہ. پر ٿورو سرس. ڪو ڪم هجي تہ ضرور چٺي لکجانءِ.

تنهنجو

**حاڪم مڱريو**

(85)

ڏوڪري

29_06_2001

پيارا عيسيٰ!

خط مليو پڙهي سرهائي ٿيم. اڄ مان ڏاڍو خوش آهيان ڇو تہ تون پنهنجي نظريي تي اٽل رهيو آهين. اهائي منهنجي وڏي ۾ وڏي ڪاميابي جو تو جهڙو دوست ملي پيو. جيڪو باهمت، خود اعتماد ۽ جرئت مند آهي. بلڪل سيد وانگي جنهن هڪ آدرش حاصل ڪرڻ لاءِ پوري زندگي وقف ڪري ڇڏي. اهائي وڏي ڳالهہ هوندي.

چاچي وارن جي لاءِ ڳڻتي نہ ڪجان، ڇو تہ هو مطمئن آهن. سڀني دوستن پاران سلام.

تنهنجو ساڳيو ئي

**امام بخش ڀُٽُ**

(86)

ڏوڪري

22_06_2001

پيارن کان پيارا عيسيٰ ميمڻ

السلام عليڪم!

ڪافي ڏينهن ٿي ويا آهن ته ملاقات نه ٿي سگهي آهي. تنهنجو روز صبح جو اچڻ ته وسري ئي نه ٿو. ڪيئن صبح جو ايندي هئين ٻئي هڪ ئي اسٽول تي ويهندا هياسين. (فلمن ۾ اڪثر اداڪار اهو استعمال ڪندا آهن ته هن سان گذاريل شامون مان ڪيئن وساريان. پر هتي وري ان جي ابتڙ آهي اهو هينئن ته مان توسان گذاريل صبح ڪيئن وساريان. عيسي! تو کي چڙ ڏاڍي لڳي هوندي جو مان توهان ڏانهن خط نه لکي سگهيس. سو ڪاوڙ جَهڪي ڪر ته حقيقت ٻڌايانءِ. ڪجهه ڏينهن مون هڪ خط لکيو هيو پر بدقسمتيءَ سان اهو خط تو تائين نه پهچي سگهيو چوندا آهن ته (ڏکي کي ڏک ٻه گهڻا) بهرحال تون پنهنجو حوال ڏي ڪيئن ٿي جيل جي زندگي لڳي؟ هڪ ڳالهه ته مون کان وسري وئي اُها اِها ته رڳو تون اڪيلو جيل ۾ نه آهين پر هر هڪ سنڌي مختلف حوالن سان قيد ۾ آهي پر ڪا ڳالهه نه آهي. نيٺ ته پڃرو پرزا ٿيندو پوءِ پکيڙڙو وطن تي ويندو. ٻيو خير وڏيڪ حالَ احوالَ روبرو ٿيندا.

هڪ ڳالهه ٻڌُ جيل ۾ رهي گهٽي کان گهٽو سِڪُ ته قيد چا آهي؟ 15 کان 20 ڏينهن جيل ۾ گذاري منهنجي پيٽ ۾ تمام اذيت ناڪ تڪليف سَهي وڏو ڪارنامو تون ڪري ڏيکاريو آهي. پر رابندر ناٿ ٽئگور جي پيٽ ۾ ته اها تڪليف اُٺ جي پرسان ڪِولِ بيٺل تي لڳي. عيسيٰ جيل ته ڳالهه هئي نه آهي. اسان کي ته اجان گهاٽِن ۾ پيسجٽوءِ زهر جا پيالا پيئڻا آهن. عيسيٰ ٻڌُ بور ته نٿو ٿئين نه؟ چڱو ڪِلُ ته موڪلايون.

خدا حافظ

**بني يان**

(87)

ڏوڪري

15_06_2001

پيارا عيسيٰ!

سلامت رهو!!......

توهان جا خط راشد معرفت پڙهڻ لاءِ مليا. پيارا مون کي بيحد فخر محسوس ٿي رهيو آهي تہ سائين جي ايم سيد جي خواب کي حقيقت جو روپ ڏيڻ لاءِ تون ۽ تو جهڙا هزارين ڪارڪن ”محترم بشير خان قريشي“ جي اڳواڻيءَ ۾ سندرو ٻڌي ميدان ۾ لهي پيا آهيو ۽ ان سان گڏ اهيو افسوس پڻ اٿم تہ هن ماتا ڌرتي جي وجود جي بقا لاءِ هلندڙ جنگ ۾ اڃان تائين توهان جو ساٿ نہ ڏئي سگهيو آهيان. جنهن لاءِ تاريخ مون کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندي ۽ ضمير پڻ ملامت ڪندو رهندو.

عيسيٰ هر ماءُ، پيءُ جي خواهش هوندي آهي تہ سندن اولاد سُڌري هڪ عظيم منزل ماڻي ۽ معاشري ۾ سندن رتبو اعليٰ هجي. دوست ديس جي وجود جي بقا لئہ وڙهندڙ جيڪڏهن مارجي وڃي تہ ”شهيد“ پر جي فتح ماڻي تہ ”غازي“ سڏبو آهي. پر ديس جي وجود جي بقا لاءِ جنگ ڪرڻ کان اڳ ۾ والدين جي اجازت ضروري آهي. توهان بہ شايد چاچا سائين جو ناراضپو ڪٽي نڪتا هُيئو. انهيءَ ڳالهہ جو بيحد افسوس اٿم. توهان جي وڃڻ کان پوءِ 11 جون تي ڪارڪنن تي تشدد ٿيڻ، ڪجھ ڪارڪن زخمي ٿيڻ ۽ هڪ نوجوان شهيد ٿيڻ جو ٻڌي تمام گهڻي پريشاني ٿي. ٻيو اهيو خوف ورائي ويو تہ ڪٿي توهان تي بہ تشدد نہ ڪيو ويو هجي ۽ توهان جا والدين بہ تمام گهڻو پريشان ٿيا آهن. مگر 12 جون تي توهان جو خط مليو. جيڪو پڙهي سموريون پريشانيون دور ٿي ويون ۽ وري ڪجھ دوستن بہ توهان جي خيريت جي خبر ڏني. جنهن کان پوءِ اسان

چاچا سائين کي وچي توهان جو خط ڏنو ۽ ان کي مطمئن ڪيوسين ۽ وري سارنگ ماڇي به ان کي دلاسا ڏئي ويو هيو. هو پوري طرح مطمئن هو ۽ توهان جا سڀ گهر وارا به مطمئن آهن. رات چاچا مليو ۽ ان سان وري ڪچهري ڪئي. ان چيو ته جيڪڏهن عيسيٰ ڏانهن خط لکو ته ان کي چئجو ته جيڪڏهن ميدان ۾ لٿو آهين ته مڙس ٿي مُنهن ڏجان (مقابلو ڪجان). متان پاڙيو ٿي پوين، مون کي ۽ دوستن کي لڄائي وجهين. تون ته پوءِ به پنهنجي ديس ۾ آهين. اسان ته سعودي ۾ به جيل ڪاٽيا ۽ هن ديس جي آزاديءَ لاءِ آئون هڪ ته ڇا پر هزارين عيسيٰ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. هاڻي هو تمام گهڻو خوش آهن ۽ دوستن جو پريشانيون به دور ٿي ويون آهن. وڏيڪ لاءِ منهنجي طرفان ڪنهن مدد جي ضرورت هجي ته آئون حاضر آهيان ۽ خط لکجان ۽ بيو ته مون ”ارتقا جي ڪهاڻي“ پڻ پڙهي پورو ڪيو. هاڻي ته يقين ٿي ويو اٿم ته همراهه جو ڪو به وجود نه آهي ۽ اهو صرف تصور آهي. توهان جي عظمت کي سلام آهي جو مون جهڙي Absent Minded ماڻهو کي توهان اونداهه مان ڪڍي روشني ۾ آندو آهي.

راشد ۽ بني سان به هر روز ملندو آهيان ۽ اسان جي گفتگو جو اڪثر موضوع توهان هوندا آهيو. توهان جي وڃڻ کان پوءِ رات جو ارشد وارا به ڪچهريءَ تي نه ٿا اچن ۽ مان به واندو ويهي تنگ ٿي پوندو آهيان ۽ توهان جي وڃڻ کان پوءِ منهنجي Study به رڪجي وئي آهي. هاڻي جلدي ٻاهر اچ چو ته تون هڪ واعدو به ڪيو هيو. جيڪو به نه پاڙيو اٿئي. ياد اٿئي يا نه ”مائو ڪارائڻ وارو“؟!!! باقي هتان جي ڪا به ڳڻتي نه ڪجان. توهان جا والدين به خوش آهن. ڪاش توهان جي والدين جهڙا منهنجا والدين هجن. جي هِن ڌرتي جي وجود جي بقا لاءِ هلندڙ جنگ ۾ مون کي به وڙهڻ (حصو وٺڻ) جي اجازت ڏين پر هو ائين ڪو نه ڪندا.

Sir Anwar ٻـ توهان جو هر روز پڇندو آهي توهان کي"جيئي سنڌ" چيو اٿس.

نوٽ: هن خط ۾ جيڪڏهن غلطيون هجن تہ انهن جي نشاندهي ڪجانءِ ۽ مون کي معاف ڪجان. ڇو تہ مون جهڙي Absent Minded ماڻهو وٽ لفظن جو هڪ محدود ذخيرو آهي. جيڪو هِن خط ۾ استعمال ڪيو اٿم. پر اجان لفظن جي مون وٽ تمام گهڻي کوٽ آهي. جنهن لاءِ اميد اٿم تہ زندگي جي هر موڙ تي رهنمائي ڪندو رهندين. هميشہ حق ۽ سچ واري واٽ ڏسيندو رهندين. وڏيڪ بحث مباحثا ۽ ڪچهريون تنهنجي ٻاهر اچڻ کان پوءِ ٿينديون. في الحال اندر آرام ڪري وٺ. متان اهڙو سڪون نہ وري نصيب ۾ نہ اچئي, جيل ۾ آرام ڪرڻ جو ٻـ پنهنجو مزو اٿئي. وڏيڪ لاءِ موڪلاڻي ڪانهي پر موڪلايون ٿا وري ملڻ لئہ. جيئي سنڌ.

سنڌ مقدس عقيدو ايمان آ,

سنڌ گيتا, سنڌ انجيل ۽ قرآن آ.

تنهنجو ساٿيو

امام بخش ٻُٽ

(88)

ڏوڪري
24_06_2001

يارَ عيسيٰ!

اج توکي جيل ۾ ٻيو هفتو پورو ٿي ويو آهي. خبر ناهي تہ آخر توهان کي آزاد ڇو نہ ٿا ڪن ۽ تون دڪان جي اڳيان لنگهندو هئين تہ پوءِ چرچا ڪندا هئاسين. جڏهن کان تون ويو آهين تہ دل بہ بي چين ٿي پئي آهي. منهنجو ارادو هيو تہ خط پٽ ئي لکانءِ تہ ڪير تو ڏانهن ملاقات ڪرڻ ڪير ٿو اچي يا ڪير نہ. بهرحال مون کي معاف ڪجانءِ. اهي بہ راشد جون مهربانيون آهن جو مون کان وٺي توهان ڏانهن موڪلڻ لاءِ خط ورتو اٿئين. وڏيڪ پنهنجي حال کان واقف ڪندو رهہ. الطاف مڱڻهار چيو تہ شڪر الحمد الله جو جيل پئين. ڇو جو هاڻي پڪو ڪامريڊ ٿيندين. سڀني سنگت لاءِ سلام.

تنهنجو سارينڌڙ

**عبدالغفار ڪنڀر**